[تاريخي دستاويز]

ايم آر ڊي

تحريڪ



قمر ابڙو ڪيٽ

سڪلتا
پبليڪيشن

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ايم آر دي تحريڪ

[تاريخي دستاويز]

بيو چاپو

قمر پٽي

ايڊووڪيٽ

سقلتا

پبليڪيشن، حيدرآباد

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب نمبر: 12

ڪتاب جو نالو: ايم آر ڊي تحريڪ
موضوع : تاريخ
ليکڪ/محقق: قمر ڀٽي ايڊووڪيٽ
ڪمپوزنگ: نئون نياپو ڪمپوزرس
ٽائيٽل ڊزائين: عباس ڪوريجو
پهريون ڇاپو: 1984ع
ڇپائيندڙ : شهيدان سنڌ سوسائٽي
ٻيون ڇاپو : 2022ع
ڇپائيندڙ : سڳلتا پبليڪيشن، حيدرآباد
E-11 ايس آر ٽي سي ڪالوني سامهون انڊس هوٽل ٽڏي
سڙڪ حيدرآباد
Cell:03333788478
Email: safalta.mag@gmail.com

M R D Tahreek
(History)
Qamar Bhatti Advocate
Year : 2022
Published by: Saphalta Publication Hyderabad

ڪتاب ملڻ جا هنڌ،
ڪنول پبليڪيشن& بڪ شاپ سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو ـ حيدرآباد.
سمبارا ڪتاب گهر، حيدرآباد. پتائي بڪ اسٽور حيدرآباد ـ ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد ـ
رومي ڪتاب گهر، گدو چونڪ حيدرآباد ـ دانيال ڪتاب گهر، قاسم آباد. حيدرآباد
نئون نياپو ڪتاب گهر، سجل ڳوٺ ڪراچي.
ـ مرڪ پبليڪيشن هائوس، ڪراچي ـ ڪانيواڙ بڪ شاپ اردو بزار ڪراچي
سنڌيڪا بڪ شاپ لاڙڪاڻو ـ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. المعراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ ـ سليمان
برادرس، نواب شاه ـ مدني بڪ اسٽور، دادو سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر ـ سارنگ ڪتاب گهر، سکر ٽرڪتاب
گهر، مني ـ خالد بجير، عمر ڪوٽ ـ سنڌ بڪ اسٽور پڪا چانگ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پهرين ايڊيشن جو

انتساب

انهن قربانين جي ڪُونڌرن ۽ بيباڪ سنڌي شهيد ڀُوناڻن جي نالي
جن پنهنجو سر سهائي، هولناڪ هٿيارن آڏو سينو تاڻي سنڌ جي غيرت ۽ عزت رکڻ لاءِ پنهنجو ڪنڌ ڪپائي، فوج سان مڙساٽيون چوٽون کاڌيون ۽ تاريخ ۾ جي صفحن تي پنهنجي ريٽي رت جا لافاني نشان ڇڏيا ۽ سنڌ جو دنيا ۾ ڀَڳاڻ اوچو ڪيو

Roll Call of Honour

گهوٽ نہ مرندا موت سين، مُرڪن ڪنڌ لٽي،
ڪوٽ جنين ڪاپار ۾ تڏهن بہ ڪنڌ مٽي،
سرن کي ستي، سنڌڙي ڪوٽ اڏي ويا.

قمر پٽي ايڊووڪيٽ

بيئن ايڈيشن جو

انتساب

ايڪهين صديءَ ۾ سنڌ جي لاءِ سر ڏيندڙ
شهيدن جي نالي

سنڌ جي نثري ڪيڏاري جو سرجٹھار قمر پٹي

هن ڪتاب "ايم آر ڊي تحريڪ" جي مواد پڙهڻ سان مڃڻو ٿو پوي تہ قمر پٹيءَ هيءَ ڪتاب لکي پاڻ کي سنڌ ماتا جو سچو ۽ حقيقي فرزند ثابت ڪيو آهي. هن قسم جي مواد کي اسان نثري ڪيڏارو چئي سگهون ٿا. سنڌ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ڪي سنڌي ۽ سنڌ جي دشمن سان وڙهندي، شهادت ماڻي امر ٿي ويا آهن. تہ ڪي سنڌ جي حقن ۽ سنڌيت تي لکندي پنهنجي قلم جي حوالي سان امرتا ماڻيندا آهن. ائين جئين سرمد، دُولهہ دريا خان، ۽ دودو سومرو تاريخ ۾ امر ٿي ويا آهن، جن ۾ هوشو روپلو هيمون ڪالاڻي ۽ اچي وڃن ٿا. ليڪڪ حقيقت ۾ سنڌوءَ جي ساڃي ڪناري تي ويهي سنڌ جي تاريخ جا سونهري باب ويهي لکيا آهن. ائين جئين سنڌ جي مها پرش رشين سنڌو نديءَ جي ڪناري سان ويهي، دنيا جي پراڻن ۾ پراڻا وبد ويهي رچيا هئا. ايم آر ڊي هلچل مان سچ پچ خير پور ناٿن شاهہ ، ڳوٺ پنهل خان چانڊئي ۽ لاکاڻ جي شهيدن جا عڪس ۽ اولڙا نظر اچي رهيا آهن.

مخدوم بلاول، شاهہ عنايت ۽ قمر پٹيءَ سميت اسان سنڌ واسي ان سنڌ ملڪ جا رهواسي آهيون، جيڪو ملڪ پوري دنيا جي انهن ٽن ملڪن ۾ شامل ڪيل آهي، جن جي تهذيب کي دنيا جا ڏاها ۽ ذات ڏٽي قديم ۽ عظيم تهذيبون ظاهر ڪري ويا آهن. سوين سال اڳ، انهن ڏاهن ۽ عالمن، فاضلن ۽ ڀيڙين، ائن، گهوڙن ۽ خچرن تي سفر ڪري، دنيا جي هر ملڪ جي شاعرن، تاريخدانن، محققن ۽ نثر نگارن سان ڪچهريون ڪري، سندن ڏنل جوابن کي تيار ڪيل ڪسوٽيءَ ٽي پرکڻ کانپوءِ، اهڙو فيصلو ڏنو هو. سندن فيصلي موجب هڪ قديم ۽ عظيم تهذيب مصر ملڪ جي آهي، جنهن نيل نديءَ جي ڪناري سان جنم ورتو هو، پي عراق جي تهذيب آهي، جنهن دجلا ۽ فرات ندين جي ڪناري سان جنم ورتو هو ۽ ٽين سنڌ

ملڪ جي تهذيب آهي. جا سنڌو نديءَ جي ڪنارن سان مالا مال ٿي هئي. جن ماڳن کي "مياڻيون" ۾ چيو وڃي ٿو.

قمر پٽي سنڌ جي باڊهه شهر جو رهواسي آهي. جنهن شهر کي پنهنجي تاريخ ۾ اهميت آهي. سندس ڪتاب اسان کي قائل ٿو ڪري. ته قمر پٽي اسان جي انهن سڃاڻ سرجٹهارن مان آهي. جي سنڌ جي تهذيب تاريخ ۾ تاريخي پس منظر جي چگي. خاصي ڄاڻ رکن ٿا. ايم ۔ آر۔ ڊي "جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ" سنڌين پاران فوجي آمر کي هٽائي. جمهوري نظام بحال ڪرڻ لاءِ اها هلچل ٿي گذري آهي. جنهن ۾ پنجاب ۾ وڏي سيڪڙو حصو ورتو هو جنهن جو خاص سبب جنرل ضيا جو پنجابي هجڻ هو جنهن فوجي ڏاڍائي ڪري. سنڌ جي شهيد ذوالفقار علي پٽي کي ڦاسي ڏياري هئي. جو سئو سيڪڙو غلط فيصلو هو. چاڪاڻ ته ڦاسي تڏهن ڏني ويندي آهي. جڏهن گواهه گواهي ڏين. ته هنن پنهنجن اکين سان ڏٺو ته ڦلاڻن قاتلن بندوقون هالائي. ڦلاڻي کي ماريو هو. يا ڪهاڙين سان قتل ڪيو هو. ۽ اهڙي گواهيءَ کي ڪن پڪن ثبوتن جي آڌار تي جج به قبول ڪن. ان ڪري ڦاسيءَ وارو فيصلو شهيد پٽي سان لاڳو ئي نٿو ڪري سگهجي. جنهن جو ٻيو سبب ستن ججن مان ٽن ججن پٽي صاحب کي بي ڏوهي ظاهر ڪيو هو جن مان هڪ سنڌ جو ٻيو بلوچستان جو ۽ ٽيون جج سرحد جو هو. چئن پنجابي ججن جي فيصلي تي شهيد پٽي کي ڦاسي گهات پهچايو ويو هو. جنهن جو هڪ سبب پٽي جو سنڌي هجڻ به هو.

جنرل ضيا جي مڙهيل آپي شاهيءَ ۾ هن پنجابين کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سگهارو ڪيو. ۽ سنڌين کي ڦاسي گهات پهچائڻ. گولين جو نشانو بڻائڻ. جيلن ۾ بند ڪرائڻ. ڏنڊ مڙهائڻ. زبانون ساڙائڻ. ٽانڊن تي بيهارڻ. هٿن ۽ پيرن ۾ ڪوڪا ٽوڪرائڻ. بجليءَ جي ڪرنٽ سان ڏنيائڻ ۽ وٽن ۾ ٽنگرائي سنڌين کي ڦاسي ڏيارڻ وارين حرڪتن ۾ رڌل رهيو.

قمر پٽيءَ جي لکت موجب. ضيا جي غير انساني حرڪتن ۽ عمل. دخل تي پنجاب وارا ته خاموش رهيا. پر باهرين دنيا سندس ظلمن جا بيانن ذريعي وکا پڌرا ڪندي رهي. جنهن ۾ ريڊيو جي نشريات. خاص ڪري بي ۔ بي ۔ سي. ايمنيسٽي انٽرنيشنل. اخبارون ۽ ٽيليويزن جا ذريعا اچي وڃن ٿا. ايتري قدر جو سياسي ميدان ۾ محترمه اندرا گانڌيءَ ڪانگريس

پارليامينٽ ذريعي ڳٽتي ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو هو ۽ پارٽ جي سنڌين ۾ جلوس ڪڍي، پارٽ سرڪار کي سنڌين جي قتل گيريءُ کي روڪرائڻ لاءِ وڏا وس ۽ واڪا ڪيا هئا.

جنرل ضيا پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو فوجي ٽي گذريو آهي، جنهن کي شهيد پٽي ڪيترن ئي سينيئر آفيسرن کي پوئتي ڌڪي، ڪيس اڳيان آندو هو ، جنهن احسان جو بدلو هن پٽي صاحب کي ڦاسي ڏئي چڪايو. ضيا اعلان ڪيو ته هن رات جي اونداهيءَ ۾ ها تفي آواز "فرشتي جو غيبي آواز" ٻڌو آهي، ته هو حڪومت جون واڳون سنيالي ضيا اقتدار تي قبضو ڪري، اعلان ڪيو ته نوي ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائي، هو اقتدار چونڊيل سياستدانن جي حوالي ڪندو. اڌي هاتفي آواز نوي ڏينهن کي يارنهن سالن تي پهچائي ڇڏيو، جنهن جو نتيجو جونڪرٽو هو، اهو دنيا ڏٺو ته جنرل ضيا لوهه ۽ پيٽرول جي باهه ۾ جلي خاڪ ٽي ويو ۽ ائين سندس وارثن کي ضيا جو ڪو هڏو به نه مليو.

ضيا جهڙي آمر کي باهه ۾ سڙي، رک ٽي وڃڻ واري ٽي سزا ملندي آهي، جنهن سنڌين کي ڳيا ڳيا ڪرائڻ سان ڏڪ، قمر پٽيءَ جي لکت موجب، پنهنجن فوجين هٿان اتي ۾ ڪيڙا وجهرائي، سنڌي قيدين کي اهو اتو جيلن ۾ ماني پچائڻ لاءِ ڏنو ويندو هو. دال ۾ پٽريون وجهي ڏيڻ، ڪچي ماني کارائڻ ۽ پاٽيءَ ۾ گٽر جو پاٽي ملائي، قيدين کي بيمار لاءِ ڏنو ٽي ويو. ضيا جا فوجي سنڌياڻين کان نه رڳو زيور ڦرڻ لڳا هئا، پر کين ننگو ڪري، مارڻ سان گڏ، سندن عصمت فروشي به ڪئي ويندي هئي. ميهڙ ۾ هڪ باگڙي فقيرياڻي فوجين جي نلڪي تان پاڻي پيرڻ وئي هئي، ته فوجين کيس وڙ سان هڏي سندس بي حرمتي ڪئي هئي ۽ فقيرياڻي ويچاري ليلائي. ليلائي اتي ئي موت جو ڪاڄ بڻي هئي. ڪنڊياري پرسان، هڪ سنڌياڻي زمين ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجن مردن ڏانهن ماني کنيو ٽي وئي، ته واٽ تي پنجابي فوجين سندس عصمت لٽي هئي، جنهن جو ڪو به داد، فرياد نه ٿيو هو.

اسان کي تاريخ ٻڌائي ٿي ته سيڪينڊ ورلڊ وار ۾ اهي پنجابي فوجي ئي هئا، جن ڪمبي شريف کي گولين جو نشانو بڻايو هو، جا ڪاروائي ثابت ٿي ڪري، ته پنجابي فوجي پنجن پئسن تي انگريزن وٽ

وکامندا رهندا هئا. اهي به پنجابي ئي هئا. جن مشرقي پاڪستان "هاڻوڪو بنگلاديش" ۾ ٻن لکن عورتن جي لڄ لٽڻ سان گڏ، ٽيهه لک بنگالين کي به اجل جو شڪار ٻڌايو هو.

هندستان ۾ ٽي دفعا ادبي ۽ ثقافتي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ سان، ۽ خاص ڪري، اتان جي مغربي پنجاب ۾ به وڃڻ ڪري، مونکي معلوم ٿيو، ته غير انساني عمل، دخل ۾، اتان جا پنجابي به پاڪستان جي پنجابين کان گهٽ ناهن. هو ڪمند جي پوک غلط طريقي سان پيسن ڪمائڻ ۽ عورتن جي عصمت لٽڻ لاءِ پوکيندا آهن، جنهن کي هو گرين ووڊ يعني "سبز ٻيلو" سڏين ٿا. واتهڙو ماڻهن کي زوريءَ ڪمند ۾ ڪٽي وڃي ڪائنون پئسا ڪمائيندا آهن، ۽ عورتن جي لڄ لٽيندا آهن.

قمر ڀٽيءَ ماڻهوءَ جي انت آڻڻ جون ٻه حقيقتون ڏاڍيون دلسوز لکيون آهن. هو لکي ٿو ته کين ٻن قسمن جي موت تي دل ۾ وڏو ڀڄجي ويندا آهن. ۽ سندس من ماتمي ٻڌجي ويندو آهي. هڪڙا اهي ماڻهو جي ٻين لاءِ جيئڻ سکيا آهن ۽ کين ماريو ٿو وڃي جن جي مارجڻ سان ڪائنات انساني خوبين کان خالي ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ٻيا معصوم ٻارڙا آهن، جن کي موت جي هنج ۾ سمهاريو وڃي ٿو. ان وقت ڪيس هن دنيا جي بقا مختصر نظر ايندي آهي.

اسان جي قمر ڀٽيءَ کي ماں ٻڌائيندو هلان، ته عراق تي وڌ ۾ وڌ عرصي لاءِ بينڪي راج قائم رکڻ لاءِ، آمريڪا جو صدر جارج بش عراق جي بغداد شهر سان گڏ، ٻين شهرن توڙي ڳوٺن ۾ هيليڪاپٽرن ذريعي ڪاڦي جون ڳوٽريون اڇلرائيندو آهي، جن کي هٿ ڪرڻ لاءِ عراق جا بکيا ٻارڙا ڊوڙندي ڊوڙندي جڏهن هٿ ڪندا آهن، ته ڪن ڳوٽرين ۾ بم هوندا آهن، جن جي ڦاٽڻ سان سوين ٻارڙا اجل جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. اها بش جي خاص موتمار پاليسي آهي ته جئين ننڍن ٻارن کي آساني سان ماري، عراق جي آبادي تيزيءَ سان گهٽائي. تيل جي ڪمائيءَ سان گڏ دنيا تي سندس ڏاڪو به رهي.

آخر ۾ ليکڪ جا ڪجهه اهڙا حوالا ڏئي، مهاڳ ختم ڪجي ٿو جي حوالي سنڌيت جي گلن ۽ گل ٻاٽين سان سينگاريل لڳن ٿا.

1) عدم تشدد جي علمبردار مهاتما گانڌيءَ چيو آهي. "تشدد بزدلي، خوف ۽ غلاميءَ کان بهتر آهي."

2) فوج به ملڪ کي قطعي بچائي نٿي سگهي، جا صرف شير شاهه جي شڪري وانگر گهر جا ڪڙ مارڻ ۾ ماهر آهي.

3) 1914 واري عالمي جنگ ۾ انهن ئي پنجابين انگريزن جي اشاري تي مسلمانن جي پاڪ مرڪز ڪعبت الله شريف تي نون روپين جي پگهار تي گوليون هالايون هيون.

4) ٽنڊي ولي محمد جي هڪ نابين دوست محمد لغاريءَ ۽ حيدر بخش پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو.

5) آسمان ڏانهن جنهن سان ٽوڪڻا ڇڏيا ويا، جيڪي جنرل ضيا جي هوائي جهاز سان وڄي ٽڪرايا.

6) بس ۾ ويٺل هڪ سنڌي ڳوناٽي جي ور مان جهڙتيءَ دوران هڪ دٻلي نڪتي. فوجين سمجهيو ته شايد ڪا ڪيميائي شيءِ يا ڪو گندرف آهي. پر اها ناس جي دٻلي هئي. دٻلي کولينديءَ هڪ فوجيءَ نڪ تي رکي سنگهي ته فوجيءَ کي قيراتيءَ سان گڏ نچون اچڻ لڳيون، جنهن تي سڄيءَ بس جا ماڻهو کلڻ لڳا. فوجي ڪاوڙجي پيا ته مٿس ڪليا چو؟ جنهن ڪري، ماڻهن تي تشدد ڪيو ويو.

7) ڪجهه ماڻهن ڪمند ۾ لڪي، جهازن تي فائر ڪيا، جنهن ڪري ضيا واري جهاز جي ٽانڪيءَ ۾ سوراخ ٿي پيو.

8) جيڪڏهن جنرل ضيا ٽاڪ منجهند جو هڪ وڳي نهاري چوي ته او هُو آسمان تي ڪٿي بيٺي آهي، ته وزير سڳورا همنوا ٿي چوندا: ها سائين برابر ٽيڙو به پرسان اٽس.

تاجل بيوس

ڪراچي

سائين جي ايم سيد کي
ڪورٽ ۾ پيش ڪيو يا ڪيس آزاد ڪيو

23 مهينا بغاوت ڪيس کي ٿي ويا، پر اڄ تائين سيد کي عدالت آڏو شنوائي تي آندو نہ ويو آهي. هر شنوائي تي جج جي نوٽيس جي جواب ۾ حڪومتي عملدارن کي نہ ڪو بهانو بڻائي عدالت ۾ جي ايم سيد کي پيش نہ ڪرڻ جو سبب پڇي ڄاڻايو آهي.

17 جنوري 1992ع تي سنڌ واسين سميت سڄي دنيا جي ماڻهن ڏٺو ۽ ٻڌو تہ جيئي سنڌ هلچل جي باني رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد ڪراچي ۾ پنهنجي جنم ڏينهن تي نشتر پارڪ ۾ لکين ماڻهن جي آڏو سنڌ ۽ سنڌين سان زيادتين، ظلمن، حق تلفين جو ذڪر ڪري سنڌ جي آزادي جي گهر ڪئي تہ سڀ سنڌ دشمن ڌريون ڪاوڙجي ٻيون، سنڌ جي آزادي جي ڀالهه ڪرڻ کي وڏو ڏوهه قرار ڏئي سائين جي ايم سيد کي طبيعت جي ناچاڪائي ۽ بزرگي جي باوجود سندس گهر کي سب جيل قرار ڏئي قيد ڪري ملاقات تي بندش وجهي ڇڏي. اهڙي قدم کڻڻ تي تڏهوڪي حڪومت کي ڪوبہ احساس ۽ شرم نہ ٿيو. عظيم قومپرست ۽ سچار انسان جي زبان مان نڪتل هڪڙو گفتو ۽ تقرير حڪومت کي ٽرٽلي ۾ وجهي ڇڏيو. سنڌ جي آزادي واري هڪڙي لفظ کان قومي دشمن ۽ استحصالي ٽولو ڪيڏو نہ ڊنل آهي. پاڪستان جي حڪمرانن کان وٺي اسيمبلي جي ميمبرن تائين، سينيٽ جي ميمبرن کان وٺي عدالتن جي ڪٿهڙي تائين هن ملڪ کان وٺي دنيا جي اخبارن، ريڊيين ۽ ٽيليويزنن تائين سنڌ ۽ سيد بابت بحث شروع ٿي ويا.

ڪيڏي نہ سچ ۽ سنڌ کي طاقت آهي جو سامراجي دلين ۾ ڏڪڻي ۽ قهري ڪوٽن ۾ ڌار پئجي ويا. سائين جي ايم سيد کي گرفتار ڪري سنڌ دشمنن ۽ وفاقي ايجنٽن جو اڃا هنيائ نہ ٿريو. وڌيڪ مطالبا ڪرڻ لڳا تہ جي ايم سيد ۽ ٻين تقرير ڪندڙن تي ملڪ خلاف بغاوت ڪرڻ جا ڪيس هلائي کين سخت سزائون ڏنيون وڃن. ڌارين ۽ سندن دلالن جي ان واويلا ۽ مخالفت ڪرڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ جا دشمن سائين جي وجود ۽ سندس سائين کان ڪيڏو نہ خوفزده آهن.

هڪ وڏي پلاننگ سان سائين جي ايم سيد ۽ سندس ساٿين تي بغاوت ڪيس داخل ڪيو ويو. ان جو باقاعده چالان ڪراچي جي دهشتگردي واري ڪورٽ جي جج قاضي محمد اڪبر فيبروري مهيني 1992ع ۾ حاضري رکي. عدالت جي جج حڪومت کي نوٽيس جاري ڪيو ته بغاوت ڪيس جي اسير جي ايم سيد کي حاضري واري ڏينهن آندو وڃي. سڄي دنيا جون اکيون عدالت ۾ ڪٽل هيون. ڏيهي پرڏيهي اخباري رپورٽر عدالتي ڪارروائي کي ڪور ڪرڻ لاءِ موجود هئا ۽ سائين جي ايم سيد به عدالت ۾ حاضر ٿيڻ ۽ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ تيار هيو پر اڳوٽي حڪومت جي چيف سيڪريٽري عدالت کي لکيو ته محترم جي ايم سيد کي ڪورٽ ۾ پيش نٿو ڪري سگهجي. چاڪاڻ ته سنڌ جي سنگين صورتحال جي پيش نظر فورس مصروف آهي. جج صاحب صوبي جي اعليٰ عملدار جي اهڙي سبب ٻڌائڻ تي ڪيس جي حاضري مارچ 1992ع تي رکي ۽ هوم سيڪريٽري سنڌ کي سختي سان لکيو ته ايندڙ حاضري تي محترم جي ايم سيد کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪيو وڃي پر هوم سيڪريٽري ڪورٽ سڳوري کي جواب لکي موڪليو ته فورس ڏاڙيلن جي پويان ويل آهي. تنهن ڪري محترم جي ايم سيد کي عدالت ۾ آڻي نه سگهياسون. اپريل 1992ع تي ڪورٽ آءِ جي سنڌ پوليس کي نوٽيس جاري ڪيو ۽ چيو ته اڳين ٻين اعليٰ آفيسرن کي لکي چڪو آهيان پر انهن عدالت جي حڪم جي پوئواري نه ڪئي هاڻي توهان ڪورٽ جو بول بالا رکي محترم جي ايم سيد کي عدالت ۾ آڻيو.

آءِ جي سنڌ پوليس حاضري واري ڏينهن ڪورٽ کي لکي موڪليو ته صوبي مان چيني انجنيئر اغوا ٿي ويا آهن. سڄي پوليس انهن کي بازياب ڪرائڻ ۾ رڌل آهي. تنهن ڪري جي ايم سيد صاحب کي عدالت ۾ پيش نٿو ڪري سگهجي. جج صاحب وري مئي 1992ع تي حاضري رکندي ڪمشنر حيدرآباد کي لکيو ته توهان کا مڙسي ڪيو. عدالت اسير کي ترت انصاف مهيا ڪرڻ لاءِ انتظار ۾ آهي. هن شنوائي تي محترم جي ايم سيد کي ضرور پيش ڪيو. حاضري جو ڏينهن آيو ته تڏهوڪي ڪمشنر عدالت کي ڄاڻايو ته حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي ۾ لساني فسادن جي اندیشي سبب پوليس کي هوشيار رهڻ جو حڪم ڏنل آهي. تنهن ڪري مجبور آهيون. جي ايم سيد کي عدالت ۾ پيش ڪري نٿا سگهون. جج صاحب اهو انوکو سبب ٻڌي وري ڏي آءِ جي

حيدرآباد کي نوٽيس جاري ڪيو ته اوهان ڪيئن به ڪري مسٽر جي ايم سيد کي جون مهيني ۾ عدالت آڏو حاضر ڪرڻ جو بندوبست ڪيو.

ڊي آءِ جي پوليس جج صاحب کي لکيو ته عدالت جو حڪم اکين تي پر وزيراعظم پاڪستان حيدرآباد ۾ پڪي قلعي جي پناهگير متاثرين ۾ رقم ورهائڻ لاءِ اڇي رهيو آهي. پوليس ڊيوٽين تي ايمرجنسي جي ڪري روڊن تي گشت ۾ مصروف آهي. تنهن ڪري جناب جي ايم سيد کي عدالت ۾ پيش نٿا ڪري سگهون. جج صاحب حڪومت جي اعليٰ عملدارن جون مجبوريون ۽ مصروفيتون ۽ ڪورٽ جو وقار مجروح ٿيندي ڏسي. وري 22 جولاءِ 1992ع تائين بغاوت ڪيس جي شنوائي ملتوي ڪئي ۽ دادو ضلعي جي ايس پي کي لکيو ته هن حاضري تي جيڪڏهن مسٽر جي ايم سيد کي عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو ته انتظاميا جي خلاف سخت قدم کنيو ويندو ۽ توهان کي به توهين عدالت جو مرتڪب قرار ڏنو ويندو. پر تڏهوڪي ايس پي دادو مليل هدايتن تي عمل نه ڪندي ۽ عدالت جي پرواهه نه ڪندي عدالت کي لکي موڪليو ته سنڊو درياهه ۾ دادو وٽان ٻوڏ جو وڏو خطرناڪ وهڪرو لنگهي رهيو آهي. ان ڪري پوليس بچاءَ بندن جي نگراني ۾ مصروف آهي. امڪاني صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي. تنهن ڪري محترم جي ايم سيد کي ڪورٽ ۾ آڻڻ کان قاصر آهيون. جج صاحب ماحول کي ڏسي وري آگسٽ 1992ع تي حاضري رکي ۽ آءِ جي جيل کي لکيو ته محترم جي ايم سيد اوهان جي دادو جيل جي تحويل ۾ موجود آهي. اهو اسير هن عدالت ۾ چالان ٿيل آهي. تنهن ڪري توهان محترم جي ايم سيد کي عدالت ۾ حاضر ڪرڻ جي ذميداري قبول ڪيو نه ته عدالت توهان کان پڇاڻو ڪندي. شنوائي جو ڏينهن آيو ته آءِ جي جيل جج صاحب کي تار موڪلي اطلاع ڏنو ته جيلن ۾ اوچتو جهڳڙا ۽ فساد پڙڪي پيا آهن. آئون شورش زده جيلن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ رڌل آهيان. تنهن ڪري محترم جي ايم سيد کي اوهان جي عدالت ۾ پيش ڪرائي نٿو سگهان. جج صاحب بغاوت ڪيس جي حاضري ملتوي ڪري سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهيني جي گڏيل حاضري آڪٽوبر ۾ 1992ع تي رکي ۽ سڌو دادو جيل انتظاميا کي سختي سان تنبيهه ڪئي ته محترم جي ايم سيد دادو جيل سپرنٽينڈنٽ جي نگراني ۾ سب جيل سن ۾ نظربند آهي. ان کي ڪيئن به ڪري عدالت ۾ حاضر ڪيو وڃي نه ته توهان خلاف عدالت سخت قدم کڻندي. عدالت جي ان نوٽيس

دادو جيل انتظاميا کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو جنهن مٽي آقائن کي رجوع ڪيو ته ڇا ڪجي. آخر حاضري واري ڏينهن سائين جي ايم سيد کي پيش ڪرڻ بجاءِ خود دادو جيل جو جيلر عدالت ۾ پيش ٿي چيو ته دادو جي ايس پي کي فورس مهيا ڪرڻ لاءِ لکيو ويو پر دادو جي ايس پي چيو ته پوليس دادو مان اغوا ٿيل ماڻهن کي ڇڏائڻ لاءِ ويل آهي. تنهنڪري فورس نه مليو ان ڪري جي ايم سيد کي عدالت ۾ آڻي نه سگهياسون.

جج صاحب جيل انتظاميا جي ڪيل ڪوشش ۽ مجبوري کي مدنظر رکندي حاضري ڊسمبر 1992ع تي رکي ۽ جيل انتظاميا کي چيو ته جيڪڏهن دادو ايس پي فورس مهيا نه ڪري ته جيل جي پوليس جي ايم سيد کي وٽي عدالت ۾ حاضر ٿئي نه ته دادو جيل جي سپرنٽينڈنٽ کي قصور وار سمجهيو ويندو ۽ مٿس قدم کنيو ويندو. جڏهن ڊسمبر مهينو آيو ته حاضري واري ڏينهن تي سپرنٽينڈنٽ جيل هڪ تار موڪلي جج صاحب کي اطلاع ڏنو ته دادو جيل تي شر پسندن ڏاڪيدار بم سان حملو ڪيو آهي. جنهن ڪري قيدين جي پڄڑ کي روڪڻ لاءِ جيل پوليس چوڪس ۽ ڊيوٽين تي موجود آهي. هنگامي حالتون نافذ آهن. تنهن ڪري جي ايم سيد کي عدالت ۾ آڻي نه سگهياسون ان لاءِ عدالت کان معذرت طلب آهيون. سائين جي ايم سيد کي ابتدائي انصاف کان محروم رکي وڏي ناانصافي ڪئي وئي آهي. هڪڙي ڏينهن هڪڙي ڪلاڪ هڪڙي گهڙيءَ لاءِ به عدالت آڏو پيش نه ڪيو ويو آهي. 1992ع جا ٻارنهن مهينا ائين گذري ويا. هر مهيني حاضري رکي وئي پر عدالت کي انتظاميا مختلف عذر ڏئي سيد صاحب کي پيش نه ڪيو هاڻي 1993ع سال به پورو ٿيڻ وارو آهي. هن حڪومت کان پڇون ٿا ته آخر ڪهڙي مصلحت تحت سائين جي ايم سيد کي عدالت آڏو نٿو پيش ڪيو وڃي. اڳوٽي حڪومت طرفان گرفتار ۽ نظربند ڪيل سائين جي ايم سيد کي هڪدم آزاد ڪري ڪنيل غلط قدم جو ازالو ڪيو وڃي. يا سائين جي ايم سيد جو ڪليل عدالت ۾ ڪيس هلائي ڪيس موقف بيان ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي جيئن انصاف جون گهربل تقاضائون پوريون ٿين.

پاڪستان جي قانون ۾ قاتلن کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جي گنجائش آهي ته پوءِ هيڏي وڏي سياسي شخصيت کي مسلسل نظربند رکي پريشان ڪرڻ ۽ ذهني اذيتون ڏيڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟

هن وقت پنهنجي حمايتي جوابدارن کي حڪومت وارا اغوا، قتل حملن ۽ ملڪ خلاف سازشون ڪرڻ جي الزامن جي باوجود ڪورٽ ۾ پيش ڪري سگهن ٿا ته سائين جي ايم سيد کڻڙو ڏوهه ڪيو آهي جنهن کي قيد بند جون صعوبتون ڏنيون پيون وڃن. عدالتن ۽ انصاف کي سياسي لاءِ گڏيل استعمال ڪيو وڃي. سائين جي ايم سيد کان حڪومت ڏنل ان ڪري آهي ته متان عدالت ۾ سچ اڇالهائي. هڪ سچار قومپرست عدالت ۾ به سنڌين ۽ سنڌ جي آزادي جي اڇالهه ڪري پنهنجي وفاداري جو هڪ وڏيڪ ثبوت ڏئي سنڌين جون دليون کٽي ۽ دنيا جون اکيون کرلي چڏيندو.

ڏٺو ۽ پڙهيو آهي ته دنيا جي هر انقلابي ليڊر کي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ ڏارئي دشمن جي قائم ڪيل ڪورٽ ۽ جيل مان ضرور گذرڻو پيو آهي. عدالتن تي هميشه انتظاميا حاوي رهڻ ڪري پنهنجا من پسند فيصلا ڪرائي بيباڪ انسانن ۽ محب وطنن کي سزائون ڏيارينديِ رهي آهي.

عدالتن جي ناانصافين جي فهرست تمام ڊگهي آهي. تاريخ اڄ تائين ان جي ماتم کان فارغ نه ٿي سگهي آهي. اسان کي ان ۾ حضرت عيسيٰ ع جهڙو امن پسند انسان به نظر اچي ٿو جو پنهنجي دور جي اجنبي عدالت آڏو چورن سان گڏ بيهاريو ويو هو. اسان کي ان ۾ سقراط ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن کي صرف ان ڪري زهر جو پيالو پيئڻو پيو هو ته هو پنهنجي دور جو سچ کان سچو انسان هو. اسان کي ان ۾ شاهه عنايت، مخدوم بلاول، نظر اچن ٿا . جيڪي وقت جي ڏارين حڪمرانن جي چاڙڻن جي فتوائن ۽ چرچ تي ماريا ويا.

اهڙين عدالتن آڏو گليلو، مهاتما گانڌي، دي ميتروف، سپاش چندر بوس، جواهر لعل نهرو، ابوالڪلام آزاد، فيڊرل ڪاسترو، خان غفار خان، شيخ مجيب الرحمان به نظر اچن ٿا، جن پنهنجن مظلوم قومن جي رهنمائي ڪندي ڪورٽ جي ڪٺهڙن ۾ بيهڻ تي فخر محسوس ڪيو. اهڙي ئي قسم جي عدالتن شهيد پاڳاري ۽ هيمون ڪالاڻي کي به حب الوطني ۽ ڏرتي لاءِ وڙهڻ جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي کين شهادت جا جام پيئڻا پيا. اڄ اهڙي ئي قسم جي عدالت جي ڪٺهڙي ۾ سنڌ جي رهبر سائين جي ايم سيد ۽ سائين کي بيهي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڪالت ڪندي سنڌ جو ڪيس وڙهڻو پئجي ويو آهي. دنيا جي مقدس نظرين جي بانين، سائنس جي محققن ۽ قومپرست ليڊرن سميت ڪائي حريت پسند

۽ وطن پرست پارٽي ناهي جا مجرمن وانگر عدالت جي ڪٺهڙي ۾ بيهاري نہ وئي هجي. اڄ جي هر باباءِ قوم کي ڪالهہ انهي عدالت جي ڪٺهڙي مان مجرمن جي حيثيت سان گذرڻو پيو آهي. اڄ انهن ججن جي مٿان انهن جون زندهہ جاويد تصويرون عدالت جي بي وسي تي مرڪي رهيون آهن. سائين جي ايم سيد کي بغاوتن جي ڪيسن ۾ سزاءِ موت جي ڏمڪين کان ڊيڄاري نٿو سگهجي. سائين جي ايم سيد مصلحت پسند سياسي ليڈر هرگز ناهي. بغير ڊپ ڊاءُ جي پنهنجو اصولي موقف واضح ڏڻائيندو آهي. اها هڪ وڏي بهادر سياستدان جي وصف آهي. جيڪڏهن سائين جي ايم سيد کي ڪورٽ ۾ بيان ڏيڻ جو موقعو ڏنو ويو تہ حڪمرانن جي مڪروهہ ارادن جا پردا چاڪ ڪري چڏيندو.

سائين جي ايم سيد سنڌ جي ڳالهہ ڪري ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي. سنڌ جي ڳالهہ ڪرڻ کي وڏو ڏوهہ سمجهيو وڃي ٿو. باقي ملڪ ۾ ٻيا مڙوئي ٽيندڙ ڏنڊا ثواب ۾ شمار ڪيا ٿا وڃن. ڇا سنڌ ۽ سنڌين سان ظلم بند ڪيو! چوڻ ڏوهہ آهي جو سن جي روح ۽ رهبر کي قيد ڪيو ويو آهي؟ ڇا سنڌ ۽ سنڌين سان ظلم ۽ زيادتيون نہ ٿي رهيون آهن؟ ڇا هي ملڪ سنڌين ۽ ٻين مظلوم قومن لاءِ ظلمستان ثابت نہ ٿيو آهي؟ ڇا سنڌ ڌرتي کي ختم ڪرڻ ۽ ان جو وجود مٽائڻ جون سازشون نٿيون ٿين؟ ڇا سنڌ ۾ پيدا ٽيندڙ پيٽرول، گئس، قيمتي پٿر، ڪوئلو سمنڊ جي معدنيات ۽ ٻي قدرتي پيدائش هڙپ نٿي ڪئي وڃي؟

ڇا سنڌ جي 80 لک ايڪڙ آبادي ۽ زرخيز زمين پنجابي آبادگارن ۽ رٽائرڊ ڪامورن جي حوالي ناهي؟ ڇا سنڌ جي پاڻي واري حق تي ڏاڙو هڻي ڪالاباغ ڊيم ناهي سنڌ جي سرسبز وادين کي ويران ڪرڻ جي سازش نہ ٿي رهي آهي؟ ڇا سنڌ جي وڏين نوڪرين آءِ جي پوليس ۽ چيف سيڪريٽري سميت ٻين اعليٰ ادارن ۾ ڏاريا عملدار رکي قابل سنڌي آفيسرن کي نظر انداز نٿو ڪيو وڃي؟ ڇا لوڏيل بهارين کي گهرائي سنڌ ۾ وڌيڪ ڏارين جي اڪثريت ۾ اضافو ڪري اصلي سنڌي ماڻهن کي ٿورائي ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش نٿي ڪئي وڃي؟ ڇا سنڌ کي ٽڪرا ڪري مهاجرستان ناهڻ جي بدمعاشي جون حرڪتون نہ پيون ٿين؟ ڇا سنڌي نوجوانن کي نوڪرين نہ ڏئي بيروزگار رکي ۽ تعليم کان محروم ڪري کين بکايل، جاهل ۽ ڪنگال نہ پيو ڪيو وڃي؟

چا سنڌ جون ڪافي وزارتون ڪافي سال غير سنڌين جي حوالي ڪري سنڌي ٻولي ۽ تعليمي ادارن کي تباهه نه ڪندا رهيا آهن؟

چا سنڌ ۾ هزارين ڪارخانا قائم ڪري ڏاريون کي نوڪريون ڏئي سنڌي مزدورن کي زبردستي روزگار کان بيدخل نٿو ڪيو ويو؟

چا سنڌين کي شهرن مان دهشتگردن هٿان مارائي ۽ڇائي ڪئمپن ۾ دربدر ڪري انهن جي ملڪيت ۽ گهرن تي قبضا نه ڪيا ويا آهن؟ چا هن ملڪ ۾ سنڌين کي حق گهرڻ جي عيوض ٽارچر، مطالبو ڪرڻ جي عيوض ڦٽڪا ۽ جيل، سنڌ لاءِ آواز اٺارڻ جي پاداش ۾ اذيتون ڏئي گوليون هڻي شهيد نٿو ڪيو وڃي؟

چا سنڌ ۾ فوجي چانوڻيون ٺاهي سنڌين کي وڏيڪ ڪچلڻ ۽ سنڌ جي ناڪابندي مضبوط ڪرڻ جون تياريون نه ٿي رهيون آهن؟ چا هن ملڪ ۾ سنڌي نياڻين جي عزتن ۽ حرمتن سان هٿ چراند نه ٿي رهي آهي؟ چا سنڌين جو جان ۽ مال خطري ۾ ناهي؟ چا هن ملڪ ۾ سوين بيگناهه سنڌي اغوا نٿا ٿين، ڏاڏاين جو شڪار نٿا ٿين؟ اهي ينگ پري ڪنگال نٿا ٻڌايا وڃن ۽ مختلف ايجنسين هٿان رستن تي بيعزت نٿا ڪيا وڃن؟ چا پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين سنڌي هراسيل ڏنل ۽ خوفائتي نموني زندگي گذارڻ تي مجبور نه ڪيا ويا آهن؟

چا سنڌي پنهنجي وطن ۾ پنهنجي رستن تي هلندي محفوظ آهن يا پنهنجي گهرن ۾ سڪون جي ننڊ سمهي سگهن ٿا؟ چا پاڪستان هن وقت تائين سائين جي ايم سيد سميت هر سنڌي لاءِ قيد خانو ٻڌجي نه ويو آهي؟

چا اهي سڀ جون سڀ حقيقتون ۽ سچ ناهي، ها اها سموري حقيقت سئو سيڪڙو سچ آهي ان لاءِ سڀ سنڌي بار بار چوندا رهيا آهن ته سنڌين سان ظلم آهي، سنڌين جا حق ڦٻايا پيا وڃن ته پوءِ سائين جي ايم سيد کهڙي غلط ڳالهه ڪئي آهي جو ان عظيم ليڊر کي قيد رکي ۽ سندس سائين تي اسپيشل ڪورٽ ۾ بغاوت جا ڪيس چالان ڪري کين سخت سزائون ڏيڻ جي سازش ڪئي ٿي وڃي، سنڌ جي هر مڪتبہ فڪر ماڻهن کي ۽ سڄي سنڌي قوم جي فردن کي گذارش ٿي ڪجي ته اهي رهبر سنڌ ۽ بزرگ هستي سائين جي ايم سيد کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڀرپور آواز اٺارين ته سائين جي نظربندي غيرقانوني، غير اخلاقي ۽ غير انساني قدم آهي ان کي فورن آزاد ڪيو وڃي، سائين جي

ايم سيد کي قيد رکڻ ۾ جتي ڏارين جي سازش آهي اتي ديسي دلالن جي منافقت به موجود آهي. چاکاڻ ته سائين جي ايم سيد جڏهن آزاد هوندو آهي ته سنڌ دشمن کي اهڙي همت ئي نه ٿيندي آهي جو سنڌ جي خلاف کو خطرناڪ قدم کڻي سگهن. چو ته سنڌ جو سرواڻ سائين جي ايم سيد پنهنجي تجربي ۽ دوراندیش مدبرانه نظر سان سنڌ خلاف ٿيندڙ هر سازش کي ڏسي ان جو بروقت توڙ ڪيڙي ان منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏيندو آهي.

سنڌ دشمن جڏهن به سائين کي قيد ڪندا آهن ته ڏاريا ۽ سندن اتحادي دلال خوش ٿيندا آهن. هو سمجهندا آهن ته سنڌ جو رکوالو قيد جي ديوارن اندر بند آهي. هاڻي هو سولائي سان سنڌ خلاف پنهنجن سازشن ۽ منصوبن کي عملي جامو پهرائي ونڊندا.

سائين کي قيد رکي سندس ساٿين کي روپوش قرار ڏئي حڪومت پاڪستان سنڌ دشمن منصوبن، ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ، بهاري گهرائڻ، ڏارين کي نوڪرين ۽ پناهگيرن کي يونيورسٽيون ٺهرائي ڏيڻ، سنڌ کي به ٽڪرا ڪرڻ وغيره منصوبن ڪي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪلم ڪلا پرچار ڪرڻ جي سازش ۾ مصروف آهن.

انهن شرارتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سائين جي ايم سيد جي نظربندي ختم ڪرڻ ضروري آهي. سائين جي ايم سيد کي حڪومت طاقت جي زور تي ڏهني ۽ جسماني طور تي تڪليفون ڏئي رهي اهي. ڊاڪٽر جي چوڻ جي باوجود ڪيس اسپتال چڪاس ڪرائڻ نٿو نيو وڃي. سنڌين جي هن عظيم ليڊر کي ڏاريا اڪ جو ڪنڊو سمجهي ڪيس صعوبتون ۽ سختيون ڪري ختم ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا آهن جيئن سنڌ جي اميد جو آخري ڪرڻي ۽ روشن ڏيئي کي سازش جي طوفان ۾ وسائي ڇڏين. سنڌي قوم ائين هرگز ٿيڻ نه ڏيندي.

سائين جي ايم سيد 80 سالن کان سنڌ جي سياست ۾ تجربو رکندڙ 28 سال سنڌ خاطر جيلن ۽ ويلن ۾ ثابت قدم رهي سنڌين سان سچو رهيو آهي. هن قربانيون ڏئي سنڌين لاءِ لکيو به آهي ته لوڙيو به آهي، وڙهيو به آهي ته وفادار به رهيو آهي. سنڌ لاءِ زندگي وقف ڪرڻ جو اجورو نه گهريو اٿس. نه ئي ڪيس سنڌين کي قومي شعور ڏيڻ جي عيوض ڪجهه مليو آهي. ها جيڪڏهن ڪجهه مليو آهي ته خدمت جي عيوض سزا ۽ جيل، وفاداري جي عيوض سازشون ايماندارانه جدوجهد جي عيوض الزام تراشيون، اخلاقي شرافت ۽

عظيم ڪردار جي عيوض ڪفر جون فتوائون، سنڌ ۾ سنڌين سان سات ڏيڻ جي بدلي تاحيات قيد!!!!

سائين جي ايم سيد کي نه ڪرسي ڪپي نه عهدو. صرف ۽ صرف سنڌي قوم جو سات ڪپي. ڪيس سڌ ۾ سڌ ڏيو ته غلاميءَ مان نجات ڏياريون. هن وقت سائين جي ايم سيد هڪ طرف عمر ۽ بيمارين جي حملي جو مرڪز آهي ته ٻئي طرف سنڌ ۽ سنڌين جي بدنام دشمنن جي سياسي مخالفتي بيانن جي ضد ۾ آهي ته ٽئين طرف وري پاڪستاني حڪمرانن جي قانوني حملي ۾ قيد ۽ نظربند آهي. يعني ڏارين جي دلالن ۽ سنڌ دشمنن جي ڇاڙتن جي عتاب هيٺ آهي. هن شعر وانگر ته:

ساري ملڪ وسايس پٽر، جنهن سلن چڪنا چور آهي
پوءِ به هن ٽي ماريا نعرا، مڙس ته ڪو منصور آهي.

سائين جي ايم سيد کي نظربند ڪري ان جي سرگرمين تي پابندي وجهي حڪومت درباري قومپرست پيدا ڪري ڪن کي ٻاهران گهرائي، ڪن کي جيلن مان ڪڍي قلئي ڪري مقابلي ۾ بيهاريو آهي ته جيئين جي ايم سيد جي پيٺ ۾ پنهنجا سرڪاري قومپرست پبلسٽي ڏياري سنڌي قوم جي دليل ۽ دماغن تي حاوي ڪرائي چڏين پر اهي سامراجي روغن لڳل ۽ قلئي ٽيل هٽرادو نقلي ڪاغذي هيرا سائين جي ايم سيد ۽ انهن جي ساٿين جو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندا. گدڙ شينهن جي اڳيان ست سهي نه سگهندا.

وري به ميدان قومپرستن جي حوالي هوندو. سنڌين کان اصلي ۽ سچي قومپرست قيادت کسي ڪوڙي درباري فيادت ٽاڪڻ جا ڏينهن ويا. سائين جي ايم سيد سنڌ جي امانت آهي. ان جي حفاظت ڪرڻ هر غيرتمند سنڌيءَ جو فرض آهي. سنڌين کي ثابت ڪرٽو آهي ته سنڌي بيغيرت، بي شناس ۽ بزدل ناهن. پر سنڌ ۽ سنڌ جي رهبر جو قدر ڪندڙ باهمت ۽ غيرتمند قوم آهن جيڪي سنڌ دشمنن جي هر چالاڪي ۽ چئلينج جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ ڄاڻن ٿا.

سائين جي ايم سيد کي هڪدم آزاد ڪري سڄي قوم مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

****

قيدي ڪورٽ ۾ جج غائب!

سنڌ جي قومي رهبر محترم جي ايم سيد کي ڪافي عرصي کانپوءِ اهڙي موقعي تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي جڏهن جج صاحب موڪل تي هو.

سنڌ جو عوام اهو جاڻڻ چاهي ٿو ته ڇا حڪومت ۽ سندس انتظاميا کي اها خبر نه هئي ته جج صاحب موڪل تي آهي؟ ته پوءِ ايئن ڇو ڪيو ويو جو قيدي ڪورٽ ۾ ۽ انصاف مهيا ڪندڙ غائب هجي! ماٺهو سمجهن ٿا ته حڪومت جاڻي واڻي اهڙي موقعي تي سيد صاحب کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ته جيئن سيد صاحب پنهنجو نقطه نظر پيش نه ڪري سگهي ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ پهريائين داخل ڪيل درخواست کي غير موثر ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو ويو. ان عمل کي هر جمهوريت پسند ۽ انسان دوست ڇڪو نٽو چوي.

اهو اعليٰ قدرن جي خلاف غير جمهوري عمل آهي جيڪو عوام ۽ انصاف جي اکين ۾ ڏوڙ وجهڻ جي برابر آهي. جنهن تي جيترو به افسوس ڪجي اوترو گهٽ آهي.

***

سنڌ جاگرافيائي طور دنيا جي ايشيا کنڊ ۾ قديم زماني کان هڪ مستقل خطي جي حيثيت رکي ٿي. ان جو وجود ڪائنات ۽ قدرت جي پيداوار آهي. مٿس اهو نالو "سنڌو درياهه" تان پيل آهي..جو ان جي وچ مان گذري ڪيس سرسبز ۽ شاداب ڪري ٿو. تاريخي طور سنڌ جي ست هزار ورهين کان به مٿي پراڻي تهذيب، تمدن، زبان ۽ شاندار ماضيءَ جا يادگار هن جي عظمت ۽ حيثيت جا ثبوت آهن. سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي جڳن کان وٺي پنهنجي قومي غيرت ۽ روايتن کي زنده رکندا آيا آهن.

راجا ڏاهر جو ڏيهه تان جان نثار ٿيڻ، دودي جو ڏرتيءَ تان ڪٽنب سميت قربان ٿيڻ، مارئيءَ جو ڪوٽن ۾ به لوئيءَ جي لج رکڻ، لالچن تي نه هرکجڻ، دولهه

دريا خان ۽ مخدوم بلاول جو سنڌ کي ڏارين جي حوالي ٿيڻ کان شهيد ٿي وڃڻ وارا مثال مشهور ۽ نروار آهن. سنڌين کي ايثار ۽ قرباني ورثي ۾ مليل آهن. مارئيءَ جو مليز ۾ مارن لاءِ ڪوٽن ۾ قيد هوندي بنگلن، ست رڇي طعامن ۽ لالچن کي ٺڏڻ، سختيون سهندي به اصول تي اڏول رهڻ، مومل جو راڻي خاطر راتين جون راتيون جاڳي ڏينهن ڪرڻ ۽ پاڻ کي قربان ڪرڻ ۽ سنڌي جوڻن جون وطن عزيز جي آزاديءَ جي راهه ۾ بيشمار شهادتون، سيڻن لاءِ سر ڏيڻ، سون تي سيڙ نه مڙڻ، گهاٽي ۾ پيڙجي وڃڻ، قاسين تي چڙهي سنڌ جي ساک وڌائڻ جا مثال تاريخ جي ورقن ۾ موجود آهن.

سنڌي هميشه آزاديءَ جا طالب ۽ قربانين جا کوڙيا رهيا آهن. پنهنجي سينن ۾ آزاديءَ جي تڙپ رکڻ ئي هنن جي خاص نشاني آهي. تاريخ اهڙن واقعن سان پري پئي آهي. هنن پنهنجي مٽان ڏارين جي تسلط کي وڏي مصيبت پئي سمجهيو آهي. تاريخ گواهه آهي ته جيڪڏهن ڏاريا زوري يا اٽڪل سان مٽن قابض پئي ٿيا آهن ته به سنڌي ان تي راضي يا لاچار ٿي ماڻ ڪري نه ويٺا آهن. آخرڪار هو پنهنجين ڳچين مان غلاميءَ جا ڳٽ ڪيڊي ڦٽا ڪري قابضن سان حريت پسندن وانگر وڙهي جان ڇڏائيندا آيا آهن. وقتي طور تي ايرانين، عربن، مغلن، يونانين ۽ انگريز سامراجين مٽن قبضو ته ڄمايو پر سنڌي تيستائين بي چين پئي رهيا جيستائين ڏارين کي ڪيڊي آزادي نه پئي حاصل ڪيائون.

وقت جي هر آمر سان اٽڪڻ، ڏارين کي سکون سان سمهڻ نه ڏيڻ، هنن جي لازوال ڪردار جو هڪ عاليشان مثال آهي. ڏاڍ سان مهاڏو اٽڪائيندا رهيا آهن. پوءِ پلي اها خبر به چو نه هجين ته مقابلي ڪندڙ وٽ جديد هٿيار، بيشمار لشڪر، جنگي تربيت ۽ وڏي طاقت موجود آهي ۽ هي وسيلن جي گهٽتائي، بي يارومددگار، هٿين خالي، تعداد ۾ ٿورا، ته به ڪوٽ هوندي سنڌ جي ساک ۽ لوئيءَ جي لڄ رکڻ، عزت ۽ آزاديءَجي خاطر في الحال اٽڪي پوندا آهن ۽ قربان ٿيڻ ۾ نه ڪيهائيندا آهن.

"پلي بک پرم جي شال نه وڃي شان" واري اصول تي عمل ڪندا آيا آهن.

تاريخ شاهد آهي ته سنڌي سدائين وڙڪنجهي وڙهيا آهن، جنهن به سرزمين سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي نيت يا سنڌين کي ڦرڻ لٽڻ جي منشا سان حملو ڪيو آهي ته سنڌي سر صدقي ڪندا رهيا آهن. هن ڌرتيءَ جا فرزند هر

طاغوتي طاقت سان ٽڪر کائيندا رهيا آهن. ڪڏهن تيرن ڪمانن سان وڙهيا آهن ته ڪڏهن دشمن سان پالن ۾ بڙچين سان اٽڪيا آهن ته ڪڏهن کهاڙين ۾ لڻين سان لڙيا آهن. انهن ويڙهاندن ۾ هلچلن کي اج تائين اسانجي شاعرن ۾ دانشورن لکيو آهي، فنڪارن ڳايو آهي ۽ عوام انهن جي بهادريءَ جا راتيون جاڳي قصا بيان پئي ڪيا آهن. سنڌين جي بهادري ۽ منجهن آزديءَ جي امنگ کي ته سدا حيات بنايو ويو آهي پر انهن کي پلاند وٺڻ لاءِ ڪنهن صلاح ۽ لائين ڪانه ڏني آهي. ڏاهر کان وٺي هوشوءَ تائين، شهيد رزاق سومري کان وٺي فهيم ميمڻ تائين جي قاتلن کي سبق ڪونه سيکاريو ويو آهي. انهن کي سيکٽ نه ملڻ ڪري هڪ ته دشمن جو من وڌندو رهيو آهي ٻيو ته پلاند پراڻا ٽيندا رهيا آهن. هينئر سنڌي ماڻهن کي پنهنجي قاتلن ۽ قابضن کان پائي پائيءَ جو حساب وٺڻ کپي. هر شئي جو انتقام وٺڻ گهرجي، حساب وياج سميت چڪائي وٺڻ کپي. تشدد برداشت ڪرڻ، گولين ۽ ٽڪا جهلڻ بهادري آهي پر اها سورهيائپ اڳتي وڌي دشمن تي وار ڪرڻ واريءَ بهادريءَ ۾ تبديل ڪرڻي آهي. اسان صدين کان ظلم سهندا پيا اچون. اها سهپ واري سورهيائي آهي يا ائين ڪٽي چٽجي ته اسان مار کائڻ جا عادي بنجي ويا آهيون. ٻڪ نه هاڻو اسان سنڌين جو وڙ آهي. پر هاڻي ڪجهه ڪچڻو پوندو. هيءَ جدوجهد، جنگ ۽ جهاد جا جولان گاهه بنيل پئي رهي آهي. انهن محاذن ۽ مورچن ۾ وطن جا وارث آزاديءَ جون آذانون ڏينداوڙهندا رهيا آهن. انهيءَ دوران سنڌي محب وطن سنڌ جي سڄي سرزمين کي جنگي پٽڻ ۽ ميدانن ۾ تبديل ڪري پئي ڇڏيو آهي. سنڌ جي چپي چپي تي ڏرتيءَجي واهرن ويرين سان ويڙهاند ڪري وطن عزيز جي عزت ۽ حرمت کي بچايو آهي. سنڌي عوام جي بهادريءَ جي خود دشمن به واکاڻ ڪندا رهيا آهن. ميجر جنرل P.K.W نيپيئر پنهنجي "سنڌ جي فتح" ۾ لکيو آهي ته "جيتوڻيڪ سنڌي ميڙيءَ جي جنگ ۾ هارائي چڪا هئا ۽ سنڌن لشڪر هوريان، هوريان پٺتي موٽ ڪاڏي پر تڏهن به منجهن ٽاکوڙو نه پيو ۽ نه وري منجهن کي هراس جا اهڃاڻ ظاهر ٿيا. وڏا وڏا ڪٽڪ هئا جي هلندا ٿي رهيا. موڪريون چاتيون تاٽيل، منهن پاسيرا، اکيون غضبناڪ تجلا ڏيندڙ فاتح انگريزي لشڪر به سنڌن پويان گولين جو وسڪارو ڪندو ڳنڍيو ٿي آيو. ايتري قدر جو کين ماري ماري ساڻا ٿي پيا تڏهن به هنن اڏول ۽ پختن جنگي جوڻن پنهنجي روايتي لوڏ واري هرانگهه ڇڏي پڄڻ جي نٿي ڪئي."

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سڪندر بادشاهہ سان جنگ ڪرڻ وقت اربيل جي ميدان ۾ سنڌين جنهن نموني جنگ ڪئي تنهن بابت هيرو ڊوٽس لکي ٿو تہ. "سنڌين کي توپيون پاتل هيون. وٽن پتل ۽ فولاد جا هٿيار هئا. سندن پوشاڪ چمڙي جي هئي. هو محنتي، سادا، ايماندار بدن جا مضبوط ڏگها ۽ جنگجو هئا."

سومرن جي دور ۾ سنڌي لشڪر ڏارين سان چڪريون کائيندو رهيو. علاوالدين، ترم شيرين جي ڪروڙن جي لشڪر سان سنڌي لشڪر جنگ ڪري سنڌ جي قومي خودمختاري، سالميت ۽ بقا جي جنگ لڙي سا سندن بهادريءَ جو زنده ثبوت آهي.

سنڌي ڪڏهن ٽلٽيءَ ۾ وڙهندي نظر آيا آهن تہ ڪڏهن ٽٽي جي ميدان ۾ جهاد جهيڙيندي ڏسڻ ۾ آيا آهن. ڪڏهن ڪرڙيءَ جي ويڙهاند ۾ وڙهيا تہ ڪڏهن دشمن سان اروڙ وٽ اٽڪيا آهن. تاريخ جي ورقن ۾ سنڌ جي تقريبن هر ذات ڏارين سان وڙهي آهي. ارغونن جي حملي وقت سنڌ جي دفاع جي مقدس جنگ ۾ جتي مخدوم بلاول ۽ دولهہ دريا خان ڪٽنب سميت قربان ٿيا. اُتي نوابشاهہ جا سهتا ۽ عمرڪوٽ جا سوڍا بهادري ۽ بيباڪيءَ جو مظاهرو ڪندا جنگ جوٽيندا رهيا. اڳتي هلي سمن جي شڪست کان پوءِ باغبان جي سولنگين سکر ۽ بکر جي ڏاريجن، اماوڙي جي ماڇين جون ويڙهاندون عالم آشڪار آهن.

سنڌي سدائين پوءِ جي بچاءَ لاءِ وڙهندا رهيا آهن ۽ اج تائين ان روايت کي زندهہ رکندا آيا آهن پوءِ اها جنگ فيروز شاهہ تغلق سان هجي يا علاوالدين خلجيءَ سان، ايرانين سان هجي يا افغانين سان، انگريزن سان هجي يا پاڪستاني فوجين سان. سدائين سنڌين جو جنگي جوش ۽ قرباني ۽ وارو جذبو زنده رهيو آهي. ان روايت ۽ سلسلي کي لڳاتار قائم رکندا پيا اچن.

دراصل سنڌي ماڻهن کي هن وقت قومي ۽ سياسي قوت جي حاصلات لاءِ هڪ اهڙي پرپور نعري ۽ گوليءَ جي ضرورت آهي، جنهن جي گونج ۽ گرج سان باقي سڀ نظام نظريا ۽ نعرا دٻجي پس منظر ۾ هليا وڃن.

آءٌ ان خيال جو آهيان تہ جنهن قوم جو مادر وطن سميت هر چيز ڏارين جي قبضي هيٺ هجي تہ انهيءَ قوم جا باغيرت ماڻهو تشدد ۽ ڏهڪاءَ جو هر حربو استعمال ڪري دشمن کي تباهہ ۽ برباد ڪري پنهنجي هر شئي تي قبضو ڪري وٺن. جتي دشمن جديد هٿيارن سان مسلح هجي اتي تبديلي رائفل جي

گوليءَ سان آڻڻي پوندي آهي. جتي حق گهرڻ، جمهوريت جي بحاليءَ جو مطالبو ڪرڻ ۽ ٻيون رعايتون طلب ڪرڻ وڏو جرم سمجهيو ٿو وڃي تہ ظاهر آهي اُتي اهنسا جي ذريعي ڪوبہ مسئلو حل نہ ٿي سگهندو. مهاتما گانڌيءَ 1932ع ۾ بک هڙتال جي موقعي تي هڪ بيان جاري ڪيو. جنهن ۾ چيو هئائين تہ "مان بک هڙتال ڪري پنهنجي جسم کي تڪليف ڏيئي انگريز سامراج جي اخلاق ۽ ضمير کي جهنجهوڙيان ٿو." گانڌي جي ڪي اها خبر هئڻ گهرجي ها تہ انگريزن کي حيا شرم تہ هيو جنهن کي جهنجهوڙي سگهجي پيو پر هنن وحشي ۽ درنده صفت پنجابين کي اخلاق ۽ ضمير آهي ئي ڪونہ تہ پوءِ انهن کي ڪيئن احساس ڏياري يا مٿن اثر وجهي سگهبو. حڪمران ٽولو انساني احساس ۽ حيا کان ائين خالي آهي جئين لاهور جو لفظ نقطن کان خالي.

ڏاريا حيا. شرم ۽ دنيا جي ڦٽڪار جو خيال ڪري اسان کي حق ڪونہ ڏيندا. هتي پُرامن سياست جا نہ صرف دروازا بند ٿي چڪا آهن. پر اهڙو عمل ئي ڪرڻ نٿو ڏنو وڃي. جيڪو سندن ضمير کي چهنڊڻي پائي يا سندن بدناميءَ جو باعث بنجي.

منهنجي خيال ۾ جنهن خطي ۾ مخلوط نسلن ۽ قبيلن جي قوم تشڪيل ولي چڪي هجي. اتي سڀ کان موثر ۽ زوردار نعرو زبان، زمين، عزت ۽ آزادي حاصل ڪرڻ ۽ سياسي قوت تي قبضي جمائڻ لاءِ اهڙي بلند آواز ۾ هڪ گهرجي. جو ان جي طوفان ۾ رحم، همدردي، شفقت، انسانيت ۽ بين الاقواميت سڀ لڙهي وڃن. جابر سان ٽڪر کائڻ لاءِ اهڙو قدم کڻڻ کپي جنهن جي عمل سان اهڙو اثر ائتو نعرو هڪ گهرجي جنهن جي پڙاڏي سان محڪوم ماڻهو چرڪ پري اٿي پون. غلام قوم کي صرف بهادرانہ نعرن ۽ للڪارن ذريعي ميدان ۾ آڻي سگهجي ٿو. سڏو ائين ٿيندو تہ ان عمل دوران طاقت جي استعمال جو عملي مظاهرو بہ ڪري ڏيکارڻ گهرجي. اهڙا قدم کڻي قوت جا مظاهرا ڪرڻ کپن جو مظلوم عوام جي دلين ۽ دماغن ۾ جذبن جي باهہ جا پنيت ٻاري چڏين. سنڌين کي کپي تہ ميدان عمل ۾ اچي جدوجهد ڪري وطن عزيز لاءِ وڙهن. سوڙ جي موت کان مقصد جي وات هلندي، ڏاڍ سان مقابلو ڪندي مرڻ بهتر آهي. مرڻو اڳي پوءِ آهي ڪنهن بيماري بڙي ۽ موذي مرض ۾ مبتلا ٿي مري سگهجي ٿو. حادثن ۽ ذاتي جهيڙن جو شڪار ٿي وڃجي ٿو پوءِ چونہ اها جان پنهنجي قوم ۽ مادروطن تي نڇاور ڪري چڏجي. سونهاري ساٿيہ تي سر ڏيئي سرخرو ٿجي.

"آ مرڻو هرهڪ ماڻهوءَ کي، ايئن نه مرنداسين ساڻي،
ڪا آڳ لڳائي ويندا سين، ڪو هارڻ هاري ويندا سين."

(شيخ ايار)

اهو دنيا جو مڃيل اصول آهي ته وقت، آمر ۽ آڪاش فقط انهن بي باڪ انسانن آڏو گوڏا کوڙي جهڪندو آهي، جنهن جي آڏر بندوق جي گهوڙي تي هوندي آهي. هينئر ماڻهن ۾ پاڪستاني فوج جي سربراهه جنرل ضيا ۽ سندس فوجي ٽولي خلاف بي انتها نفرت ۽ ڪاوڙ آهي. ايتري قدر جو سنڌي ماڻهو توڙي بلوچ پنهنجي ڪروڌ ۽ ناراضگيءَ جو اظهار نعرن ذريعي ڪري رهيا آهن ته، "بي حيا... بي حيا... جنرل ضيا.... جنرل ضيا..." "فوجي جنتا... نا وغيره. پر ملٽري وارن جي جونءَ ئي نه ٽي چري ويتر اڳي کان وڌيڪ آهن. ايترا واعدي جا پڪا ناهن جيترا نڪ جا پڪا آهن. ايوبي آمريت جي دور ۾ به ماڻهن اهڙي ئي نفرت جو اظهار ڪندي "ايوب ڪتا... هاءِ هاءِ..." جو نعرو بلند ڪيو هو. تڏهن سياسي سرگرميون عروج تي هيون. ٻيا ليڊر گول ميز ڪانفرنس ۾ مصروف هئا. ذوالفقار علي ڀٽي ۽ پاشاني گول ميز ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪري گهيراءُ، جلاءُ جي سياست شروع ڪري ڏني هئي. گول ميز ڪانفرنس ۾ جيڪي ڳالهيون ٽئه ٽيون هيون تن کي ڀٽي ۽ پاشاني جي سياست ختم ڪري ڇڏيو. پوري انتظامي مشنري امن امان بحال ڪرڻ جي سلسلي ۾ سستي يا غفلت ڏيکاري رهي هئي. ايوب خان جي ڏهه ساله جشن سان گڏ سندس تباهيءَ جا جيڪي اهڃاڻ ظاهر ٿيا هئا تن واضع صورت اختيار ڪري ورتي. ايوب ڪتا هاءِ هاءِ جو نعرو پوري ملڪ جي گهٽين ۾ گونجڻ لڳو. اها حالت ڏسي ايوب خان وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون.

ايوب حڪومت جي وزير قانون سيد محمد ظفر پنهنجي ڪتاب (ڊڪٽيٽر ڪون؟) ۾ ايوب خان جي وڃڻ جي سلسلي ۾ هڪڙو واقعو لکيو آهي ته " آءٌ ايوب خان سان گڏ سندس گهر ۾ وينو هيس. اوچتو اسان ٻاهر لان ۾ پارٽن جو گوڙ ٻڌو. اسان ٻئي جڻا ٻاهر نڪري آياسين. ٻاهر ڏٺوسين ته ايوب خان جا ڏوهتا ۽ پوٽا گڏجي نعرا هڻي رهيا هئا،"ايوب ڪتا .. هاءِ هاءِ" محمد ظفر لکيو آهي ته اهو منظر ڏسي ايوب خان ايترو مايوس ۽ اداس ٿي ويو جو انهيءَ ڏينهن حڪومت تان استعيفا ڏيڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيائين. سنڌ ۾ ان وقت ظاهري طرح سڀ شاگرد گڏ هڪ پليٽفارم تي نظر اچي رهيا هئا.

ليڪن اندروني طرح هنن ۾ ڏار ڏار قسمن جون سوچون هيون.

شاگردن جو اهو گروپ جنهن جي قيادت جام ساقي ڪري رهيو هو. تن کي هدايتون ۽ حڪم ڪراچيءَ جي پناهگير ليڈرن کان ملندا هئا. مسعود نوراني ڏٺي ضلع جي هڪ وڪيل سان لاڳاپيل هو ۽ شاگردن جو هڪ وڏو تعداد اقبال ترين ۽ يوسف تالپر جي اڳواڻيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي فڪر سان لاڳاپيل هو. اقبال ترين ۽ يوسف تالپر "جيئي سنڌ نوجوان محاذ" نالي هڪ جماعت ناهي هئي، جنهن جو هڪ قسم نامو به تيار ڪيو ويو هو.

اڄڪلهه سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڈريشن جو قوم پرست گروپ ۽ جيئي سنڌ نوجوان محاذ ملي، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڈريشن ٺهي هئي، جيڪا اڄ سنڌ ۾ شاگردن جي سڀ کان وڏي، مضبوط ۽ مقبول تنظيم آهي.

ايوب خان هليو ويو ۽ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ٿيو. جنرل يحيٰ ملڪ جي صدر ۽ چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر جون ڏميواريون سنڀالي ورتيون. ذوالفار علي ڀٽي ۽ مولانا ڀاشانيءَ جيڪو رويو اختيار ڪيو هو ان ۾ ڪاميابي نصيب ٿين. ظاهر آهي، اهڙي روئي مان نتيجو به اهڙو ئي نڪرڻو هو. ڀٽي صاحب کي شايد اهڙي طريقي سان پنهنجي پارٽيءَ کي منظم ڪرڻ لاءِ مهلت درڪار هئي ۽ هن ايوب خان کي استعيفا ڏياري، انهيءَ ڪارنامي ذريعي عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ ٿي چاهي. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته يحيٰ ۽ ڀٽو پاڻ ۾ مليل هئا.

يحيٰ خان اقتدار جي هوس (جيڪا پاڪستاني جنرلن کي ورثي ۾ ملي آهي) ۾ اچي عوام جي جمهوري جدوجهد آڏو رڪاوٽ بنجي بيهي رهڻ جي ڪوشش ڪئي. هر مارشل لا وانگر يحيٰ خان جي مارشل لا به سنڌ کي بيپناهه نقصان پهچايو.

ڪراچيءَ ۾ وڏي دانشور سان بحث ٿيو. جنهن موصوف فرمايو ته يحيٰ خان جو ون يونٽ توڙي صوبا بحال ڪرڻ وارو ڪارنامو تعريف جوڳو هو. مون کيس چيو ته "حقيقت ۾ حڪمران ٽولي ۽ ان جي صلاحڪارن ۽ اتحادين جي ون يونٽ توڙڻ واري قدم جي پٺيان هڪ سازش لڪل هئي. هنن ان سازش کي عملي جامو پهرائي فائدو ورتو.

ايوب خاني دور ۾ ون يونٽ جو مسئلو پاڪستان ۾ سڀني کان وڏيڪ اپريل مسئلو هو. اوپر پاڪستان ۾ عوامي ليگ صوبائي خودمختاريءَ (صرف مشرقي پاڪستان جي حد تائين) جو مسئلو کڻي اپري رهي هئي. اولهه

پاڪستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي ۽ سنڌ متحد محاذ ون يونٽ ٽوڙائڻ جهڙي هڪ مسئلي تي اپريون هيون. نيشنل عوامي پارٽي ڪافي وقت کان هڪ باقاعدي ڪم ڪندڙ سياسي پارٽي هئي. ان جي برخلاف سنڌ متحد محاذ وقتي طرح گڏ ٿيل قومي درد رکندڙ شاگردن، دانشورن ۽ سڃاڻ ماڻهن تي مشتمل هو جنهن وٽ ون يونٽ ٽوڙائڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه باقاعدي اليڪشنري قسم جو نه پروگرام هو نه منشور...

سنڌ ۾ ڪافي وقت کان ون يونٽ جي خلاف قوم پرستي جذباتي عقيدي پرستيءَ جو رنگ اختيار ڪري وئي هئي. انڪري سنڌي نوجوانن لاءِ ون يونٽ جو مسئلو زندگي ۽ موت جو مسئلو بنيل هو. هر مسئلي، هر نعري ۽ هر نظرئي جي مقابلي ۾ ون يونٽ جو سوال اهميت ۽ اوليت وارو هو. سنڌ متحد محاذ دور انديشيءَ کان ڪم ورتي، انتهائي بلند آواز سان اٽاريو هو. ان دور ۾ ون يونٽ جو مسئلو نه صرف سنڌي نوجوانن وٽ زندگي ۽ موت جو مسئلو بنيل هو پر هر پارٽيءَ جي زندگي ۽ موت جو مسئلو بنيل هو. اهڙي دور ۾ جنرل يحيٰ خان ون يونٽ ٽوڙي اولهه پاڪستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي ۽ سنڌ متحد محاذ کي اهڙي مغرور ماڻهوءَ وانگر بنائي وڌيو جنهن کان سهاري جي لٽ ڦري ورتي وئي هجي.

هاڻي انهن ٻنهي پارٽين وٽ اليڪشن لڙڻ لاءِ ڪوبه بنيادي مسئلو رهيو ئي ڪونه. نتيجي طور سنڌ متحد محاذ سنڌ ۾ مڪمل شڪست کائي ويو ۽ نيشنل عوامي پارٽي پنهنجي پيدائشي صوبي سرحد ۾ مولوين ۽ قيوم ليگ ڊبل خان يعني آڏو به خان ۽ ٻليان به خان (خان قيوم خان) هٿان بري طرح شڪست کاڌي. سرحد جي انقلابي ۽ قومي شاعر اجمل خٽڪ هڪڙي ملان کان شڪست کاڌي ۽ پارٽيءَ جو صدر نهايت سخت مقابلي بعد معمولي ووٽن جي اڪثريت سان قومي اسيمبليءَ جي سيٽ حاصل ڪري سگهيو.

اها سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته يحيٰ خان ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪري اولهه پاڪستان ۾ پيپلزپارٽي ۽ قيوم ليگ لاءِ ميدان هموار ڪيو.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته فوجي جنتا اهو قدم کڻڻ سببن ۽ مصلحتن ڪري ڪنيو. پيپلز پارٽيءَ جي ڪاميابيءَ منجهان ڪيس ڪهڙا فائدا حاصل ٿيڻ وارا هئا. حقيقت هيءَ آهي ته فوجي جنتا ۽ پاڪستان جي سول سروس سياسي سرگرمين مان اهو اندازو لڳائي چڪي هئي ته اوپر بنگال مان عوامي

ليگ کان سواءِ ٻي پارٽي کٽي نہ ٿي سگھي. هاڻي جيڪڏهن اولهه پاڪستان ۾ اهڙيون پارٽيون اڪثريت سان ڪامياب ٿيون ٿين، جيڪي ڏهني ۽ نظرياتي طرح عوامي ليگ سان مناسبت، مشابهت ۽ هم آهنگي رکندڙ آهن تہ ان صورت ۾ پوري پاڪستان تي عوامي ليگ جي حڪومت ٿيندي ۽ ڇهن نڪتن جي بنياد تي صوبائي خود مختياري هر صوبي کي ملندي. هر صوبو پنهنجن پنهنجن وسيلن تي پوريءَ طرح قابض ٿي ويندو. ڪوبہ صوبو پاڪستاني فوج (جيڪا هاڻيءَ وانگر پلجي رهي آهي) جي بک کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ ٿيندو. صرف پيپلز پارٽي ئي اهڙي جماعت هئي، جنهن جي ليڈر تي پنجاب جي فوجي جنتا ۽ سول سروس اعتماد ڪري سگھي ٿي تہ اهو ماڻهو ڪامياب ٿي اولهه پاڪستان جي نمائندگيءَ جي بنياد تي عوامي ليگ سان ٽڪر ۽ مقابلي ۾ اچي سگھي.

حقيقت ۾ پنجاب جي فوجي جنتا اڳيئي اهو فيصلو ڪيو هو تہ عوامي ليگ کي پوري ملڪ تي ڪنهن بہ صورت ۾ حڪومت ڪرڻ نہ ڏني ويندي ۽ اهڙي فيصلي جي عوامي ليگ جي سربراهہ شهيد شيخ مجيب الرحمان کي خبر هئي.

شيخ مجيب الرحمان سنڌ جي دوري دوران سياسي صورتحال تي ڳالهايو هو. پير صاحب پاڳاري جي عوامي ليگ ۾ شموليت ۽ ان کانپوءِ جلدي قيوم ليگ ۾ شرڪت تي تبصرو ڪندي چيو هئائين تہ "پير صاحب کي اسلام آباد منجهان الهام ٿيو آهي تہ مجيب الرحمان جي جماعت تي ڏکيو وقت اچڻ وارو آهي. ان ڪري توکي ان منجهان نڪري اچڻ گهرجي. نتيجي ۾ هو نڪري ويو. پير صاحب کي جيتري مريدن جي طاقت آهي، ڪاش ايتري طاقتور دل بہ هجيس." جيڪڏهن ون يونٽ نہ ٽٽي ها تہ يقينن چونڊن جا اُهي نتيجا نہ نڪرن ها، جيڪي نڪتا.

ون يونٽ ٽوڙڻ جي ان بي وقتي اعلان سنڌ جي قوم پرست طاقت کي جدا جدا گروپن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ جڏهن عوامي ليگ تي ڏکيو وقت آيو تڏهن اهو مسئلو صرف بنگال جو ٿي ويو. پر جيڪڏهن اولهه پاڪستان ۾ نعپ ۽ سنڌ متحد محاذ ٽن صوبن ۾ اڪثريت سان چونڊجي اچن ها تہ اهو مسئلو پوري پاڪستان جي موجوده نتيجن کان مختلف هجي ها. بهرحال دشمن جي هر چال جو ٽوڙ ڪرڻ گهرجي. ان ڪانپوءِ اهڙو دور شروع ٿيو آهي، جيڪو فوجي

جرنيلن ۽ ڪامورا شاهيءَ چاهيو پئي. ڄ ملڪ جو هر ہيڏو توڙي ہار فوج جي خلاف آهي. اڳي فنڪار فوج جي شان ۾ گيت چوندا هئا تہ "ميرا ڏول سپاهيا، تينون رب ديئان رکان" پر هاڻي فوجين جا افعال ۽ ڪرتوت ڏسي هتان جو عوام چوي ٿو "ميرا ڏول سپاهيا تينون جگ ديان ٽکان".

فوجين ماڻهن کي ايترو تنگ ۽ تالان ڪيو آهي، جيڪڏهن پاڪستان جي ڪنهن بہ ملڪ سان جنگ شروع ٿي تہ پبلڪ ڪڏهن بہ هنن سان گڏجي ڪونہ وڙهندي. ابتو هنن خلاف نفرت جو اظهار ٿيندو. ڇو تہ هن وقت ملڪ ۾ هڪ قسم جي اگهاڙي آمريت موجود آهي، جنهن انساني، اخلاقي ۽ اسلامي قدرن کي ملياميٽ ڪري استحصال، ظلم ۽ بربريت جو ڇار پوري ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ هڪ مسلمان کي امام حسين وانگر بي حيائي پکيڙيندڙ حڪمرانن خلاف جهاد ڪرڻ گهرجي ۽ اهوئي سڀ کان بهترين جهاد آهي. "افضل الجهاد کلمتہ الحق عند سلطان جائده" (بهترين جهاد ظالم بادشاهہ کي حق چوڻ آهي) جيڪڏهن امام حسين کي يزيد چوي ها تہ اسان سان ٻاهريان ڪافر وڙهي رهيا آهن. هن اسلامي حڪومت کي بچائڻ واسطي تون اسانجي جهاد ۾ شريڪ ٿي ۽ منهنجي جهنڊي هيٺان ڪافرن سان جهاد ڪر تہ هو ان کي قطعي طور ٺڪرائي ڇڏي ها. ڇوتہ ڪيس خبر هئي تہ قيصر ۽ يزيد جي حڪومتن ۾ ڪوبہ فرق ناهي. اهڙيءَ طرح هتان جا ماڻهو بہ چوندا تہ ضيا ۽ ميڊم اندرا گانڌي جي حڪومت ۾ ديني اعتبار سان ڪوبہ فرق ناهي، باقي دنوي اعتبار سان اندرا گانڌيءَ جي حڪومت بهتر آهي. ڇو تہ اها پنجهڻ ڪروڙ انسانن جي چونڊيل ۽ نمائنده حڪومت آهي. مهاتما گانڌيءَ کي جڏهن انگريزن ڇيو هو تہ اوهان اسان سان گڏجي پنهنجي وطن هندوستان جي بچاءَ لاءِ حملہ آورن سان وڙهو تڏهن گانڌي جي ڇيو هو تہ "اسان هينئر غلام آهيون، پنهنجي وطن ۾ ٻي وطن آهيون. تنهنڪري اسان برصغير جا ماڻهو ڌارئي آقا سان گڏجي ان جي حڪومت جي بچائڻ واسطي ڪونہ وڙهنداسين. ها باقي اسان کي آزاد ڪريو اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏيو اسا ن پاڻيهي پنهنجو بچاءَ ڪنداسين.

اڻن سياسي پارٽين تي مشتمل اتحاد تحريڪ بحالي جمهوريت (ايم آر ڊي) جولاءِ 1983ع جي ابتدا ۾ 14 آگسٽ کان سول نافرمانيءَ جي تحريڪ

هلائڻ جو اعلان ڪيو. هنن پارٽين جي هلچل هلائڻ جو خاص مقصد ملڪ مان مارشل لا هٽائڻ، جمهوري راج آڻڻ ۽ آئين کي بحال ڪرائڻو هو.

14 آگسٽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جو ڏينهن آهي. اهو ڏينهن حڪمران ٽولو آزاديءَ جي جشن طور وڏيءَ ڌام ڌوم سان ملهائي رهيو آهي ۽ هوڏانهن ملڪي عوام ان ڏينهن تي ڏک، ماتم ۽ احتجاج ڪري رهيو آهي. سرڪاري عمارتن، بئنڪن، ادارن ۽ آفيسن کي ڪنوار وانگر سينگاريو پيو وڃي ۽ محڪوم پبلڪ پنهنجن پنهنجن گهرن تي ڪارا جهنڊا کوڙي چڙيا آهن. ٽاٽن ۽ جيلن جي مٿان ته رنگ برنگي مرچن، بلبن جي چمڪاٽ ۽ جهمر آهي پر جيلن ۾ بند قيدي، پنهنجين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ۽ بئرڪن تي انقلابي شعر لکي 14 آگسٽ کي يوم آزادي نه پر يوم غلامي ڪري ملهائي رهيا آهن. ملڪي عوام خاص ڪري سنڌي ماڻهن پنهنجن گهرن تي پاڪستاني جهنڊي بدران ڪارا جهنڊا کوڙي چڙيا آهن.

دراصل برصغير هند ۾ پاڪستان نالي سان ڪوبه ملڪ تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ نه رهيو آهي ۽ نه ان ۾ اهڙي ڪا قوم وجود ۾ آيل هئي، جن جدا رياستن کي گڏي پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو هو. سي تاريخي نقطه نگاهه کان جدا قومن جا ملڪ رهيا هئا. اهي جدا ٻولين، تاريخي روايتن، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفادن جون حامل قومون ۽ ملڪ هئا. پاڪستتان طبعي طور ٺهيل جاگرافيائي ملڪ ناهي. هن جي ٺهڻ وقت صوبن کي دلاسا ڏنا ويا هئا ۽ چيو ويو هو ته آزاد رياستون قائم ٿيندیون. ان جي ٺهڻ وقت شامل ڪيل قومن سان جيڪي واعدا ڪيا ويا هئا ته اهي آزاد ۽ خودمختار رياستن جي صورت اختيار ڪندا، تن واعدن جي پيڪڙي ٿي چڪي آهي. انهن کي آزاد ۽ خودمختار رياستن جي عيوض هڪڙي صوبي پناهگير تسلط هيٺ رکيو آهي ۽ ان جون ڪالونيون ڪري هلايو وڃي ٿو. اهڙيون حالتون ڏسي ملڪي پبلڪ ۽ پارٽين جنرلن جي اليڪشن ڪرائڻ وارن ڪوڙن دلاسن ۽ ڏٽن خلاف پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن 14 آگسٽ کان جدوجهد هلائڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي. ان هلچل کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمران ٽولو به پنهنجن هٿيارن پنوهارن کي تيار ڪري رهيو آهي. اڳوات احتياطي اپاءَ ولندي ٽيليفون، ٽپال ۽ پي آءِ اي جي ملازمن جون موڪلون روڪيون ويون آهن.

حڪمران ٽولو يوم آزادي ملهائڻ لاءِ وڏا اهتمام ۽ پروگرام ٺاهي رهيو آهي ۽ ملڪ جي ٽنڊ ۽ آزاديءَ کي خطري جا افواهه اٽارڻ ۾ مصروف آهي. جنرل ضيا پنهنجي پٽيرائيءَ ۾ هڪ جماعت ٺهرائي ان کي منظر ڪرائي رهيو آهي. جنهن جو نالو "ضيا حمايت تحريڪ" رکيو اٿن.

15: ڪراچيءَ ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ٻين ريگل چوڪ تي گرفتاري ڏني.

حيدرآباد ۾ مخدوم خليق الزمان ۽ ٻين 15 ڪارڪنن گرفتاري پيش ڪئي.

غلام مجتبيٰ جتوئيءَ جي اڳواڻي ۾ نوان جتوئي کان موري تائين اڌ لک ماڻهن جو جلوس.

ڏهرڪيءَ ۾ ريل ڪيرائڻ جي ڪوشش.

ڪراچي، حيدرآباد، بدين سکر ۽ ٻين شهرن ۾ گرفتاريون شروع.

16: حيدرآباد ۾ ڪيترائي اڳواڻ گرفتار ٿري ميرواهه، نوابشاهه ۽ بدين ۾ اوچتو ڪارڪنن جي گهرن تي پوليس جون چڙهايون.

17: ممتاز علي ڀٽو ۽ ٻيا مکيه اڳواڻ گرفتار.

دادوءَ ۾ جيل تي حملو.

18 گرفتاريون جاري، فوجي ترڪن روڊن تي گشت ڪري رهيون آهن. گرفتار ٿيلن کي سزائون شروع.

19: گهوٽڪيءَ ويجهو ريل ڪيرائڻ جي ڪوشش.

امير علي شاهه سميت تن ڇڻن گرفتاري ڏني.

20: هالا ۾ مخدوم نوح جي درگاهه تي روزانو گرفتارين جو سلسلو جاري.

حيدرآباد، هالا، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊو غلام علي، ڇمبڙ، سڪرنڊ، خيرپور، بدين ۽ گولاڙچيءَ ۾ جلوس، سوين ڪارڪنن گرفتاريون پيش ڪيون.

فلپائين جي صدر مارڪوس جي سڀ کان وڏي سياسي مخالف اڳوڻي سينيٽر، اڪوئينو جوڙن سالن تائين آمريڪا ۾ جلاوطني جي زندگي گذاري کان پوءِ موٽڻ وقت، منيلا جي ايئرپورٽ تي قتل.

21: گرفتار ٿيلن کي سزائون. هن ملڪ جي حڪمرانن کي اسلام صرف ٽٽڪا هڻڻ ۽ عوام کي سزائون ڏيڻ سيکاريو آهي. پنهنجي مفلس ۽ محڪوم ماڻهن جي ڪل ادبيڙ ئي حڪمران ٽولي جو اسلام آهي.

22. مظاهرو ڪندڙن جيل تي حملو ڪري 27 قيدي آزاد ڪرايا ۽ رائيفلون کنيون.

حيدرآباد، خيرپور ۽ ٻين شهرن ۾ ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون. گرفتار ٿيندڙن کي ترت انصاف مهيا ڪندڙ فوجي ڪورٽن سزائون ڏيئي جيل موڪليو.

23: راڻيپور ۾ پُرامن جلوس تي فائرنگ 4 ڄڻا شهيد. حيدرآباد، هالا، ماتلي، موري ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ جلوس ۽ گرفتاريون. کين قيد، ڏنڊ ۽ ڦٽڪن جون سزائون. سڄي سنڌ جنگ ۽ جولان گاهه بنجي وئي آهي. فوجي سنڌ جي گهٽين ۾ نوسيندا وتن ٿا. لانگ بوٽن سان سنڌ جي فصلن کي لتاڙيندا رهن ٿا. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو تنوير عباسيءَ جي هن بيت جي سچي تصوير بنجي چڪا تہ،

گهٽي گهٽي سنڌ جي، ڄڻ ميائيءَ جو ميدان،
ڳيرو ڳيرو ڳوٺ جو، ڄڻ هوشوءَ جهڙو جوان،
ٿيندو اڄ ميدان، نعرا ٻڌبا نينهن جا!"

انسانيت سوز سزائون ڏيڻ اڄ ڪلهه جو معمول بنجي ويون آهن. حڪمران طبقو ڇتڪتائيءَ ۾ بوکلائجي ويو آهي. ڪن کي ٽڪٽڪين تي ٽنگيو ٿو وڃي تہ ڪن جا گولين سان سينا پرڻ ڪيا ٿا وڃن. جڏهن تہ هي ملڪ سڳورو اقوام متحده جو ميمبر آهي. هن جو عالم اقوام آڏو انساني آزادي ۽ احترام جو قسم کنيل آهي. ليڪن ان جي باوجود قسم جو ڪو خيال نہ ڪندي، هتي سياسي اختلاف رکڻ، بنيادي حق گهرڻ، جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ گرفتاريون ڏيڻ تي ڦٽڪا هنيا ٿا وڃن. حيرت جي ڳالهه آهي تہ اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل ۽ ان ۾ شامل ٻيا ملڪ خاموشيءَ سان تماشو ڏسي رهيا آهن. وري بہ شابس آهي پاڙي وارن ملڪن ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل (انساني حقن واري تنظيم) کي ۽ بي بي سي سميت بين الاقوامي ريڊين ۽ اخبارن کي جن سنڌين جي قتل عام جو ذڪر ڪندي مظلوميت جا گيت ڳايا. باقي اقوام متحده جهڙي عالمي اداري کي ماڻ رهڻ جڳائي نڏو. ان جي سردمهريءَ تي سخت افسوس آهي.

24. هلچل ۾ عورتون شامل ٿي ويون. ماتلي ۽ تلهار ۾ عورتن جا جلوس، حيدرآباد، دادو، بدين، شاهپور چاڪر، ٽنڊي باگي ۽ نندي شهر ۾ گرفتاريون.

سياسي ڪارڪنن تي ڪوڙن جو وسڪارو آهي. هتان جي بي ضمير وزير، مفاد پرست سياستدان ۽ نام نهاد دانشور يا ته خاموشيءَ جي چادر وڇهيو ستا پيا آهن يا وري آمرن آڏوڇ لتڪائي ڏيس واسين تي وار ڪرڻ، آزاديءَ ڏارين کي مڃرائي موقعا فراهم ڪري رهيا آهن. سنڌي بهادر عورتون جيلن ۾ بند آهن. ڪيترين ئي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد آهن. ڪيترين کي ڇاپا هٺي بغير ليڊي پوليس جي گرفتار ڪيو ٿو وڃي. ماضيءِ وانگر سنڌي عورتون پنهنجو شاندار ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

حڪمران ٽولو سخت پريشان آهي. ان کي شايد اها خبر آهي ته گرفتاريون، ڏنڊ، ڦٽڪا ۽ سزائون اقتدار جي عمر کي وڌائي نه ٽيون سگهن.

سنڌي ماڻهو تاريخ جي روشنيءَ ۾ واضع طور ڏسي رهيا آهن ته آمريت جو بت عوامي قدمن جي ٺوکرن ۾ ڏڪبو زوال ڏانهن ڏڪي رهيو آهي. جنهن کي بربادي ۽ تباهيءَ کان دنيا جي ڪائي طاقت بچائي نه ٽي سگهي. سنڌي عوام رندڪن، سختين، مصيبتن ۽ اذيتن هوندي به پنهنجي منزل ۽ ماڳ ڏانهن وڌي رهيا آهن. ڇوته انهن جي مقدر ۾ صرف ۽ صرف اڳتي وڌڻ لکيل آ ۽ هو اڳتي وڌڻ ئي سڪيا آهن.

25: ايم آر ڊيءَ جي چئني صوبن کي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي اپيل، خاص ڪري پنجاب کي شريڪ ٿيڻ جو سڏ.

مڪاني ادارن تان ميمبرن جون ،ستعيفائون. ميوو خان ۾ پوليس سان چڪريءَ ۾ به ڪارڪن فوت. حيدرآباد ضلعي سان قلم 144 لاڳو.

دراصل پهريائين ته ايم آر ڊي جي تحريڪ ملڪ گير هئي پر 14 آگسٽ کان ٽيل اعلان تي عمل درآمد صرف سنڌ ۾ ٿي رهيو آهي. مڙني ليڊرن جي اپيلن ۽ استداعن جي باوجود پنجابي پڙ ڪڏي بيهي رهيا.

شروعات ۾ ئي هلچل ٻين صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ جدا رنگ اختيار ڪيو. سنڌين لاءِ سمجهيو پئي ويو ته هو امن پسند ۽ سادا سودا آهن، اهي نه اٽندا. پر جڏهن قانون نافذ ڪندڙ ادارن پوليس ۽ فوج سان انهن جو دوبدو ڪٽي ڪٽي مقابلو ٿيو ته ڏارين جا ڏڏر ڏرا ٽي پيا. فائرنگ ۾ فوت ٿيڻ جي خبرن پاڪستانين جون ڏندين آڱريون وڇهرائي ڇڏيون.حيرت ۾ پئجي ويا.!!

سنڌي ماڻهن کي حقن گهرڻ جي عيوض ڦٽڪا ۽ گوليون هنيون ٿيون وڃن. مطالبا ڪرڻ تي مٿن مشين گنن سان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري سندن سينا چاٽي ڪيا ٿا وڃن.

پنجاب وارا پيپلزپارٽيءَ سان اقتدار پيري تہ گڏ هٿا. پر جڏهن قربانيءَ جو وقت آيو آهي تہ سنڌ جي پ پ وارن سان بي وفائي ڪري پنهنجن بنگلن ۾ زالن سان وٺا آهن.

سنڌي ماڻهن جي قتل عام تي ڪنهن بہ پنجابي ليڊر سچي دل ۽ سنجيدگيءَ سان ڪو مزاحمتي بيان نہ ڪيو. جڏهن تہ ستر سيڪڙو پ پ پنجاب ۾ هئي. سندن چيئرمين بيگم نصرت ڀٽو بہ ڪيترائي دفعا حڪم موڪليا ۽ گذارشون ڪيون تنهن هوندي بہ ڪين ڪا غيرت ڪانہ آئي. سنڌي چوٽيءَ وانگر تہ "ڪائڻ پيري گڏ، سمهڻ پيري مسيت ۾" جڏهن ڪرسين ۽ سيٽن جي لالچ هين تہ بيگم ڀٽو جي صدارت ۾ ڪراچي اچي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندا هٿا. پر اڄ انهن جي غم ۾ شريڪ نٿا ٿين. ڪيڏي نہ چالاڪي ۽ مفادپرستي آهي.

مرحوم ڀٽو زنده هو تہ سندس ڪلهي تي بندوق رکي بلوچستان جو فوجي آپريشن ڪرايائون ۽ ٻيا ڪم پئي ورتائونس. تڏهن فخرِ ايشيا ۽ قائدِ عوام جي لقب سان پئي نوازيائونس. جڏهن ڪم ڪڍيائونس تہ ڪمند جي چوبي وانگر چوسي ڦٽو ڪيائونس.

ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آ!

جنين ڪاڻ مياس، سي ڪانڊي ڪين ٿيا!

ڀٽو صاحب هڪ تقرير دوران پنجاب ۾ رنو هو. جنهن رومال سان پنهنجا ڳوڙها اگهيائين اهو 25000 (پنجويهہ هزار) روپين ۾ نيلام ٿيو هو ۽ جڏهن هڪ پنجابي چوڌريءَ جي ڪيس ۾ ڪيس قاسي ڏني ويئي تہ تارا مسيح جلاد کي ست روپيا ڏنا ويا. ڀٽو صاحب زنده هو تہ سندس ڳوڙهن جي قيمت 25 هزار روپيا هئي، جڏهن پنجابي ناراض ٿيس تہ ساهہ جو ملهہ ست روپيا ٿيو.

26: هالا ۾ هڪ لک ماڻهن جو جلوس، حيدرآباد، نوشهري فيروز ميهڙ ۽ بدين ۾ ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون. ڪوٽڙيءَ ۾ شهيدن جي غائبانہ جنازي نماز راڻيپور جو پير عبدالقادر شاهہ گهر ۾ نظر بند.

اها کا نئين ڳالهه ڪاڻ آهي ته هيترا سنڌي لکن جي تعداد ۾ روڊن تي نڪري مظاهرو ڪري رهيا آهن. سنڌين جو مزاج ۽ طبعيت سنڌودرياهه وانگر رهيو آهي. شايد ان جو پاڻي پيئندڙ آهن. تڏهن ڪڏهن ته صفا چپ هوندا آهن. پيو لتاڙين ته ٻڙڪ نه هوليندا ۽ جڏهن جوش ۾ ايندا ته ٻاڙٻوڙ ڪري ڏيندا آهن. جڏهن ڪڏهن شهرن مان تحريڪون هلنديون آهن پر هيءَ تحريڪ سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ڳوٺن کان هلي رهي آهي. هلچل ۾ حصو ونڊندڙ سنڌي ئي آهن. سنڌي اخبارون خاص ڪري مهراڻ، عبرت، آفتاب، هلالِ پاڪستان، سنڌ نيوز ۽ ناظم تحريڪ تي سڀ نموني لکي رهيون آهن. ڇوته ريڊيو ٽي وي، اردو ۽ انگريزي اخبارون هلچل جي سخت مخالفت ڪري رهيون آهن. هو گهٽو ڪري حڪومت جي چاپلوسي ڪري ساڻس ساڻ ڏئي رهيون آهن. سنڌي اڪيلا ميدان ملهائي رهيا آهن. سنڌي ايترو اڳتي نڪري چڪا آهن، جو هاڻي انهن کي ڪنهن به ايم آر ڊي جي ليڊر جو حڪم پوئتي موٽائي نٿو سگهي ۽ نه ئي کين ڪو بند روڪي سگهندو. جيڪڏهن حڪمران ٽولو انهن کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌڻ جي ڪوشش به ڪندو ته هو انکي ڌاهي هليا ويندا.

هن تحريڪ کي سول نافرمانيءَ جي هلچل به چيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري گرفتاريون ڏينهون ٽيهون وڃن. پر امن مظاهرا ڪيا پيا وڃن. هڙتالون ٿي رهيون آهن ۽ تاڪيد ڪيو ٿو وڃي ته اهنسا جي طريقي تي عمل ڪيو وڃي ۽ هوڏانهن اسانجي سنڌي ڀائرن کي گولين جو نشانو بنايو ٿو وڃي. سنڌي عوام کان سپ ڪجهه ڦري کين بکيو ۽ ڪنگال بنائڻ لاءِ دشمن هر طريقو اختيار ڪري رهيو آهي. حقن گهرڻ جي عيوض گولي، مطالبن جي عيوض موت، جمهوريت جي عيوض جيل ملي رهيا آهن. تنهنڪري جتي حڪومت سنڌين جي وجود ۽ پاڙ کي ائين پٽڻ گهري ٿي جيئن تيز طوفان غريب جي جهوپڙيءَ کي پٽي اڇلائي ڇڏيندو آهي، اُتي سنڌي ماڻهن کي پنهنجي قومي تشخص کي بچائڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ هر طريقو استعمال ڪرڻو پوندو. جيتري تائين اهنسا جي استعمال جي گنجائش هئي تيتر اهو طريقو استعمال ڪيو ويو. هاڻي اهو طريقو هنن حالتن ۾ غير ضروري آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ جون حالتون هينئر ۽ دشمن جو اسان سان رويو ظاهر ٿو ڪري ته سنڌي هٿياربند جدوجهد جو سهارو ولي حق حاصل ڪن. ڇوته سنڌين ابتدا ۾ ڪيئي ڀيرا قانوني ۽

آئيني طريقا استعمال ڪري آواز اٺاريو. پُرامن سياست ۽ عدم تشدد جا طريقا اختيار ڪري سياست ڪئي، پر وحشي حڪمرانن سنڌي عوام کي ظلم ۽ جبر جو نشانو بنايو. هاڻي سنڌي مجبور ٿيا آهن ته پنهنجي قومي ملڪيل هٿياربند سياست جي ذريعي هلائين. جڏهن قابض حڪمران ٽولو عوام جي مطالبن ۽ مظاهرن، اپيلن ۽ احتجاجن کي ڳالهه مهاڙ ۽ دليل سان ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي، ته ان حالت ۾ غلام ماڻهن جو هٿ بندوق ڏانهن وڌڻ هڪ فطري ڳالهه آهي. ڪابه طاقت پُرامن طريقي، دليل ۽ حق جتائڻ يا ميڙ منٽ سان پنهنجو قبضو نه ڇڏيندي آهي. اها طاقت پنهنجو قبضو تڏهن ڇڏيندي جڏهن ڪيس طاقت جي هڪل سان بانا هڻي مجبور نه ڪيو ويندو. عدم تشدد جي علمبردار مهاتما گانڌي جي خود چيو آهي ته: "تشدد، بزدلي خوف ۽ غلاميءَ کان بهتر آهي."

تشدد پسندي سنڌين جو ظلم ۽ محڪوميت مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ طريقو آهي. جڏهن ڪو مظلوم غلاميءَ مان تنگ ٿيندو آهي ته اهو ڏاڍ، آمريت ۽ دهشت کي ختم ڪرڻ لاءِ هٿياربند جدوجهد جو طريقو اختيار ڪندو آهي. سنڌين جو اهو عمل فاشي ڪتن ۽ سامراجي سوئرن جي ظلم ۽ بربريت جو جواب آهي ۽ ردِ عمل آهي. طاقت ۽ قوت جي جا اهميت حاصل رهي آهي ۽ رهندي ان کان انڪار ڪرڻ حقيقت کان منهن موڙڻ جي برابر ٿيندو. تشدد کان پري رهڻ ۽ پرهيز ڪرڻ جي معنيٰ اها آهي ته ماڻهو ان کان بدترين شين کي برداشت ڪندو رهي. سامراجي ۽ ذليل حڪمرانن جي آڏو ڪنڌ جهڪائي يا ڪنهن غير منصفانه نظامِ حڪومت کي قبول ڪري جنهن جو بنياد وحشتپڻي ۽ دهشت تي قائم هجي، اهو ته اهنسا جي اصولن جي قطعي خلاف ۽ منافي آهي.

دراصل عدم تشدد جو طريقو تڏهن جائز قرار ڏنو ويندو جڏهن ان ۾ مانيٽو تضاد ۽ تحرڪ هجي، غير منصفانه حڪومت يا جبر تي ٻڌل نظام کي بدلائڻ جي سگهه، اهليت ۽ قابليت موجود هجي يا پُرامن سياست ڪرڻ ڏني وڃي. هينئر اسان وٽ سنڌ ۾ عدم تشدد ايترو اثرائتو ٿي نٿو سگهي جو قومي دشمن کي حق ڏيڻ يا سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪري ڇاڪاڻ ته سنڌ جي بندر، بازارن، هوٽلن ۽ ڪارخانن سان گڏ هر شئي تي پڙ ڏاريا قابض آهن. جيڪڏهن اسان اقتصادي بائيڪاٽ، هڙتال ۽ سول نافرمانيءَ جو سڏ ڏينداسون ته اهو سولائيءَ

سان قابض حڪمران ٽولو ناڪام بڻائي ڇڏيندو. ان جو تازو مثال هلچل دوران هڙتال جو سڏ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪاروبار ڪليل پئي رهيا آهن.

جيڪڏهن ڪنهن ڪارخاني، ٽيڪسٽائل مل يا شگر مل ۾ سنڌي ملازم هڙتال ڪندا ته ڪين فورن نوڪرين مان ڪڍي اتي پنجاب مان ماڻهو گهرائي رکيا ٿا وڃن.سنڌين کي هڙتال ۾ حصو وٺڻ جي ڏوهه ۾ برطرف ڪري غيرن کي پرتي ڪيو وڃي ٿو. تازو جن به مزدورن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ حصو ورتو تن کي فيڪٽرين مان نوڪرين کان جواب مليو يا جيڪڏهن سنڌي ٽيڪس وغيره نه ڏيندا ته، سهوليت کان محروم ڪيا ويندا.

پاڪستان جي فوج، پوليس ۽ ٻين انتظامي ادارن ۾ اڪثريتي سنڌي ملڻ ايترو مشڪل آهي، جيترو پڙوي جيءُ دل ۾ غيرت جو نشان.

ڏاريا گهڻائيءَ ۾ رکيل آهن. سامراجي ذهنيت رکندڙ پرتي ٽيل آهن. تازو هلچل دوران ڪيترن سنڌي پوليس وارن تي مظاهرين سان نرم روئي اختيار ڪرڻ جو الزام هڻي انهن کي ڪڍيو ويو. ڪن کي ٻين صوبن ۾ بدلي ڪرڻ جا ايم آرڊي ڪيا ويا. اتان ٻيو اعتبار جوڳو فورس گهرايو ويو. جيڪو گولي هلائڻ ۾ دير نه ڪندو. سنڌي پوليس جي عملدارن ۽ سپاهين ٻين صوبن ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو ته انهن جي جاين تي ڏاريا پرتي ڪيا ويا جيڪي اسانکي ڪچلڻ لاءِ بي رحميءَ، وحشيانه ۽ واهيات طريقا استعمال ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن سنڌين مڙس ٿي منهن ڏيڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ جي طاقت گڏ نه ڪئي ته سنڌن تحرڪ ختم ٿي ويندو.

مهاتما گانڌيءَ جي دور ۾ هندستان جون حالتون هاڻي جي حالتن کان مختلف هيون. اتي پوليس. فوج ۽ ٻين ادارن ۾ ملڪي ۽ مقامي ماڻهن جي اڪثريت هئي.ا ئين چوڻ درست ٿيندو ته پوليس ۽ فوج ديسي ماڻهن تي مشتمل هئي. انگريز سامراج کي هندوستاني فوج طرفان عدم تعاون ۽ بغاوت جو خطرو ۽ خوف هميشه موجود رهندو هو. تنهنڪري اهي عوام سان اهو سلوڪ ڪري نٿي سگهيا، جيڪو نازين يهودين سان ڪيو يا جيڪو پنجابي هينئر سنڌين سان ڪري رهيا آهن.

هينئر سنڌي ماڻهن کي ڪيئي ته مسلح جدوجهد جو طريقو استعمال ڪن. جيڪي ماڻهو اقتدار تي قابض ظالم ۽ حق کائيندڙ هوندا آهن. جيڪي قابض

قوتون ۾ جابر طاقتون مظلوم انسانن جي مال ملڪيت، ڌن ڌرتي ۾ ٻين پيداواري وسيلن تي قبضو ڄمائي ويٺيون هونديون آهن. اُهي آمرانہ قبايل ڌرتيءَ کي ايتري تائين نہ ڇڏيندا، جيتري تائين اهي ان تي مجبور نہ ڪيا وڃن يا اهڙيون حالتون نہ پيدا ڪيون وڃن. هينئر مطالبا ۾ مڈمتن ڪرڻ جو وقت ناهي. غائبانہ جنازي نمازون پڙهڻ ۾ ختما ڏيارڻ جو ٽائيم ناهي.

27: مختلف شهرن ۾ مظاهرا ۾ گرفتاريون، شهدادپور ۾ جلوس تي فائرنگ، ٽي ڄڻا زخمي. ڏهرڪي ويجهو ريلوي استيشن تي حملو ۾ فائرنگ

اڄ هلچل کي ٻيو حصو پورو ٿيڻ وارو آهي. پاڪستان جي آزاديءَ واري ڏينهن تي جناح جي قبر تان شروع ٿي هئي. ڪي ماڻهو پاڻ گرفتاريون ڏيئي رهيا آهن تہ ڪي ڳولیا نٿا لين. انهن جي گهرن ۾ بينڪن تي ڇاپا هٽي چڙهايون ڪيون ڀيون وڃن. سون، هزارن ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو جلوس ڪڍي مظاهرا ڪري رهيا آهن. سڄي سنڌ جا جيل ڀرجي چڪا آهن. گنجائش کان ٻيڻ ٽيڻ تي وڌيڪ قيدين کي زندان ۾ زنجيرن جي حوالي ڪيو ٿو وڃي. جيلن جي بئرڪن ۾ رڪڻ ڪري ماڻهن کي جيل جي فيڪٽرين، گودام خانن ۾ اسپتالن ۾ رکيو ٿو وڃي، جتي قيدين کي ڪابہ سهوليت ڪانهي.

سرڪار جي انتظامي ادارن، بئنڪن، ڪورٽن ۾ آفيسن تي مظاهرو ڪندڙن حملا ڪري، باهيون ڏيئي ڀاهہ ڏوهہ ڪئي آهي. ٽاٽن ۾ لاڪپن جا رڪارڊ ساڙيا ويا آهن. مچريل ماڻهن جا هشام ۾ هجوم بازارن ۾ گورنمينٽ کان پنهنجا مطالبا ڪري رهيا آهن. فوج کي بئرڪن ۾ واپس وڃڻ لاءِ چئي رهيا آهن. پنهنجا جائز حق گهري رهيا آهن ۾ حڪومت جا ڪارندا فوج، فرنٽيئر ڪانسٽيبلري (ٻوڙي پوليس)، هتان واري پوليس ۾ ٻيو فورس ماڻهن جي مطالبن کان ڀڄڻ بي خبر. انهن جي آواز کي ٻڌڻ کان نٽائي سرڪاري ٽڪي جي ملڪيت جي حفاظت جي خاطر گولي هلائي عوام جي آواز کي گوليءَ جي گونجار ۾ گم ڪري رهيا آهن. ڇوتہ پاڪستاني پوليس ۾ فوج جو فرض عوام جي زندگيءَ جي حفاظت نہ پر سرڪاري عمارتن جي حفاظت آهي. ريل جون پٽڑيون اکيڙيون ڀيون وڃن. ريلوي سنڌ جي آمد و رفت بند ٿي ويئي آهي. وڏا روڊ ۾ شاهراهون جلوس ۾ رڪاوٽون ڪڑيون ڪرڻ جي ڪري ڏينهن جا ڏينهن بند لڳا پيا آهن.

سنڌي عوام فوج ۽ پوليس کي پٿر، پتر ۽ ٽڪون هٽي رهيو آهي ۽ پاڪستاني فورس موت ۾ کين ڇوڙهه گئس، لئيون هٽي رهيو آهي هر روز کافي پبلڪ شهيد ٿي رهي آهي ۽ هوڏانهن پاڪستاني فورس به الله کي پياروٿيندو پيو وڃي. انهن جي لاش کي پنجاب موکلڙ جي واسطي ڪاٽ جون پيٽيون ٺهرايون پيون وڃن، جيڪي به ڏيهه ڏسي رهيو آهي.

28.: جماعت اسلاميءَ جي امير طفيل محمد جي جنرل ضيا سان ڏيڏ ڪلاڪ گفتگو.

حيدرآباد، هالا، لاڑڪاڻو سکرنڊ، مورو، نوشهروفيروز ۾ گرفتاريون، دادوءَ ۾ وڪيلن جو جلوس.

گهٽا ماٺهو از خود ٻڌجڻ لاءِ ٽاٽن ۽ چوڪن تي اچي رهيا آهن ته گهٽا ماٺهو وري لاڪپن جون شيخون ڪپي پڄي رهيا آهن. ڪيترن ئي ڏينهن کان کافي شهرن جو ڪاروبار مفلوج ٿي چڪو آهي. بازارون بند آهن. سنڌي ماٺهو روڊ ۽ رستا بلاڪ ڪرڻ لاءِ نوان طريقا استعمال ڪري رهيا آهن، جيڪي تمام سستا ۽ سولا آهن. گهٽن هٿيارن جي ضرورت ئي ناهي صرف هڪ ڪاراهي.

روڊن جي پاسن کان بيئل وٽن منجهان هڪ وڏو وڻ ڪاراهيءَ سان ڪپي رستي تي ليٽائي ٿا ڇڏين ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڊ بند ٿيو وڃي. ڀهراڙين جو واپار شهرن کان ڪٽجي چڪو آهي. ڳوٺن ۾ مڪڙ، گيهه سبزي ۽ کير سستو ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو هاٽي غير يقيني حالتن جي ڪري شهرن ڏانهن ٻئين وارا مائي جي صورت ۾ موڪلي نٿا سگهن ۽ نه ئي سبزي وغيره ڪراچي يا ملڪ جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ وڃي ٿي. تنهنڪري ڏاڍي سستائپ ٿي آهي. هر غريب غربو وٽي سگهي ٿو. ٿورو عرصو روڊ جام ٿيا آهن ته مارڪيٽن منجهان بصر سبزي سميت ڪافي ڪائڙ جون شيون غائب ٿي ويون آهن. پنجاب وارا ليڊر حضرات واويلا مچائيندا رهن ٿا ته سنڌن استور ۽ اناج جا گودام خالي ٿي ويا آهن. جيڪي اين ايل سيءَ جا ٽريلر سنڌ مان ڊوئي پريندا رهندا هئا. پنجاب جي پٽرول جون ٽانڪيون خالي ٿي ويون. اهو به بدين مان وڃي رهيو آهي. پٽرول نڪتو بدين مان آهي فلٽر يعني صاف ڪراچيءَ (سنڌ) مان ٿئي ٿو ۽ وڃي پنجاب ٿو. سنڌ کي گرڙي به نه ٿي ملي. صرف ڪجهه ڏينهن نئشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين معطل ۽ درهم برهم ٿي آ ته ڪيترو

پنجابي پريشان آهن. جيڪڏهن اهي ٻئي رستا بند ٿين تہ پنجاب وارا ٻاٽون ڏيندا. بهرحال اهو سنڌين جي هٿ وس آهي. جڏهن بہ ضرورت سمجهن بند ڪري سگهن ٿا.

ماڻهن ۾ فوجي احساس وڌي رهيو آهي. جي حالتن کان واقف ٿيڻ لاءِ بحث ڪري رهيا آهن. بي بي سي ٻڌي رهيا آهن.

29: جنرل ضيا ترڪيءَ جي دوري تي روانو موري سکرنڊ شهدادپور، حيدرآباد، خيرپور ناٿن شاهہ ۾ لاڙڪاڻي ۾ گرفتاريون.

گرفتار ٿيلن کي سزائون، مڪاني ادارن تان استعيفائن جو سلسلو جاري.

سکرنڊ ۾ هلچل جي ڪاميابيءَ لاءِ گڏ ٿي قرآن پاڪ پڙهڻ وقت نيشنل هاءِ وي تي فوج فائرنگ ڪئي. ڏرٽو هٽي ويٺلن تي فوجي گاڏيون تيز رفتاريءَ سان چاڙهيون ويون. قرآن جي بي حرمتي ٿي. روڊ رت سان ڳاڙهو ڪيترائي سنڌي شهيد، لاشن جي صورت ۾ رستي تي پيا رهيا ۽ زخمي تڙپندا رهيا.

اهي شهيد ۽ زخمي هنن ڳوٺن سان تعلق رکن ٿا: ڳوٺ لڏو چانڊيو لڳ سکرنڊ، ڳوٺ حاڪم خان چانڊيو ڳوٺ غلام الله چانڊيو ڳوٺ جام (ڏاتار) صاحب، ڳوٺ قيصر خان چانڊيو ڳوٺ شادي خان چانڊيو ڳوٺ مستي خان. ڳوٺ الهہ بخش چانڊيو ڳوٺ رب ڏنو ماڇي، ڳوٺ عبدالڪريم خاصخيلي ڳوٺ پنهل خان چانڊيو اهي سڀ ڳوٺ سکرنڊ جي پرسان آهن. جيڪي تعلقي سکرنڊ ۾ اچن ٿا. ضلعي نوابشاهہ جي ٻين تعلقن ۾ موجود ڳوٺ هي آهن: ڳوٺ ڪاجهري، ڳوٺ جام صاحب، ڳوٺ داد، ڳوٺ ڪرڙ جتوئي، قاضي احمد، ڳوٺ لاکات. اکين ڏٺي شاهدن ٻڌايو تہ لاکات کي فوج هيليڪاپٽر ذريعي پيٽرول بم هٽي باهہ ڏني، جي ڪڪائن گهرن مان ماڻهو ٻاهر نڪتا تہ مٿن مشين گنن سان فائرنگ ڪئي ويئي جنهن ۾ ڪيترائي سنڌي شهيد ۽ زخمي ڪيا ويا. انهن جي گهرن کي لٽيو ويو عورتن جا زيور ۽ ڳهہ ڦريا ويا. سڄي ڳوٺ جهڙتي ورتي ويئي، ڪابہ شئي باقي نہ ڇڏي ويئي الهہ تلهہ ٻهاري مال غنيمت سمجهي کڻي ويا. عورتن جون بي عزتيون ڪيون ويون ۽ ٻين ماڻهن تي بي انتها تشدد ڪيو ويو ان ڳوٺ جا سنڌي ماڻهو ظلم خلاف ۽ پنهنجن ننگن جي حرمت جي بچاءَ لاءِ بي جگريءَ سان وڙهيا جن جي اڳواڻي هڪ غيرتمند سني ڳوٺاڻو منٺار جتوئي ڪري پيو. سکرنڊ جي ان تازي تصادم ۽ نيشنل هاءِ وي تي 16 ماڻهو شهيد ٿيا. ميجر ڪان ويندي فوجي سپاهين تائين

سنڌي ماڻهن کي کچلين پيا. کي کامريڊ چوندا آهن تہ فوج جو هيٺيون طبقو مظلوم آهي. چند جنرل آهن. جيڪي عوام تي ظلم ڪندا آهن. انهن کامريڈن کي خبر هئڻ کپي تہ ڦورو طبقن جو نظام ئي رياستي ادارن جي مضبوطيءَ تي ٻڌل هوندو آهي ۽ رياستي ادارن ۾ مخصوص سينيئرس يا جنرل نہ هوندا آهن.

لينن هڪ هنڌ واقعي فوج کي پرولتاريہ جي هڪ شڪل سڏيو آهي پر اها فوج پاڪستاني فوج ناهي. جيڪا پنهنجي ئي ملڪ کي هر دفعي فتح ڪري قومي بجيٽ هڙپ ڪندي رهي ٿي. لينن جي مراد زار جي اها فوج هئي. جيڪا پهرين مهاپاري لڙائيءَ جي خلاف هئي ۽ ان فوج جي اها حالت هئي جوان جي سپاهين جي پيرن ۾ نہ صرف بوٽ ڪونہ هو پر جسم تي پوري ڊريس (لباس) بہ ڪونہ هئي.

لينن ان وقت برطانيہ. جرمني ۽ آمريڪا جي فوج کي قطعي عوام دوست ۽ پرولتاريہ جي هڪ شڪل نہ سڏيو هو. پر کامريڈن کي شايد غير سنڌي سياسي استادن جي اهڙي هدايت مليل آهي تہ فوج خلاف نفرت گهٽائي ماڻهن کي نرم ڪيو.

پاڪستان ۾ جڏهن کان مارشل لا نافذ ٿي آهي. تڏهن کان جنرلن کان ڪرنلن تائين ۽ ميجرن کان سپاهين تائين کي باقاعدي مارشل لا الائونس ملي رهيو آهي. الائونس تڏهن ملندو آهي. جڏهن ڪنهن پرائي ملڪ سان جنگ هئڻ ڪري فوج بئرڪن مان باهر محاذن ۽ مورچن تي هوندي آهي پر هتي پنهنجي عوام سان هنن جي جنگ جاري آهي. ان جي عيوض هو پگهارن سان گڏ. الائونس ۽ عوامي مال غنيمت واري ملڪيت مزي سان کائي رهيا آهن. مڙئي سپاهي توڙي سپہ سالار سنڌين ۽ مظلومن کي کچلڻ ۾ برابر جا شريڪ آهن. هتي هر وقت اهو ڊنڊورو پٽيو ٿو وڄي تہ ملڪ کي خطرو آهي. فوج ان جي بچاءَ لاءِ هر دم تيار آهي. دراصل اهي فوجي ادارا ۽ چانوڙيون تباهہ ٿيڻ گهرجن. چوتہ اهي ڪٽي بہ پنهنجي ملڪن جو بچاءُ نہ ڪري سگهيون آهن.

پهرئين جنگ عظيم ۾ اهو ادارو ترڪي ۽ جرمنيءَ جو بچاءُ نہ ڪري سگهيو. پي جنگ عظيم ۾ اهو ادارو هٽلري حملي کان سموري اوپر يورپ کي بچائي نہ سگهيو. فرانس جي باقاعده فوج ٽن ڏينهن ۾ گوڏا کوڙي ڇڏيا. روس جي سرخ فوج نازين کي ماسڪو تائين پهچڻ ۾ روڪي نہ سگهي. چين تي

جپاني حملي کي فوج موٽائي نہ سگھي. انهن سيني هنڌن تي اتان جي عوام پنهنجي پنهنجي ملڪ جو نہ صرف بچاءَ ڪيو پر سموري دنيا ۾ آرمي ۽ کي شڪست فاش ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

پاڪستاني فوج به ملڪ کي قطعي بچائي نٿي سگھي. صرف شير شاهہ جي شڪري وانگر گھر جا ڪڪڙ مارڻ ۾ ماهر آهي. ڪانو جي ڪاوڙ اڪ مڪڙ تي.

30: هالا ۾ پنجاهہ هزار ڪارڪنن جو جلوس قومي شاهراهہ پنج ڪلاڪ بند. ضلعي ڪائونسل بدين جي 31 ميمبرن جي استعيفا ڏنڊو جام ۾ شاگردن جو جلوس.

بي بي سي جو مشهور نمائندو مارڪ ٽيلي نواب شاهہ پهتو. مختلف شهرن ۾ گرفتاريون.

مارڪ ٽيلي بي بي سي جو مشهور نمائندو آهي. هلچل دوران هن سڄي رپورٽنگ ڪئي. جنهن ڪري ڏاڍو معروف ٿي ويو آهي. جيڪڏهن پاڪستان ۾ ئي (جيڪو سندس وطن ناهي) اليڪشن لڙي ته پاڪستاني جنرل کان وڌي اڪثريت سان کٽي سگھي ٿو.

شورش وارن شهرن ۾ حالتون سنگين آهن. پوليس کان ڳالهہ چڙهي ويئي آهي وڌيڪ پاڪستان فوج جي وڌي لوڌ ڳولڻ ڏانهن رواني ڪئي ويئي آهي. سياسي پارٽين حڪومت جي قانون جي پڇڙي ڪندي بند آفيسون کوليڻ شروع ڪيون آهن.

هلچل سنڌ جي ٻين ڳولڻ ۽ شهرن ڏانهن به پکڙجي رهي آهي.

سرحد جي قوم پرست اڳواڻ خان غفار خان پختونستان جو نعرو وري ڏهرايو آهي. افغانستان جي جهازن پاڪستان جي سرحدن جي خلاف ورزي ڪندي بمباري ڪري ڪجهہ ماڻهو ماريا ۽ ڪيترائي زخمي ڪيا. پاڪستان سرڪار افغانستان جي عيوضيءَ کي گھرائي چيو ته اڳتي ائين ٿيو ته پوءِ نڪرندڙ نتيجن جي ذميواري خود افغانين تي هوندي. افغانستان طرفان بمباري ۽ فائرنگ روز جو معمول بنجي ويئي آهي. حڪمران ٽولو بار بار صرف زباني احتجاج ڪندو رهي ٿو. باقي پنهنجن لاءِ پڙي آهن. شير شاهہ جي شڪري وانگر گھر جا ڪڪڙ مارڻ لاءِ بيتاب آهن.

فوج جي اهڙي عوام ڏانهن روش کي مد نظر رکي، هي مقولو مشهور ٿي ويو آهي ته:

"مري شهيد، بچي غازي، پچي ته نيازي" اي کي نيازي اهو جنرل هو جنهن جنرل اروڑا وٽ بنگلاديش ۾ هٿيار ڦٽا ڪري ملڪ جي ساک وڃائي.

اوڙي پاڙي جون حالتون خراب آهن. انڊيا ۾ پنهنجي سرحدن تي نظر رکيون بيٺي آهي. ٽنڊوجام زرعي يونيورسٽيءَ جي شاگردن روڊ بلاڪ ڪري ٽن ٽريلرن کي باهه ڏني شاگردن جي پوليس سان پڙ جهڙپ ٿي. حڪمران ٽولو سليڪشن ڪرائڻ کان شايد ان ڪري نٽائي رهيو آهي ته متان سنڌي ميمبر سنڌ اسيمبلي ۾ پاڪستان کان آزاديءَ جو ٻُهراءُ پاس ڪرائن. پنجابي فوج جا ڪارناما ملڪان ملڪ مشهور آهن. 1914ع واري عالمي جنگ ۾ انهن ئي پنجابين انگريزن جي اشاري تي مسلمانن جي پاڪ مرڪز ڪعبت الله شريف تي (9) نون روپين پگهار تي گوليون هلايون هيون. ساڳين پنجابي ڪرائي جي فوجين جنرل ضيا جي قيادت ۾ اردن ۾ فلسطيني ماڻهن جي قتل عام ۾ حصو ورتو هو. ان ئي پنجابي فوج جا هٿ (30) ٽيهه لک بنگالين جي مقدس رت ۾ رڱيل آهن ۽ (20) ويهه هزار بيگناهه بلوچن جو قتل عام ۽ پنجابي خاڪي وردي وارن ڪيو هو. سنڌ ۾ عبدالقادر هالپوٽو اشوڪ ڪمار بشير تنيو، عبدالرزاق سومرو، محمد شاهه، مراد بخش گبول، عبدالرشيد جدگال، اسحاق بالادي، نذير عباسي، ذوالفقار علي ڀٽو، احسان ميمڻ ۽ ٻين لاتعداد سنڌي شهيدن جو خون ۽ انهن وحشي فوجين ۽ انهن جي چاڙٽن هٿان ٽيو.

حڪمران ٽولي هميشه سنڌي، بلوچن ۽ پٺاڻن (مظلوم قومن) تي سنگينن جي پاڇي ۽ بندوق جي زور هيٺ ڏاڍ ڪيا آهن. هينئر جڏهن سنڌ جا غيرت مند ڳوٺاڻا ۽ شهري، هاري، مزدور، شاگرد، وڪيل، ملازم ۽ ٻيا ماڻهو پنجابي حڪمران ۽ فوجي ٽولي خلاف ميدان ۾ نڪري پنهنجا حق گهري رهيا آهن. جيتوٽيڪ ڏنو ويڃي ته هلندڙ ايم آر ڊي جي جدوجهد جا مطالبا ايڏا خطرناڪ ۽ پنجابين جي خلاف ناهن. پوءِ ۽ پنجاب جو عام ماڻهو هن جدوجهد ۾ پنهنجي تاريخي ۽ روايتي ياڙيائي ۽ بزدليءَ جو ثبوت ڏيئي تماشائي بڻجي سنڌي ماڻهن جو بيگناهه رت رستن تي وهندو ڏسي رهيو آهي. سنڌين کي سمجهڻ کپي ته پنجاب جو هر رهواسي فوجي ٽولي جو ساٿي ۽ سندن رت جو پياسو آهي. هن جون اکيون سنڌين جي سرسبز ۽ خوشحال ديس سنڌ ۽ ان جي سونن کيتن ۾

کتل آهن. هو سنڌين کي غلام بنائي رکڻ گهرن ٿا. پنجابي فوج کي خبر آهي. ته سنڌي ماڻهو جو اڄ ميدان ۾ نڪري دنيا ۾ پنهنجو نالو ۽ ڏاڪ جمائي چڪا آهن. ان جي پٺيان 1973ع جو آئين ۽ جمهوريت جي بحاليءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪو جذبو ڪم ڪري رهيو آهي. جيڪو آهي پنهنجي بنيادي قومي حقن جي حاصلات. سنڌي ٻولي ۽ تهذيب جي بچاءَ جو مطالبو پنهنجي قومي وجود ۽ تشخص کي برقرار رکڻ ۽ احساس محرومي نہ پر احساسِ غلامي جو شديد رد عمل پنجابين خلاف سخت نفرت جو اظهار پاڪستان جي 44 سالن جي تاريخ شاهد آهي ته سنڌين يا بلوچن کي ڪڏهن انساني ۽ جمهوري حق نہ مليا آهن. سنڌين جون لکين ايڪڙ زمينون فوجين جي قبضي ۾ آهن. پنجابي جنرل سدائين اهي دڙڪا ڏيندا رهيا آهن ته. "اسان کي سنڌي ماڻهو نہ پر سنڌ جي زمين کپي" هنن هتي ڪنهن قانوني حڪومت کي برداشت نہ ڪيو آهي. تنهنڪري حق ۽ سولائيءَ سان نہ ڏيندا. ان لاءِ جڏهن پوري طاقت سان کين مجبور نہ ڪيو ويندو.

پنجابين ۽ فوجي حڪمرانن کان جمهوريت جي گهر ڪرڻ کڙي کان پٽ گهرڻ جي برابر آهي. هتي هر زوز نوان نوان بهانا بنائي اليڪشن ڪرائڻ کان لنوايو ٿو وڃي. ڪڏهن چيو ٿو وڃي ته حالتون ٺيڪ ناهن. ڪڏهن وري سڌريل حالتن کي حڪمران ٽولو پاڻ خراب ڪري رهيو آهي. ايران ۾ جنگي حالتن ۾ ۽ چونڊون ڪرايون ٽيون وڃن. جڏهن بہ جي ڏماڪي سان ايران جي ڪئبينيٽ جا هڙئي وزير. وزير اعظم سوڏا بلڊنگ جي ڍهڻ ڪري ڏيڄي مري ويا. تڏهن بہ نيون چونڊون چئن ڏينهن اندر ڪرايون ويون. هتي ته ايان کو صدر يا جنرل کونہ ماريو ويو آهي. نہ ئي کو بم لڳڻ ڪري بهشت جي حوالي ٿيو آهي. جو اليڪشن کي قرآن جون آيتون پڙهي بار بار ملتوي ڪرايو ٿو وڃي.

31: حيدرآباد. هالا. لاڙڪاڻي. سڪرنڊ. ماتلي. سکر خيرپور ناٿن شاهہ. ميهڙ ۾ جلوس ۽ گرفتاريون. ٽنڈو جام يونيورسٽي اڙ جاڻايل مدي تائين بند. سکر جي برڪ وڪيل ۽ مشهرو سنڌي اديب رشيد پٽي رات جو گهر مان گرفتار. هالا ۾ پوليس ۽ مظاهرين جي جهڙپ ۾ ايس ايچ او سميت چار سپاهي زخمي.

هالن ۾ پوليس ۽ ماڻهن وچ ۾ چڪريون لڳيون. ماڻهن سروٽا ۽ لئيون استعمال ڪيون. پوليس ڳوڙها گئس ۽ فائرنگ ڪئي. ماڻهن جي مڇريل انبوهه پوليس کي زخمي ڪرڻ کان پوءِ قومي شاهراهه تي قبضو ڪري ڏاهڪو جاين تي ٽائر ساڙيا. جنهن ڪري اتڪل ست ڪلاڪ آمد رفت بند رهي. ماڻهن پوسٽ آفيس ۽ قومي بچت مرڪز کي نقصان پهچايو هڪ وڏو جلسو ڪيو ويو جنهن ۾ عورتن ۽ ننڍن ٻارن به شرڪت ڪئي. هڪ فوجي گاڏي تيز رفتار سان ماڻهن جي انبوهه کي چيري ٻئي پاسي نڪتي جنهن جي نتيجي ۾ ڪافي ماڻهو زخمي ٿيا. جن مان خادم حسين نالي هڪ نوجوان جي ٽنگ پڄي پيئي. آنسو گئس جي استعمال سبب ڪافي ماڻهو بيهوش ٿيا. ٽنڊو جام يونيورسٽي جي وي سي ڊاڪٽر انصاريءَ جي صدارت ۾ هڪ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ يونيورسٽيءَ کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

هفتي کان ٽيندڙ هنگامن جي پيش نظر يونيورسٽي کي ٻئي آرڊر تائين بند ڪيو ويو. جڏهن ته اڄ صبح جو 500 (پنج سئو) شاگردن هڪ جلوس ڪڍيو. انهن حڪومت خلاف نعرا هنيا. پوليس کين لائوڊ اسپيڪر ذريعي اطلاع ڏنو ته يونيورسٽي بند ٿي ويئي آهي. جنهن ڪري شاگرد منجهند تائين هاسٽلون خالي ڪري وڃن ٻي صورت ۾ سندن ڪمرن تي ڇاپا هٽي کين گرفتار ڪيو ويندو. هوڏانهن پوليس طرفان سخت انتظام ڪيا ويا. پوري يونيورسٽي پوليس جي گهيري ۾ آندي ويئي ۽ان سان گڏ پوليس جي هڪ بکتر بند گاڏي روڊ تي بيٺي رهي.

ميهڙ ۾ اڄ هڪ جلوس نڪتو جنهن ۾ فوجي حڪومت خلاف نعرا لڳا. ادريس مهيسر گرفتاري ڏني. ٻئي طرف خيرپور ناٽن شاهه ۾ به هڪ شاگرد بخشل ۽ هڪ هاري منظور گرفتار ٿيا. ان موقعي تي مختلف نعرا هنيا ويا. ميرپور بٺوروي ۾ شاگردن طرفان هڪ جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ ڇهن شاگردن رمضان مشوري، سيد بابو شاهه، سليم ميمڻ، نور محمد ڪنيار، غلام محمد پيرزادي ۽ امين زنگيجي گرفتاريون پيش ڪيون. ان کانپوءِ اتان جي مشهور رهاڪو اعجاز خواجه به گرفتار ڪيو ويو.

هلچل جي شروع ٿيڻ سان مظاهرن، جلسن ۽ جلوسن جو دائرو وسيع ٿيندو رهيو. 16 آگسٽ تي دادوءَ ۾ پوليس ۽ مظاهرو ڪندڙن ۾ جهڙپون ٿيون. ڪيترائي پوليس وارا ۽ پبلڪ جا ماڻهو زخمي ٿيا. جن ۾ هڪ شاگرد ذوالفقار

علي پنهور. عبدالغفور ۽ شمس الدين شامل آهن. صبح جو نئين چوڪ تي عزيز رضا کوسو سرور ميمڻ، لياقت ڪوسو رسول بخش، شهاب الدين ۽ ٻين حڪومت خلاف نعرا هڻندي گرفتاري پيش ڪئي.

گرلز هاءِ اسڪول دادوءَ جون شاگرديائٽيون پڻ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج طور باهر نڪري آيون. شهر ۾ جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائون پر پوليس ڇوڙها گئس اڇلي هوائي فائرنگ ڪئي. شاگرديائٽين بهادريءَ جو ثبوت ڏيندي پوليس تي پٿر وسايا ۽ يونائيٽيڊ بئنڪ جا شيشا ڀڃي ڇڏيا. ان کانپوءِ هڪ وڏي جلسو جنهن جي هٿن ۾ لٽيون هيون، سيشن ڪورٽ دادو جي عمارت تي حملو ڪري رڪارڊ کي ساڙي ڇڏيو. ۽ فرنيچر تباهه ڪيو. ساڳي جلوس ايس ڊي ايم دادوءَ جي آفيس تي حملو ڪري ان جا شيشا ڀڳا ۽ انفرميشن جي آفيس ۾ بيٺل سرڪاري گاڏيءَ کي نقصان پهچايو ۽ پاڪستان نيشنل سينٽر ۽ سب رجسٽرار جي آفيس کي پڻ شديد نقصان پهچايو. هن سرڪاري بسن کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو. دادو ريلوي اسٽيشن تي تمام گهٽي تباهي مچائي ويئي ۽ هڪ پيسينجر ٽرين کي نقصان رسايو ويو. ريل گاڏين جي اڇ وچ ۾ وڏو خلل پئجي ويو ۽ تقريبن ست ماڻهو گرفتار ڪيا ويا.

خيرپور ميرس ۾ ٻه گرفتاريون ۽ گوڙ ٿيو. پوليس سرگرم ماڻهن جي گهرن تي ڇاپا هڻندي رهي. شفيع محمد چانڊيو وڪيل، شاگرد نظر محمد ڳاهي، ڪنب ۾ي رهاڪو عزيز پٽ نذير ۽ قمر علي شاهه کي گرفتار ڪيو ويو.

ٽري ميرواهه وڌا جلوس نڪتا. جن سان سوين ڪارون سوزوڪيون ۽ ٽريڪٽر گڏ هئا. ان جلوس جي اڳواڻي سڪندر شر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. جلوس قومي شاهراهه کي ڪافي ڪلاڪن تائين بند ڪري ڇڏيو. پنج گولي چوڪ وٽ هزارين ماڻهو گڏ ٿيا. ان موقعي تي ٽن ڇٽن اقبال هيسباڻي، رستم ۽ يوسف رند گرفتاري ڏني. مجريل ماڻهن حڪومت ۽ پاڪستان جي خلاف نعرا هنيا. موٽ ۾ پوليس لٽيون وسائي ڪافي ماڻهو زخمي ڪيا. خيرپور ضلعي سان ڏلم 144 لاڳو ڪيو ويو.

بدين جي مارڪيٽ چوڪ تي وڏي انبوهه مظاهرو ڪيو. گرفتاري ڏيندڙ علي احمد جوڪئي ۽ عطا محمد دل مارشل لا خلاف ماڻهن ۾ جذبو جاڳايو. وڏيڪ جن ماڻهن گرفتاريون ڏنيون، تن کي پوليس رات جي وڳڙي ۾ بدين کان

چاليهه ميل پري ضلعي ٽرپارڪر جي ڏنيري رڙ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. مظاهري دوران شاهي بازار بند ٿي ويئي.

حيدرآباد جي سيشن ڪورٽ ۾ گرفتاريون پيش ڪندڙن تي پوليس لٺيون وسايون جنهن جي نتيجي ۾ ٻه شاگرد صاحب خان جمالي ۽ اعجاز نظاماڻي ڦٽجي پيا.

گرفتاري ڏيندڙن ۾ مخدوم خليق الزمان، ستار بچاڻي، علي نواز پيرل شاهه، حسين شاهه، ايوب جروار، سرفراز راجڙ، خالد نظاماڻي، اعجاز علي ٽالپر، ممتاز علي، مشتاق علي، آفتاب شاهه، انور علي، منور علي، مير غلام نبي، مير نواز علي، عبداللطيف سرهندي، محمد يعقوب، مسعود پٽي، محمد عالم، حافظ غلام نبي، سراج سيال، مير محمد ساهه، غلام رسول ڳاهوٽي، وارث، ننگر خان ۽ محمد يوسف شيخ شامل آهن.

ڊاڪٽر اسماعيل اديجو، الهه جڙيو پتافي ۽ بشير لغاري ٽنڊي باگي جيل ۾ قيد ٿيا. نجم الدين سريوال ۽ عبدالله هالييوٽو گرفتار ٿيا.

خيرپور ۾ ڪارڪنن، بسن، ٽرڪن ۽ سوزوڪين جي شڪل ۾ هڪ جلوس ڪڍيو جتي 26 ماڻهن گرفتاري ڏني، جن ۾ پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني، رحيم بخش وساڻ، حبيب الرحمان راڄپر، يوسف، مئل لاشاري، علي بخش حيدري، غلام حيدر حاجاڻو، غلام علي مهراڻوي، غلام رسول نور محمد بوزدار، محراب خان لنڊ ۽ ٻيا شامل آهن.

14 آگسٽ تي بدين ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. ماڻهن پٿر بازي ڪري پوليس گاڏيءَ جا شيشا پيچي ڇڏيا. شهر جا دوڪان بند ٿي ويا. شهر ۾ پوليس جي گشت ۽ ناڪابندي هوندي به شاگردن، هارين ۽ ڪارڪنن ڊي سي آفيس سامهون حڪومت خلاف نعرا هنيا. بعد ۾ گرفتار ٿيلن کي جڏهن جيل تي پهچايو ويو ته جيل جي قيدين فوج خلاف نعرا هڻي ايندڙن جو استقبال ڪيو.

دادوءَ جي نئين چوڪ تي عاشق حسين جتوئي وڪيل خالق گهلو، پيرل ڪوسي ۽ حاجي خان سولنگي ۽ علي بخش جانوريءَ گرفتاري ڏني. انهيءَ موقعي تي وڏو اجتماع ٿيو. شهر افراتفري سبب بند ٿيڻ شروع ٿيو.

لاڙڪاڻي جي پاڪستان چوڪ تي هڪ جلسو ٿيو جنهن تي پوليس لٺبازي ڪئي. جلوس جي چڙوچڙ ٿيڻ کان اڳ چئن ماڻهن عبدالستار، مختيار علي، نظام الدين ۽ عبدالواحد کي گرفتار ڪيو ويو. ڪجهه ماڻهن بازارن ۾

کليل دوڪانن تي پٽراڻ ڪيو جنهن ڪري شهر جون بازارون بند ٿي ويون، پوليس ۽ فوج گشت کي تيز ڪري ڇڏيو.

جيل ويندڙن کي ڳريون سزائون ڏنيون پيون وڃن. حيدرآباد، جيڪب آباد، بدين، دادو ضلعي جي ڪارڪنن کي قيد، ڦٽڪن ۽ ڏنڊ جي سزا ڏني ويئي.

19 آگسٽ تي ڀٽ غلام محمد جمالي ۽ کان موري تائين ڪارن ۽ موٽر سائيڪلن جو جلوس ڪڍيو ويو. هلچل کي پنجون ڏينهن گذري رهيو آهي. انهيءَ دوران ڪيترائي ماڻهو سزاياب ۽ گرفتار ٿيا آهن ۽ ڪيترن کي تشدد جو نشانو بنايو ويو آهي.

نوشهيري فيروز ۾ پوليس فائرنگ ۾ ڇهه ماڻهو شهيد ٿيا. پريا روڊ شهر کان هڪ وڏو جلوس نوشهري فيروز اچي رهيو هو. مچريل هجوم کي خبر پئي ته مراد علي شاهه ۽ ٻين کي گرفتار ڪري مٿن تشدد ڪيو پيو وڃي، جنهن تي ڪاوڙيل ماڻهن پٿر بازي ڪئي. پوليس جلوس کي روڪڻ لاءِ سختيءَ کان ڪم ورتو. ان جي نتيجي ۾ سرڪاري عمارتن کي سخت نقصان پهچايو ويو. هن زبردست هنگامي ۾ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري ۽ پوليس گولين جي برسات لائي ڏني. جنهن ۾ ڇهه ماڻهو گولين لڳڻ سبب اڌ مري ويا ۽ ويهه ماڻهو زخمي ٿيا. هڪ شاگرد رياض ميمڻ، پيءُ جو اڪيلو پٽ جنهن مئٽرڪ ۾ پوزيشن ۾ ڪنئي ٻوڙي پوليس جي ٽري ناٽ ٽري رائيفل جي گوليءَ جو بک بڻجي ويو.

ماتليءَ مان احتجاجي جلوس جڏهن لنگهي رهيو هو ته دوڪاندار پنهنجا دوڪان بند ڪري جلوس ۾ شامل ٿيا. ٿوري وقت اندر ڏهه هزار ماڻهو جلوس ۾ شامل ٿي ويا. مظاهرو ڪندڙن جي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌل هيون ۽ هٿن ۾ بئنر هئا. جن تي سياسي قيدي آزاد ڪريو، فوجي راج نه گهرجي ۽ حق ڏيو جا نعرا لکيل هئا. اهو جلوس اڌ ٻ ٽي چار ڪلاڪ شهر ۾ گشت ڪندو نعرا هٺندو چنبڙ ناڪي تي پهتو ته اتي سوين ماڻهن پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو. پوليس گاڏيءَ ۾ زبردستي چڙهي ڀيا، ۽ پوليس ستن ڇٽن هر هڪ پير محمد ٻهر، رستم چانڊيئي، محمد عمر لوهار، ذوالفقار شاهه عرف بلو شاهه، شبير قنبراڻي، عبدالڪريم خاصخيلي ۽ مظهر ميمڻ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻين کي زوري گاڏيءَ مان لاٿو ويو. اقبال نظاماڻي، اڪرم ٻهر ۽ راڻي مينگهواڙ کي رات ئي گرفتار ڪيو ويو هو.

پڄ ڌاهه وارين حالتن سنڌ ۾ رهندڙ ڏارين کي ڳڻتيءَ ۾ وڌهي ڇڏيو آهي. هو مونجهاري ۾ مبتلا سوچ ۾ مستغرق آهن هينئر پاڻ کي سنڌ ۾ اجنبي ۽ غير محفوظ سمجهڻ لڳا آهن. سي هر حملي کان اڳ پنهنجي بچاءَ جو اپاءُ ڳولينداآهن ۽ فطري طرح هر ڏاريو ماڻهو پوءِ خواه اهو حاڪم هجي يا فوجي جنرل، ريڙهي هڪليندڙ هجي يا رنن جو دلال. ڪنهن ٻئي اجنبي سرزمين تي پنهنجو پاڻ کي هميشه هميشه لاءِ غير محفوظ سمجهڻ تي مجبور هوندو آهي. ڏاريو جيڏانهن به ڏسندو کيس ڏسندڙ جي هر اک ۾ نفرت جا آڙاهه ڀڙڪندي نظر ايندا. هو رستن تي ڪرندڙ ٽڪ جو اشارو پاڻ ۽ ڪن ماڻهن جي آهستي گفتگو کي پنهنجي خلاف سازش سمجهندو آهي.

ايترن خوفن، خطرن ۽ وسوسن ۾ گرفتار معمولي حيثيت جي اعتبارسان رکندڙ ڏاريو پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ تيز چالاڪ ۽ ذهين ثابت ٿئي ٿو. ان جي ٻيٽ ۾ مقامي ماڻهو غفلت ۽ غلطين ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.

جڏهن ته غير سنڌين تي ايجان ڪو سڌو حملو وغيره به ڪونه ٿيو آهي. تنهن هوندي به سندن چهرا لٽل، پاڻ کي ڪنهن وڏي ڏوهه جو ڏوهي محسوس ڪري رهيا آهن.

هڪ طرف فوج سنڌين کي مشين گنن سان موت ڏيئي رهي آهي ته ٻئي طرف مارشل لا جون ملٽري ڪورٽون کين ڏڙاڏڙ سزائون ڏيئي رهيون آهن. سمري ملٽري ڪورٽ بدين 14 آگسٽ تي جلوس ڪيڙ، اعتراض جوڳا نعرا هڻڻ ۽ پوليس گاڏيءَ کي نقصان رسائڻ جي عيوض ۾ چئن ڇٽن کي ڦٽڪن ۽ ڏنڊ جون سزائون ڏنيون، جن ۾ احمد خان جمالي، انور ڪنيار، اسماعيل ملاح ۽ بخشل چانڊيو شامل آهن.

ٻئي طرف عبدالرحيم لاکي ۽ الله ڏني چانڊئي کي پڻ گرفتار ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد موڪليو ويو.

حيدرآباد ۾ چئن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو اُهي آهن: رنجيت سنگهه، نبي بخش ميرجت، حافظ ۽ امام بخش ڪولاچي.

ايڏن وڏن واقعن ۽ رتوڇاڻ تي سنڌ جو تقريبن هر باشعور ماڻهو ماٺ ڪري نه ويٺو هر ڪو مذمت ۽ احتجاج ڪري رهيو آهي.

سنڌي ماڻهن جي وهندڙ رت کي ڏسي، مٿن ٽينڊڙ ظلم کي برداشت نه ڪندي، سنڌ جي مشهور قومپرست اڳواڻ جڳ مشهور جاتل سچاتل علمي ادبي

شخصيت سائين جي ايم سيد هڪ پريس بيان جاري ڪيو جيڪو سنڌي توڙي ملڪ جي تقريبن اردو انگريزي اخبارن ۾ ڇپيو ۽ پڙ بي بي سي نشر ڪيو.

ان بيان ۾ سيد اعظم ڇيو آهي ته گذريل ٻارهن تيرهن ڏينهن جي واقعن مان هيءُ حقيقت ظاهر ٿي رهي آهي. ته پاڪستان جي ننڍن صوبن جا ماڻهو ساڻن ٿيل بي انصافين ۽ ظلمن خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ اٿي ڪڙا ٿيا آهن. انهن هلندڙ هلچل جي هي خصوصيت توجهه لائق آهي ته ان ۾ سنڌ جو ڳوناڻو عوام اڳيرو آهي. سنڌ جو مظلوم عوام انهن ظالمن خلاف خودبخود اٿي ڪڙو ٿيو آهي. جن کين گذريل ڪيترن ئي سالن کان پرماريت جو شڪار بڻائي آزاديءَ جي ڏل ماڻڻ کان محروم پئي رکيو آهي. سنڌ جو مظلوم عوام سان روا رکيل پرماريت ڏاڍ. بنيادي انساني حقن کان محروم. نوڪرين ۾ ناانصافين سندن هولي ۽ ثقافت کي ڊهائي انهن جي اصلي شڪل کي مسخ ڪرڻ جي ڪوششن خلاف احتجاج جو آواز بلند ڪيو آهي.

ان جي جواب ۾ انهن بي هٿيار ۽ معصوم سنڌي عوام کي گولين جو شڪار بنايو ويو آهي ۽ 12 ـ 13 ڏينهن ۾ ٽيهارو معصوم جانيون ضايع ٿيون آهن. سوين ماڻهن کي ڏنڪا لڳايا ويا آهن ۽ هزارين جيلن ۾ بند ڪيا ويا آهن هن اقوام عالم جي ضمير کي اپيل ڪئي ته سنڌ جي بيگناهه عوام کي فوجي حڪومت هٿان مارجڻ کان بچائڻ لاءِ قدم کڻي ۽ انهن کي انساني جانين ۽ وقار جو احترام ڪرڻ لاءِ آماده ڪن. محترم جي ايم سيد ايم آر ڊي جي ليڊرن جي ان ٽن نقطن جي سخت خلاف آهي. هڪ پاڪستان بچايو تحريڪ. جمهوريت جي بحالي ۽ 1973ع وارو آئين. ۽ موصوف جڏهن ڏٺو ته سنڌي انهيءَ کان اڳتي وڌي چڪا آهن. تڏهن انهن جي قتل عام تي سراپا احتجاج بڻجي اٿيو.

بي بي سي پنهنجي نشريات ۾ ٻڌايو ته سنڌ ۾ ٿيندڙ واقعن تي ميڊم اندرا گانڌي وزير اعظم پارت کي سخت ڳڻتي آهي. ان به هڪ بيان جاري ڪيو. جنهن ۾ سنڌ ۾ ٿيندڙ واقعن کي غير انساني واقعا ڪوٺي انهن جي مذمت ڪئي اٿس. هن ڪانگريس پارليامينٽ کي خطاب ڪندي پڙ اهڙو اظهار ڪيو. شريمتي اندرا گانڌيءَ جي ان بيان تي پاڪستاني ليڊرن ۽ جنرل ناراضگي ظاهر ڪندي بيان کي ملڪي معاملن ۾ مداخلت سڏيو. ڪيڏي حيرت جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن سنڌين کي بيگناهه ماريو ٿو وڃي. هو

اپيلون ٽا ڪن ته سندن قتل عام بند ڪرايو. ان تي پاڙي وارا ٻيو ته نهيو پر پاڪستانين کي صرف شرمسار ٿا ڪن.

جنهن تي به جنرلن کي اعتراض آهي ته سنڌين کي گهٽو اچي ته تارا به ٽوٽارڙ نه ڪپن. ڪين سولائي سان ختم ٿي وڃڻ ڪيي. ائين هرگز نه ٿيندو. سنڌين کي آساني ۽ سان دنيا جي ڪائي طاقت ختم ڪري نٿي سگهي. هو مظلوم آهن هنن جا دنيا ۾ دوست ۽ همدرد موجود آهن. تازو جڏهن سندن سينا گولين سان پروڙ ڪيا ٻئي ويا. تڏهن دنيا جا ريڊيا، اخبارون ۽ ٽي وي چئنلز سميت سمورا نشر اشاعت جا ذريعا چرپر ۾ هئا. دنيا جا حق پرست ماڻهو ماڙ نه ٽيا هئا. انهن سنڌين جي مظلوميت جا گيت ڳايا ۽ سراهه جا ڏڪ پريا. همدردي ڪئي. دلاسا ڏنا. ڏڪ ۾ برابر جا شريڪ ٽيا. ڪن احتجاج ڪيو ڪن مذمت ڪن مطالبا ڪيا ته سنڌي سالن کان پنهنجا حق گهري رهيا آهن. جي ڪين ملڙ ڪپن ۽ ڪن پاڙي وارن ايترو به چيو ته. "خبردار جيڪڏهن سنڌين تي وڌيڪ گولي هلائي ويئي ته پوءِ سنڌين جي حمايت ۾ هتان به گولي هلي سگهي ٿي."

تنهن ڪانپوءِ انهن وڃي گولي هلائيندڙن جا هٿ پڪڑيا ۽ وڌيڪ گولي رائفل جي چيمبر مان نڪري نه سگهي. اسان انهن هڏڪوڪين جا ٿورائتا آهيون. جن اسان کي ختم ٽيڙ کان بچائڙ لاءِ ڪوششون ڪيون. ٻڌڙ ۾ آيوته دهليءَ ۾ سنڌين جي هڪ ايسوسيئيشن طرفان سنڌ ۾ قتل عام کي روڪائڙ لاءِ پارت سرڪار تي دٻاءَ طور هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ۽ پڙ ان جلوس پاڪستان جي سفارتخاني آڏو مظاهرو ڪيو. جنهن جي اڳواڻي لوڪ سڀا جو ميمبر ۽ سنڌي اڳواڻ ڀگواندیو آچاريه ڪري رهيو هو.

پارت جا هندو سنڌي آهن. هو سنڌي ڳالهائن ٿا. سنڌي پڙهن ٿا. سنڌي لکن ٿا. زبان هڪ آهي ڌرتي (سنڌ) هڪ آهي. تاريخ هڪ آهي. ڪلچر هڪ آهي قومي شاعر هڪ آهن. قومي هيرا ۽ قومي فنڪار هڪ آهن. قومي مفاد به مشترڪ آهن. لطيف به هڪ آهي ته ڪنور ڇٻڙ به هڪ آهي. تنهنڪري ڏڪ سور به هڪ آهن. ان ڪري ڏکن ۾ شريڪ آهن.

اخبارن ۾ عيد سادي نموني ملهائڙ لاءِ سڃاڻ ماڻهن جا بيان ۽ اپيلون ڇپجي رهيون آهن. دراصل سنڌي قوم لاءِ سدائين ڪارا ڏينهن آهن. غلام ماڻهو سدائين احتجاجي هوندا آهن. هونءَ به سنڌي ڪهڙيون عيدون ملهائيندا سنڌ جي ماڻهن جي زندگي واريءَ جهڙي بي سواد ۽ ٽوهر جهڙي کهري آهي.

جتي سنڌي ڏينهون ڏينهن غريب ۽ غلام ته ٿيندو ويندو آهي. پر خوشحال ۽ آزاد ٿيڻ قريب قريب ڏکيو آهي. هتي عيد ارمانن ۽ حسرتن جا لاشا کٽي ايندي آهي جا خوشين جا خون ڪري شب قدر محرم وانگر ماتم بنجي ايندي آهي. هينئر سنڌين جي زندگيءَ ۾ هر وقت خطرا ۽ خوف سرٽين وانگر لامارا ڏيندا رهن ٿا. غير سنڌين جي دادلن پٽن جا ٽهڪ غريب سنڌي بارڻن جي روئڻ جو آواز ڪهڙي دل ۾ خوشي پيدا ڪندو! حقيقت ۾ عيد هوندي ئي اميرن ۽ غير سنڌين لاءِ آهي. غريب سنڌين لاءِ ڪابہ عيد ڪانهي، ڪابہ خوشي ڪانهي. ڪابہ عبادت ڪانهي پاڪستان ۾ وڏا ڏينهن تمام گهٽا آهن. شايد صرف وڏا ڏينهن ئي آهن جن ۾ پاڪستان خودڪفيل آهي. ٻاهر برآمد بہ ڪري سگهي ٿو. ڪاش عيدون ۽ 14 آگسٽون نہ هجن ته انهيءَ ڏينهن غريب، مسڪين، يتيم ۽ بي واهون روئڻ کان بچي پون. جن جا ور گولين جو بک بنايا ويا. جن جا ابهم پٽ کسيا ويا. جن پينرن جا ڪونڊر ياءُ احسان ميمڙ جهڙا هميشہ لاءِ جدا ڪيا ويا. جن جا پيءُ مشين گنن سان ماريا ويا.

پلا انهن ماڻهن لاءِ عيد ڇا کٽي ايندي. جن وٽ گذران لاءِ ڪو ذريعو ڪونهي! بيروزگار ۽ بيوس ڏينهن جا ڏينهن پيٽ پري ماني نٿا کائي سگهن ۽ سال ڏيڍ ۾ صرف هڪڙو دفعو اهڙي ڪنهن نئين ڪپڙي کي ڏسن ٿا. جيڪو ڪپڙو پنجابي بوٽ صاف ڪرڻ لاءِ رکڻ بہ پنهنجي بيعزتي سمجهن. انهن ماڻهن لاءِ عيد ڇا کٽي ايندي. جن جا پيٽ خالي. جسم بيمار ۽ اگهاڙا جيڪي سردين. گرمين ۾ مرندا ۽ جهرندا رهن جن ڪڍهن گرم ڪوٽ يا ڪپڙي جو منهن بہ نہ ڏٺو هجي يا جن جا عزيزويجهر ۾ ماريا ويا هجن.

پاڪستان وارن اڄ سوڌو مظلوم سنڌين ۽ بلوچن کي ڪن لفظن جي ڇار ۾ ڦاسائي کين مذهب جي ڊهڙ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. سنڌين عزت سان رهڻ جي گهر ڪئي پاڪستاني معاشري ان کي نماز جو تاکيد ڪيو هنن ماني گهرڻ لاءِ پنڊي اڇتي وڃائي. ماني ڏيڻ ته ٺهيو پر چمات هڻي ان کان اها ڏهکي کسي کيس زڪوات پنڻ لاءِ چيو ويو هن دوا وٺڻ لاءِ شيشي اڇتي ڪئي. دوا ته ٺهيو اها شيشي کسي ويئي. هن زندگيءَ ۾ پنهنجو صحيح مقام ۽ منزل جي گهر ڪئي کيس قيامت ۽ قبر جي دردناڪين جو نقشو ڏنو ويو. ته اهي ڪهڙي عيد ڪن.

عمر جا تو مل عيد، سا اسان سوءَ ورتي سومرا!

ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪ ڪيا شهيد، مارو مٽ مليو جا.(شاهه)

پر ان سڀ جي باوجود، سنڌي پنهنجي روايت ۽ دريادليءَ جو مظاهرو ڪندا، جدوجهد جاري رکندا پيا اچن. سنڌي پنهنجي روايتي خودداري ۽ بينيازيءَ کي برقرار رکندا ٿا اچن.

شايد سنڌين جي ان خوداريءَ لطيف جهڙي عظيم شاعر کي سنڌين جي عادتن ۽ رسمن جو عاشق بنائي ڇڏيو ۽ اها سنڌين جي بي نيازي هئي جنهن کانئس اهو چورايو ته:

ايءُ نہ مارن ريت، جو سيڙ مٽائن سون تي
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪريت
پکن جي پريت، ماڻين سين نہ مٽيان.

سنڌين سان ڪيل تازي حشر سيني کان رت جا ڳوڙها ڳاڙايا. ڪن تعزيتون ڪيون ته ڪن غائبانہ جنازي نمازون پڙهيون.

ڪن شهيدن جي عزيزن وٽن وڃي همدرديون ڪيون ته ڪي ساڻن ڏک ۾ شريڪ ٿيا. آئون بہ انهن شهيدن جي شهادت جا قصا ٻڌي ۽ اکين سان ڏسي رت جا ڏڪ پريندو رهيس. چوتہ ڪن ماڻهن کي خوبصورت ماڻهن جي موت تي افسوس ٿيندو آهي، ليڪن مون کي هميشہ ٻن قسمن جي موت تي دل ۾ وڏ ڦاٽجي ويندا آهن ۽ ممهنجو من ماتمي بنجي ويندو آهي.

هڪڙا اهي ماڻهو جيڪي ٻين لاءِ هوندا آهن، جن جون دليون قومي ۽ انساني دردوندين هوندين آهن. هٿين خالي رستن تي سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچائڻ جي الزام ۾ گولين جو بک بنايا ويندا آهن. سي جڏهن مرندا آهن، تڏهن ڪائنات خوبين کان خالي ٿيندي محسوس ٿيندي آ ۽ ٻيا معصوم هارڙا جڏهن موت جي هنج ۾ هليا ويندا آهن، تہ دنيا جي عمر مون کي مختصر ٿيندي نظر ايندي آهي تہ تازو معصوم ۽ محبوب سنڌين جي موت تي بہ ڪيترائي ڏينهن منهنجو من ماتمي ٻڌجي ويو هو. اڄ هو اسان جي ثنا ۽ ستائش کان بي پرواهہ آهن، ليڪن منهنجي قلم جي روانيءَ تي سندن قرض آهي، جيڪو هن اکرن جي لکڻ سان جيڪڏهن جهڪو ٿئي تہ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي. سنڌي ماڻهن کي سزائون ڏيڻ ڦٽڪا هڻڻ ۽ مارڻ جي بازار گرم آهي. هلچل ۾ گرفتار ٿيلن کي فوجي ڪورٽن مان سخت سزائون ڏنيون ويون وڃن.

20 آگسٽ تي جيڪب آباد جي سرسري فوجي عدالت پنجن ڇڻن کي مارشل لا ريگيوليشن نمبر 33 هيٺ سزائون ڏنيون جن ۾ واحد بخش بنگلاڻي، محمد خان کوسو، محمد علي جکراڻي، عبدالله کوسو ۽ عابد حسين پٽي شامل آهن. هنن کي قيد با مشقت ۽ ڏنڊ جون سزائون ڏنيون ويون هوڏانهن سکر جي ملٽري ڪورٽ نمبر 7 ماڻهن کي ان ڪري سزائون ڏنيون، جو انهن مارشل لا وارن جي بغير اجازت جي هڪ جلسو ڪيو جن کي ڦٽڪن ۽ قيد جون سزائون مليون اهي آهن:

عبدالستار پيرو عبدالعزيز پٽو رحيم بخش شر، خادم عرف محمد حسين جويو، قادن بروهي، رمضان، جاڙو پٽو ڊنگيل ملڪ، نورالدين، رفيق، عبدالحق ڪلهوڙو، مولوي عبدالصمد.

20 اگسٽ تي ڪجهه صحافين ۽ پين حيدرآباد ۾ گرفتاريون ڏنيون، جن ۾ زاهد سمون، نبي شاهه، زمان شاهه، عبدالغني، عبدالشڪور، ملو ميرجت، امبارام، قادر بخش ميرجت، محمد بخش چالاڻي ۽ عبدالولي جا نالا شامل آهن. ان کان پوءِ صدر جي علاقي ۾ ڪلاڪ تائين ماڻهو مظاهرا ڪندا رهيا.

هوڏانهن لاڙڪاڻي ۾ اڄ پوليس ۽ عوام جون وڏي پئماني تي ٻاڙ ۾ ڇڪريون ٿيون. شهر جي مشهور المدينه هوٽل واري چونڪ تي ڇڻن ماڻهن گرفتاري ڏني، جن ۾ قطب الدين، خير محمد، محمد وريل ۽ غلام مصطفيٰ جا نالا قابل ذڪر آهن.

ماڻهن جا وڏا هجوم اوچتو شهر جي روڊن ۽ گهٽين مان نڪري پئي آيا ۽ پوليس مٿن لٺيون ۽ آنسو گئس جا گولا پئي اڇلايا. اهو سلسلو ڪافي ڪلاڪن تائين هلندو رهيو. ان دوران پوليس ڪجهه پين ماڻهن کي به گرفتار ڪري ورتو. لاڙڪاڻي جي هڪ قانوندان عبدالرزاق سومري کي پڻ گهران گرفتار ڪيو ويو.

ڪپري ۾ هلندڙ جدوجهد جي سلسلي ۾ جمعي نماز کان پوءِ خان محمد هنگوري جي جاءِ تان هڪ جلوس نڪتو جنهن مارشل لا ختم ٿيڻ ۽ قيدين کي آزاد ڪرڻ جا نعرا هٽندي ٽاڪي تي پهچي گرفتاريون پيش ڪيون. انهن ۾ حاجي فيض هنگورجو عبدالله درس، عطا محمد هنگورجو عبدالله درس، حاجي دلاور خان، محمد عمر، الهڏنو درس، محمد حيات چانڊيو محمد اسحاق جوٽيجو، دلاور راجڙ، محمد ابراهيم راجڙ، منڌار درس، رشيد پنهيرو، رسول بخش

درس ۾ حبيب الله هنگورجو شامل آهن. خيرپور ميرس ۾ پنج گولي چونڪ تي فيض گنج کان آيل ٻن نوجوانن شعبان علي ۾ مدد علي فوجي راج خلاف نعرا هنيا. سندن هٿن ۾ بينر هئا. جن تي حق ڏيو جا نعرا لکيل هئا ۾ هنن پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو. خيرپور پوليس رات امتياز ڦلپوٽو ۾ قادر بخش مريءَ کي ٻه گرفتار ڪري ورتو. ڳوٺ محمد پور ويجهو ريلوي پٽڑي اکيڙڻ سبب 9 ڪلاڪ ٽريفڪ بند ٿي ويئي. رات 2 وڳي ڪن نامعلوم ماڻهن گهوٽڪيءَ تعلقي جي ڳوٺ محمد پور جي سامهون ريلوي لائين جي پٽڑي ٻن فرلانگن تائين اکيڙي ٽرين کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اتفاق سان ريل گاڏي بچي ويئي. هڪ پائليٽ انجڻ ڪري پيئي جنهن جي ڪري اڏ ڏينهن ريل گاڏين جي اڇ وڇ بند رهي.

هلچل جي سلسلي ۾ ڪالهه اوباوڙي مان ٻن سئو ماڻهن جو هڪ جلوس ريتي اسٽيشن تي پهتو. جلوس اسٽيشن ماسٽر کي يرغمال بنائي ورتو. اسٽيشن کي باهه ڏني ويئي جنهن جو بوربڊ سڙي تباهه ٿي ويو. ان کان سواءِ سکر ۾ گرفتاريءَ دوران جهڙپن جي خبر پئي آهي.

ماتليءَ ۾ ڊاڪٽر حسين بخش ميمڻ، حاجي ساوڻ، سومار لنڊ ۾ جاويد خاصخيلي پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو جن کي انتظاميه ماتلي جيل ۾ رکيو. جمعي نماز کانپوءِ هڪ جلوس شاهي بازار مان نڪتو. جلوس جڏهن گول چڪري وٽ پهتو ته پنجن شاگردن هر هڪ عبدالمجيد نظاماڻي، انور پرڳڙي، احمد ايڀجو ۾ اسماعيل گرفتاري پيش ڪئي.

تلهار ۾ فوج گهرائي ويئي. پنجن هزارن جي هجوم جا پيٽرول پمپ ۾ بينڪن تي حملا. هنگامن کي روڪڻ لاءِ سنڌ جي ٻين حصن ۾ علائقن وانگر ضلعي بدين ۾ به فوج کي ڪتب آندو پيو وڃي. اڄ شاگردن ۾ ڪوسڪي شگرمل جي مزدورن شام جو چئين وڳي پراڻي پيٽرول پمپ وٽان وڏو جلوس ڪڍيو.

مارڪيٽ چوڪ تي شگر مل مزدور يونين جي صدر غلام علي ۾ ابراهيم لغاريءَ تقريرون ڪيون. جلوس لئبازيءَ سان منتشر نه ٿيو ته پوليس ڳوڙها آٿيندڙ گئس استعمال ڪئي. ڳوڙها آٿيندڙ گئس جا ڪجهه گولا گهر ۾ ڦاتا. جن جي ڪري ٻارن ۾ عورتن ۾ سخت هراس پئجي ويو. وڌيڪ جلوس کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ پوليس ۾ فوج فائرنگ ڪئي ۾ عوام پٿر بازي ڪئي. چار

پوليس وارا سخت زخمي ٿيا ۽ پڙ ماڻهو به گهائجي پيا. جلوس شگرمل واري پيٽرول پمپ کي نقصان پهچايو. نيشنل بئنڪ تي پٿراءُ ڪيو ويو زرعي بينڪ جي پت پيچي رکاردِ ساڙيو ويو. انهيءَ دوران تلهار پوليس جي مدد لاءِ بدين کان فوج گهرائي ويئي. جنهن گشت شروع ڪري ڏنو. بعد ۾ هڪ شاگرد مشتاق ٽالپر ۽ ٻين کي گرفتار ڪيوويو.

شڪارپور ۾ هڪ وڏو جلسوس ڪڍيو ويو جنهن ريلوي اسٽيشن تي حملو ڪري ٽڪيٽون ۽ سرڪاري رکارڊ تباهه ڪري ڇڏيو. جلوس اسٽيشن کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پوليس جي فائرنگ سبب ڪامياب نه ٿيا. مڃريل ماڻهن يونائيٽيڊ بينڪ ۽ اسپتال کي پڻ نقصان رسايو.

موري ۾ پاڪستاني فوج خلاف احتجاج ڪندڙ ماڻهن تي ڪيل فائرنگ ۽ هنگامن ۾ شهيد ٿيندڙن جو تعداد پنج ٿي ويو.

حڪومت خلاف هلايل هلچل دوران موري ۾ ٿيون ڏينهن نڪتل جلوس ۽ جهڙپ ۾ شهيد سنڌين جا وڌيڪ لاش هٿ آيا آهن. جيڪي محمد بخش ٻهر، يعقوب جسڪاڻي ۽ امير بخش چنڊ جا آهن. اهي ماڻهو موقعي تي شهيد ٿي ويا هئا. ان واقعي ۾ زخمي ٿيل ٻه ٻيو نامعلوم پڻ شهيد ٿي ويا آهن. اهڙيءَ طرح شهيدن جو تعداد هاڻي پنج ٿي ويو آهي. غلام مصطفيٰ جماليِ، خان محمد جمالي ۽ پير سعيد جان سرهندي پڻ گرفتار ڪيا ويا. فتحياب علي ۽ فاضل راهوءَ کي جيل موڪليو ويو.

دادو ضلعي جي مختلف شهرن ۾ هنگاما ٿيا.

ميهڙ مان رفيق احميد مهيسر، الهڏني جوڻيجي جلوس جي صورت ۾ گرفتاريون ڏنيون.

خيرپور ناٿن شاهه ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. جنهن پيٽرول پمپ کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس چئن شاگردن طارق ٻگهئي ۽ حنيف سولنگي، گل محمد بروهي ۽ غلام حيدر سولنگيءَ کي گرفتار ڪري ورتو. جوهيءَ ۾ به هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن بس اسٽينڊ تي بسين کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوليس غلام مجتبيٰ، مجيد، اسماعيل ۽ عزيز احمد کي گرفتار ڪري ورتو.

دادوءَ ۾ گل حسن جسڪاڻي ۽ يونس برهماڻيءَ گرفتاريون پيش ڪيون. گرفتاريون پيش ڪندڙن ۾ ميونسپالٽيءَ جا ڪائونسلر به شامل آهن. جن تي

مارشل لا قانون هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. انڪل پنج هزار ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

دادوءَ ۾ هڪ سنڌي سپاهيءَ کي فرنٽيئر ڪانسٽيبلري (هوڙي پوليس) وارن رائيفل سان فائر ڪري ٽڏي تي شهيد ڪري وڌو جنهن تي سنڌ پوليس دادوءَ جي لائين آفيسر محمد رمضان فرنٽيئر ڪانسٽيبلري سرحدي پوليس جي ٻن سپاهين خلاف هڪ سنڌي سپاهيءَ کي قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو آهي.

خيرپور ۾ جلوس جو سلسلو هلندو پيو اچي.

21 آگسٽ تي گمبٽ کان وڏو جلوس خيرپور پهتو جتي تقريرون ڪيون ويون ۽ مارشل لا جي مذمت ڪئي ويئي. بعد ۾ گرفتاريون پيش ڪيون ويون. جن ۾ پير گل شاهه، محبوب علي، ڪمال شاهه، امان الله، ڪريم بخش، ميان امير، ابوبڪر ابڙو، زبير احمد، ولي محمد، سعيد احمد، فريد احمد، خان محمد، عبدالله چانڊيو، علي گل، پرج لعل، فقير محمد، خادم حسين ۽ عبدالوهاب شامل آهن. پهريان جلوس وارن سرڪاري بسين ۽ بينڪن تي پٿراءُ ڪيو. ڪوٽڏيجي واري جلوس بنگلي شهر ۾ ضيا حمايت تحريڪ جي آفيس جو بورڊ ۽ فرنيچر تباهه ڪري ڏيو.

ساڳي جلوس جسڪاٽي پوليس چوڪيءَ کي پڻ باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو.

حيدرآباد جي سيشن ڪورٽ جي اڳيان ۽ سوين ماڻهو گڏ ٿيا ۽ حڪومت خلاف نعرا هڻي گرفتاريون ڏنائون. جن ۾ الاهي بخش، مولا بخش چانڊيو، منير وڪيل، پير غلام علي، رسول بخش منگسي، شفيع منگسي ۽ پريل ڪوسو شامل آهن.

اڄ فوج ۽ پوليس جي پنجين وڳي ماتلي شهر جي ناڪابندي ڪري، هر ايندڙ ويندڙ جي جهڙتي ورتي ۽ ڪير وڪڙ ۽ ڪائيون ڪپائيندڙ مسڪين ماڻهن تي لاٺي چارج ڪئي. جنهن ۾ ڪاڪي ماڻهو زخمي ٿيا.

سڄي شهر ۾ پوليس ۽ فوج جون گاڏيون گشت ڪري رهيون آهن. شهرين ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي. شهري ان ظالماڻي رويي جي مخالفت ۽ مذمت ڪري رهيا آهن.

هالا شهر ۾ مڪمل هڙتال رهي. تعليمي ادارن سان گڏ بينڪون ۽ ٻيون سرڪاري آفيسون بند رهيون.

هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو جيڪو شهر کان قومي شاهراهه تي وڃي رهيو هو. جنهن ۾ تنهنجو ديش منهنجو ديش، سنڌو ديش، سنڌو ديش، شهيد احسان ميمڻ جي قاتلن تي لعنت، جي ايم سيد زنده باد جا نعرا لڳا. هالن جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته جلوس جڏهن روڊ ڏي وڃي رهيو هو ته مخدومن طرفان خليفي معرفت سختي سان چيو ويو ته روڊ ڏانهن جلوس نه وڃڻ ڪجي. پوءِ پوليس سان تضاد جو امڪان آهي. جنهن تي مظاهرين ۽ خليفي جي چپڪلش ٿي پيئي. جلوس وارن چيو ته اسان ڪالهه گوليون جهليون آهن ۽ اڄ مقابلو ڪنداسون. ان دوران ستن ڄڻن گرفتاريون پيش ڪيون جي آهن: علي بخش انڑ، دريا خان راهو، منظور انڑ، محمد وريل انڑ، نظام الدين انڑ، علي نواز ۽ غلام قادر. ان ڏينهن تي اهو جلوس وڏي جذباتي انداز ۾ شاهراهه ڏي وڃي رهيو هو جنهن کي بعد ۾ خاص نعرن هڻڻ لاءِ چيو ويو ۽ نوح صاحب جي درگاهه تي دعا گهرڻ لاءِ مجبور ڪري آندو ويو. تنهن وچ ۾ ڪافي ماڻهو ڪاوڙجي جلوس کان جدا ٿي گهرن ڏانهن راهي ٿيا. هنن جو چوڻ هو ته کين پوريءَ طرح جذبات جي اظهار جو آزادانه استعمال ڪرڻ ڏنو وڃي. پٽ شاهه کان هڪ ننڍو جلوس به هالن جي وڏي جلوس ۾ رلجڻ آيو.

سڪرنڊ شهر کان ڇهه ميل پري ڪڏهر مان غلام رسول انڑ، فيض محمد انڑ ۽ مولوي الهڏني ڪنيز کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس ۽ فوج نوابشاهه روڊ ۽ قومي شاهراهه تي گشت ڪندي رهي.

لاڑڪاڻي ۾ پوليس ۽ مظاهرين ۾ چڪريون ٿيون ۽ پٿربازي سبب شهر بند ٿي ويو. ٽن ڪارڪنن گرفتاريون پيش ڪيون. جن ۾ صاحب ڏنو ارباب علي ۽ علي جان شامل آهن. شهر ۾ شورش ڪندڙ گروهه پٿربازي ڪندا رهيا. جنهن ڪري دڪان ۽ ٻيو ڪاروبار بند ٿي ويو.

شام جو شاهي بازار مان شاگردن ۽ مزدورن هڪ جلوس ڪڍيو. پوليس لنيون ۽ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي ۽ فائرنگ به ڪئي. بعد ۾ ڪافي گرفتاريون ڪيو ويون.

خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ ۾ سنڌي عوام پوليس سان مڙساٽيون چوٽون ڪاڌيون. ميهڙ ۾ نور محمد ٽيپي سميت چوڏهن ڄڻن گرفتاري ڏني. جنهن بعد پوليس ۽ عوام ۾ چڪري ٿي. پوليس هوائي فائرنگ ڪئي ۽ پنجاهه ڳوڙها آٽيندڙ گيس جا شيل اڇلايا.

خيرپورناٿن شاهه ۾ اڄ صبح ڏهين وڳي امير بخش جوٽيجو ۽ ٻيا 9 ڄڻا گرفتاري ڏيڻ لاءِ جڏهن ٽاٽي تي پهتا تہ مٿن پوليس فائرنگ ڪئي. ساٺن گڏ هزارن ماڻهن جي انبوهه مڃرجي ٽاٽي جا شيشا ڀڃي ڇڏيا ۽ لاڪپ جا در ٽوڙي قيدين کي آزاد ڪرائي ويا. ان کانپوءِ جلوس شهر جي سب جيل کي ٻہ ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پوليس جي فائرنگ سبب عزيز لاکير، محرم لانڊر، علي شير ميربحر، حاجي غلام حسين کوکر سميت ڪافي ماڻهو سخت زخمي ٿي ٻيا. جن مان عزيز جي حالت خطري ۾ ڏسي ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر خادم کيس لاڙڪاڻي وڏي اسپتال موڪليو. پر سندس بچڻ جي اميد گهٽ سمجهي ويڃي ٿي.

ٽنڊي محمد خان جي عوام پراڻي عيد گاهه ۾ هلندڙ هلچل ۾ شهيد ٿي ويلن جي غائبانہ جنازي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو. جلوس حڪومت خلاف هلچل جي فائدي ۾ نعرا هٽندو سول ڪورٽ پهتو جتي گرفتاريون ڏنيون ويون. جن ۾ ميونسپل ڪائونسلر دودو خان حاجاڻو رحيم بخش نوناري، رسول بخش، علي محمد نوناري ۽ يعقوب سولنگي شامل آهن. ان کانسواءِ ٽنڊي محمد خان کان ڏهہ ميل ٻري ملاکاتيار شهر ۾ اڄ مڪمل هڙتال رهي ۽ اتي پڻ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو.

دادوءَ ۾ نون مظاهرو ڪندڙن کي قيد، ڏنڊ ۽ ڦٽڪن جي سزا.

دادوءَ جي سمري ملٽري ڪورٽ نمبر 8 مارشل لا ريگيوليشن نمبر 13 ۽ 33 هيٺ نون ماڻهن تي غير قانوني جلوس ڪيڙ، سيشن ڪورٽ ۽ ٻين سرڪاري عمارتن کي نقصان پهچائڻ ۽ پج ٻاهه جي ڏوهه ۾ هڪ هڪ سال قيد ۽ ڏهن ڏهن ڦٽڪن ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جي آهن: نور محمد ميربحر، غلام مصطفيٰ قمبراڻي، بخشل قمبراڻي، ڪريم بخش لغاري، شاهنواز لنڊ، ياسين لنڊ، عبداللطيف ٻوڪ، غازي خان ڪولاچي ۽ نور محمد خشڪ.

بدين جي مارڪيٽ چوڪ تان هڪ وڏو جلوس نڪتو. جنهن ۾ چوڏرين کي زمينون نہ ڏيو. مارشل لا مرده باد. ضيا ڪتو هاءِ هاءِ جا نعرا لڳا. بعد ۾ بدين کان چار ميل پري هڪ سرڪاري بس جا شيشا ڀڳا ويا.

گولاڙچيءَ ۾ پنجن هزار ماڻهن جو جلوس ڪڍيو ويو. پوليس غفور نظاماڻي ۽ سڪندر چانڊئي کي گرفتار ڪيو.

هوڏانهن رات جو اڳوڻي اسيمبلي جي ميمبر نبي بخش پرڳڙي، نور محمد

گوپانگ ۾ عبدالجبار گوپانگ ۾ علي بهادر شاهه کي گرفتار ڪيو.

چنبڙ هاءِ اسڪول جي شاگردن هڪ زبردست جلوس ڪڍيو جنهن ۾ سوين شاگرد شامل هئا. جيڪي حڪومت ۾ پاڪستان خلاف نعرا هڻي رهيا هئا. بعد ۾ ٽنڈي الهيار جي اي ايس پي پوليس جي وڏي اٽالي سان جلوس کي گهيري ۾ آڻي. صحبت علي گپچاٽي، حاجي خان گپچاٽي، خادم حسين لنڊ، گلزار علي رند، ڪشنچند ۾ نوشاد سامي۽ کي گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو عاشق حسين لغاري وڪيل کي پڻ گرفتار ڪيو ويو. ماتلي۽ مان عبدالله خان هالپوٽو ۾ حاجي غلام حيدر نظاماڻي گرفتار ٿيا.

هوڏانهن دنيا جي مشهور ريڊيو اسٽيشن بي بي سي۽ اڄ پنهنجي نشريات ۾ ٻڌايو ته سنڌ ۾ هلندڙ جدوجهد جي ستين ڏينهن بہ هنگاما رهيا ۾ سوين ماڻهو گرفتار ٿيا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته. اڄ تائين سنڌ ۾ 19 ماڻهو فوت (شهيد) ٿي چڪا آهن. جن مان هڪڙو اڄ خيرپور ناٿن شاهه ۾ پوليس پاران هلايل گولي۽ جي نتيجي ۾ مري ويو.

نوشهري فيروز ۾ ڪالهه هنگامي ۾ شهيد ٿيل پنجن سپوت هرهڪ ننگر، ربن ہرڙو رياض احمد ميمڻ، غازي ڪلهوڙو ۾ علي مراد جي غائبانہ جنازي نماز پڙهي ويئي. جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. جيڪي زارو قطار روئي رهيا هئا ۾ پار ڪڍي رهيا هئا.

جيڪب آباد جي مکيہ شاهي بازار چوڪ تي هڪ وڪيل سردار خان لاشاري ۾ ٽانگا اسٽينڊ چوڪ وٽ واحد بخش بنگلاٽي۽ پنهنجن ساٿين سميت گرفتاري پيش ڪئي. حيدرآباد جي وڪيلن عدالتن جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو آهي. 24 آگسٽ تي ڪاريون پٽيون ٻڌڻ ۾ ڪارو جهنڊو ڦڙڪائڻ جو فيصلو. اجلاس ۾ وڪيلن اهو بہ فيصلو ڪيو ته گرفتار ٿيندڙن ۾ ظلم برداشت ڪندڙ ڪارڪنن جي قانوني مدد ڪئي ويندي.

22 آگسٽ تي شهدادپور ۾ لنڊي وچ ۾ ريل ڪيرائڻ جي ڪوشش.

پٽڑي اڪيڙڻ جي بروقت خبر پئجي وڃڻ ڪري پنجاب کان ايندڙ ٽرين حادثي کان بچي ويئي. ڪن نامعلوم ماڻهن لنڊي ۾ شهدادپور وچ ۾ 3 فوت پٽڑي اڪيڙي. جنهن ڪري ريلون ڪافي ليٽ ٿي ويون.

حيدرآباد ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. بعد ۾ هيٺين ماڻهن گرفتاريون پيش ڪيون: مولا بخش مشوري، پنهل، ڪانڊير خاصخيلي، غلام رسول جلالاٽي.

مظهر بلوچ، امتياز ميراڻي، عبدالڪريم ۽ قادر. گرفتارين بعد جلوس ۾ شامل ڪارڪنن پوليس جون رندڪون ٽوڙي مارڪيٽ ۾ مختلف رستن تي گشت ڪيو.

نوشهري فيروز ۾ هلايل هلچل دوران نڪتل جلوس تي رينجرس ۽ پوليس جي فائرنگ سبب شهيدن جو تعداد ٻيٽو ٿي ويو.

پهرئين ڏينهن فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويلن جو تعداد 5 ظاهر ٿيو هو. پر هن ڏينهن بعد شهر جي ويجهي جوئر ۽ ڪمند جي پوک منجهان وڌيڪ ٻيا پنج لاش لڌا ويا آهن. جنهن ڪري شهيدن جو تعداد هاٽي ڏهه ٿي ويو آهي.

شهيد ٿي ويلن جو تعداد اڃا گهٽو آهي. شهر جا ڪيترائي رهواسي غائب آهن. سندن مائٽ سخت پريشانيءَ واري حالت ۾ ڪولا ڪندا رهن ٿا.. ان کان سواءِ ڪيترن زخمي مجاهدن جي حالت نازڪ آهي.

جنرل ضياءَ ڪابينا جي گڏجاڻيءَ ۾ چيو آ تہ وگوڙين خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي. امن امان جي صورتحال اطمينان جوڳي آهي.

هلچل ۾ گرفتار ٿيلن کي ڇريون سزائون. بدين جي 4 ڪارڪنن کي هڪ هڪ سال قيد ۽ هڪ لک ٽيهه هزار روپيه ڏنڊ. ڪراچيءَ ۾ 4 ماڻهو سزايافته سرڪاري هينڊ آئوٽ ذريعي پڏرو ڪيو ويو آهي تہ ٻئي جي سمري ملٽري ڪورٽ نمبر 12 ڇڻ ماڻهن کي 14 آگسٽ تي بدين ۾ جلوس ڪڍڻ، حڪومت خلاف نعرا هڻڻ جي الزام ۾ مختلف سزائون ڏنيون. جن کي سزائون مليون اهي هي آهن:

احمد جمالي، بخش چانڊيو اسماعيل ملاح، انور ڪنيار ۽ ڪراچيءَ ۾ اٺن ماڻهن کي فوجي عدالت ڪيس هلائي سخت سزا ڏني.

ماتليءَ ۾ زبردست جلوس. ستن ڪارڪنن گرفتاريون پيش ڪيون. اڄ 22 تي ماتليءَ ۾ هزارن ماڻهن هڪ وڏو جلوس ڪڍيو. جن بعد ۾ گرفتاريون ڏنيون. انهن ۾ محمد علي عرف مامون، علي نظاماڻي، سرفراز قريشي، صالح قمبراڻي شامل آهن.

جلوس دوران حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، بدين، تلهار، ٽنڊو غلام علي وچ ۾ هلندڙ ٽريفڪ بند ٿي ويئي. سنڌ ۾ 100 آفيسرن استعيفائون ڏيئي ڇڏيون. هالن ۾ جلوس ۽ گرفتاريون پيش ڪيون ويون. جلوس نيشنل هاءِ وي تي ڏرٽو هڻي ويهي رهيو. جنهن ڪري ٽريفڪ بند ٿي ويئي. بعد ۾ پنجن ڪارڪنن

گرفتاريون ڏنيون. بدين ضلعي سان 144 قلم لاڳو ڪيو ويو.

سول نافرمانيءَ جي جدوجهد جي سلسلي ۾ ڪنڊياري شهر ۾ ڪافي ڪارڪنن گرفتاري پيش ڪئي، جن ۾ رحيم بخش ڪوسو غلام شبير ڪوسو مظهر علي سهتو طالب مگريو سڪندر خاصخيلي، ابراهيم خاصخيلي، رحمت الله ڪوسو اقبال ڪوسو گلشير، الياس، خالد ڪوسو واحد بخش لوهر، غلام سرور جتوئي، هانهو هانيڙ، يار محمد خاصخيلي ۽ اشرف رند شامل آهن.

تلهار ۾ هوٽلن تي ويٽلن ماٺهن کي پوليس بي گناهه لٽيون هٽي رهي آ. هڪ سنڌي شاعر ڏٺي بخش خاصخيليءَ کي پڻ بيگناهه ماريو ڪٽيو ويو.

هالا ۾ وڏيڪ فوج پهچي ويئي

بي بي سي هڏڻ لاءِ ماٺهن جا دڪانن، هوٽلن ۽ مانڊڻين تي انبوهه.

جنرل ضياءَ حيدرآباد جي ڊي ايم ايل اي معرفت ان سوزوڪيءَ واري (شاهه عالمگير) کي پنج هزار روپيا روڪ ڏياري سندس ان ڪري همت افزائي ڪئي جو ان جامشوري روٽ تي ڪن باغيرت نوجوانن هٿان سوزوڪيءَ تان پاڪستاني جهنڊو نه لاهڻ ڪري گولي برداشت ڪئي.

13 آگسٽ تي جامشوري ڏانهن هلندڙ سوزوڪي مٿان ڦڙڪندڙ پاڪستاني جهنڊي کي سنڌي نوجوانن لاهي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي عالمگير اعتراض ڪيو ۽ گولي جهلڻي پيس.

جنرل ضياءَ ڊرائيور کي ته پنج هزار نقد انعام ڏنو. پر انهن نوجوانن کان ڪڏهن به پڇيو نه ويو ته اوهان ڇو جهنڊي کي ساڙيو پئي؟

مون هڪ هنڊ پڙهيو آهي ته. هڪ ملزم کي دنيا جي مشهور ترقي پسند ملڪ جي عدالت ڏوهه جي قبولداريءَ ڪري جنم قيد جي سزا ڏني، پر جڏهن موٽ ۾ ان قيديءَ جج کي چيو ته: "جج صاحب" اوهان مون کان صرف ڏوهه جي قبول ڪرڻ لاءِ پڇا ڪئي، پر مون کان اهو نه پڇيو ته مون اهو جرم ڇو ڪيو؟ ان ملزم عدالت ۾ هڪ ڪلاڪ ساندهه ڳالهايو ۽ گناهه ڪرڻ جو سبب ڄاڻايو جنهن ڪري جج کيس پنهنجو اڳيون فيصلو واپس ورتي، باعزت طور نه صرف آزاد ڪيو پر سندس جيل دوران ضايع ٿيل وقت ۽ وڃايل صحت جي عيوض کيس اجورو ڏياريو.

جنرل ضيا به جيڪڏهن هتان جي سنڌي ماٺهن جي بي انتها نفرت ۽ پاڪستاني هر شئي کان بيزاريءَ جو سبب محسوس ڪري ته شايد انهن

نوجوانن کي جهنڊي ساڙڻ جي سبب معلوم ڪرڻ کانپوءِ داد ڏيئي.

چمبڙ ۾ پاڪستاني جهنڊو ساڙيو ويو.

هينئر سنڌي ماڻهو پاڪستاني جهنڊي کي مارشل لا ۽ پنجاب جو جهنڊو سمجهڻ لڳا آهن. پاڪستان جي سئنيمائن ۾ سنڌي ماڻهن جي سڃاڻپ پاڪستاني تراني شروع ٿيڻ مهل تائين ويلن مان ڪري سگهجي ٿي. چوته اهي ڪڏهن به جهنڊي وانگر تراني جو حترام نه ڪندا. ترانو شروع ٿيندو ته سنڌي بجاءِ احترام ۾ اٿڻ جي ٽنگون سڌيون ڪري ٽيڪجي ويهندا.

هينئر هتي عام جام اهو نعرو گونجندو ٿو رهي ته "پاڪستان جو مطلب چا؟" "قاسي ڦٽڪا مارشل لا"

جيئي سنڌ ٽنڊو آدم جي شاگرد اڳواڻن غلام حسين ڏيرو مشتاق، محمد علي ڪوسي، علي اڪبر ڪوسي ۽ وفا رضا بلوچ شهيد احسان ميمڻ جي قاتل ايس پي حبيب الله نيازيءَ کي قاسي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. سگا جي سرڪاري ملازم تي پابندي هنئي ويئي.

اڄ هلچل جي نائين ڏينهن به مظاهرا جاري.

حيدرآباد، خير پور ۽ ٻين شهرن ۾ گرفتاريون، ڳوڙها گئس سبب سول اسپتال حيدرآباد جي مريضن کي تڪليف خيرپور ۽ ڏنڊن ۽ جهنڊن جو جلوس، ماتلي، موري ۽ هالن ۾ به جلوس ڪڍيا ويا.

حيدرآباد جي مختلف جاين تان گرفتاريون ڏنيون ويون. سول اسپتال وٽ پوليس ۽ شورش ڪندڙن ۾ چڪرين کانپوءِ کافي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا. اسپتال جي در وٽ شاگردن ۽ پوليس ۾ جهڙپون ٿيندیون رهيون. علي حسن چانڊئي، نور محمد ڪوسي ۽ عرس نظاماڻيءَ گرفتاري ڏني. ميجريل انبوهه رينجرس فورس جي ايمبولينس جا سمورا شيشا پيچي ڇڏيا. رينجرس جي هڪ سپاهيءَ کي ڪاوڙيل ماڻهن موچڑا هڻي زخمي ڪيو ۽ پڙ يونائيٽيڊ بينڪ کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. بينڪ ۾ بينل موٽر سائيڪل ايئر ڪنڊيشنر ۽ فرنيچر کي باهه لڳي ۽ کافي نقصان ٿيو.

هيڏانهن پوليس مظاهرين تي ڳوڙها آٿيندڙ گئس جا 20 گولا اڇلايا، جن جي ڦاٽڻ سبب اسپتال جي ويم ۽ آپريشن وارن وارڊن ۾ گئس پکڙجي ويئي. ڪيترائي مريض گئس ڪري کنگهيا ته سندن آپريشن جا ٽانڪا ٽٽي پيا.

جڏهن باهه وسائڻ وارا پهتا ته پوليس جي فائرنگ سبب پڄي ويا. پوليس

ڪارروائي دوران رئوف انور فريد احمد جاويد ميمڻ، هوت چند، معين ۽ لياقت کي گرفتار ڪيو ۽ ممتاز ۽ سردار کي پڻ جهليو. سيشن ڪورٽ ۾ عالم شاهه امير بخش، علي گوهر، آفتاب رضا، علي مراد پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو.

هالن ۾ جلوس ڪيڏ کان پوءِ گرفتاريون پيش ڪيون ويون، جن ۾ سليم ميمڻ، مختيار ارباب، سومار چنڊ، علي بخش پنيرو، ڏاهو مل مينگهواڻ رفيق ڏاهري، ارباب لال، غلام قادر پنيرو ۽ ملوڪ شامل آهن.

موري ۾ مجريل هجوم شهر ۾ مظاهرو ڪيو ۽ نعرا هنيا مقامي ڪائونسلرن رسول بخش ميمڻ، محمد ابراهيم سولنگي نور الدين سيال گرفتاريون ڏنيون.

خيرپور ضلعي راڄڌاني خيرپور تائين ستر ڪلوميٽر جو هڪ ڏڪو جلوس نڪتو جنهن ۾ ٽيهن هزارن کان مٿي ماڻهن کان علاوه موٽر سائيڪلون، بسون، ٽرڪون ۽ سوزوڪيون پڻ شامل هيون. جلوس ۾ شامل ماڻهو جمهوريت جي بهالي، فوج جي واپسي ۽ مارشل لا خلاف نعرا هڻي رهيا هئا، جي هٿنن ۾ ڏنڊا ۽ جهنڊا هئا.

جلوس پوليس جي گهيري کي ٽوڙي قول باغ ۾ پهتو جنرلن کان نجات ڏيو ۽ عوام کي حق ڏيو جا نعرا بلند ڪيا ويا ۽ فوجي آمريت جي مذمت ڪئي وئي. مظاهرو ڪندڙن خيرپور جي حبيب بينڪ جي عمارت ميونسپل ڪاميٽيءَ جي آفيس ۽ ان جي رڪارڊ ساڙڻ ڪانسواءِ لا ڪاليج، هنري اسڪول، ڪمرشل بينڪ ۽ ٽيليفون ايڪسچينج جي عمارتن تي پٿر بازي ڪئي. جلوس موٽندي يو بي ايل بينڪ جي عملي کي مارڪٽ ڪئي، پوليس فائرنگ ۽ ڇوڙها گئس ڪانسواءَ لئيون وسايون، جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو ڦٽجي پيا. علي تقي شاهه ۽ منظور وساڻ سميت ڪافي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا.

لاڙڪاڻو ڇپل ڏينهن کان معمول موجب هڙتالي ضلعو رهيو آهي. ڇٽن ڇٽن چوڪ تي پاڻمرادو گرفتاري پيش ڪئي. انهن ڪارڪنن اعجاز علي شيخ، الهڏنو ڪوري، اڪبر هرڙو ۽ صدورو تاڙين جي گونج ۾ گرفتار ٿيا. گڏ ٿيل ماڻهن فوج ۽ حڪومت خلاف نعرا هنيا. پوليس ڇوڙها گئس استعمال ڪري ماڻهن کي منتشر ڪيو.

گاجي کهاوڙ ۾ هڪ مجريل هجوم بينڪ ۽ يونين ڪائونسل آفيس کي باهه ڏني. سئو سورنهن ماڻهن خلاف ڪيس داخل.

بادهه ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. جنهن نيشنل بئينڪ حبيب بئينڪ

۽ ٽائون ڪاميٽيءَ جي عمارتن کي باهيون ڏيئي رڪارڊ سازي چڏيو ۽ روڊ تي ٽائر سازيا. عزيز گوپانگ سميت مظاهرو ڪندڙ نوجوانن جي ياترن ۽ پيٽرن کي عيوضي طور گرفتار ڪيو ويو. نصير آباد ۾ پڻ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جن روڊ بلاڪ ڪيو.

ضلعي لاڙڪاڻي جيا ڪجهه ڳوٺ، جن ۾ وڏي پئماني تي زيادتيون ٿيون ۽ اتان جي ماڻهن قربانيون ڏنيون يا اهي جي سڏوسنئون نشانو بڻيا، جن ۾ ڳوٺ خان محمد مير لڳ وارهه، ڳوٺ ينيو خ ن چانڊو تعلقو ميروخان، ڳوٺ الهڏنو چانڊيو تعلقو قمبر، شهر نئون ديرو تعلقو رتو ديرو، ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش انهن ڳوٺن سان 18 آگسٽ کان 20 آگسٽ تائين واقعا پيش آيا.

جدوجهد ۾ گرفتار ٿيلن کي ڳريون سزائون.

سانگهڙ ۾ ٽن، ڏٽي جي ہن جي ۽ دادوءَ جي نون ڪارڪنن کي قيد، ڏنڊ ۽ ڏٽڪن جي سزا ڏني ويئي.

سرسري فوجي عدالت نمبر 16 سانگهڙ ڊيوٽيءَ تي موجود پوليس وارن کي مار ڏيڻ جي الزام هيٺ سزا ڏني، جن ۾ محمد حيات، محمد صادق، مير محمد ۽ شفيع محمد فوجي عدالت نمبر 10 ڏٽو 17 آگسٽ تي سجاول ۾ جلوس ڪڍڻ ۽ اعتراض جوڳا نعرا هڻڻ جي الزام هيٺ مارشل لا جي ضابطن هيٺ پير گل حسن شاهه، پير محمد شاهه، سرسري فوجي عدالت نمبر 8 دادو غلام مصطفيٰ قمبراڻي، بخشل، ڪريم بخش لغاري، شاهنواز لنڊ ڪي سزا ڏني

23 آگسٽ تي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران ايل ايم سيءَ ۾ احتجاج طور ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. هنن پنجاب جي مسلسل خاموشيءَ تي سخت نڪته چيني ڪئي ۽ سنڌي ماڻهن تي تشدد جي مذمت ڪئي. بعد ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو.

جن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ٿو وڃي انهن مان ڪافي ماڻهن کي شهرن کان پري ميداني علائقن ۾ پوليس ڦٽو ڪري اڇي ٽي. انهن کي لتن، مڪن ۽ ڏنڊن ذريعي سنهي ٻهه مان ڪڍيو ٿو وڃي، ماري، ماري، بيهوش ڪيو ٿو وڃي. پاڻي وجهي ماريو ٿو وڃي. ڪو داد فرياد ڪونهي، ڊڙ ڏئونس لڳي پيئي آهي، اونڌو ڪري وٽن ۾ لڙڪائي ڪٽڻ، بجليءَ جا ڏنبڻ ڏيڻ ۽ ہيون انيڪ ڪارروايون جاري آهن. سنڌي عوام سهائي ويو آ. هتي قانون پوليس جي مرضيءَ جو نالو آهي. ان جي آڏ ۾ جو چاهي ڪري سگهن ٿا. ۽ سنڌي ماڻهن ڪڏهن سياسي

ست تي ٽڪو نہ لاتو آهي. هو تشدد ۽ ٽارچر مڙسيءَ سان برداشت ڪندا رهيا آهن. ڪڏهن بہ مروت ۽ رعايت جي درخواست ڪانہ ڪئي اٽن. ڪڏهن بہ جهڪيا نہ آهن.

24 آگسٽ تي راڻيپور فائرنگ ۾ 4 کان وڌيڪ ماڻهو شهيد. حيدرآباد، هالن، موري، ماتلي، ڪوٽڙي ۾ گرفتاريون ۽ جلوس. راڻيپور ۾ جلوس بعد 200 ماڻهو گهر. ڪالهہ شام پنجين وڳي جلوس جڏهن خيرپور ميرس کان راڻيپور ڦاٽڪ وٽ پهتو تہ راڻيپور ۾ گمبٽ پوليس 45 ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو. جلوس تي لٺبازي ڪئي ويئي. جلوس جڏهن راڻيپور شهر پهتو تہ جلوس گرفتار ٿيل ماڻهن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. پوليس جلوس تي ڳوڙها گئس ۽ گولين جو وسڪارو شروع ڪري ڏنو. جنهن تي جلوس مڇرجي ٽن سوزوڪين ۽ ٽن بينڪن کي نقصان پهچايو. پوليس جي فائرنگ سبب تي ماڻهو ٽڏي تي شهيد ٿي ويا. جن ۾ بخشل شاهاڻي، دلدار وساڻ، مهتاب پيلار بروقت شهيد ٿيا. ٽيهارو ماڻهو گولين لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيا، جن مان پنجن جي حالت نازڪ آهي. زخمين ۾ نواز علي جوٽيجو، محمد ننگر عطار، رسول بخش وساڻ، محمد علي، محمد حسن وساڻ ۽ ٻيا ڇيا وڃن ٿا. اڪين ڏٺن شاهدن جو چوڻ آهي تہ شهيدن جو تعداد گهٽو آهي ۽ زخمي پنجاهہ کان مٿي آهن. پوليس خيرپور ضلعي مان 300 ماڻهو گرفتار ڪري ورتا آهن. جلوس ۾ شريڪ ماڻهو اڃان سوڌو گهر نہ پهتا آهن.

هلچل جي حمايت ۾ مڪاني ادارن تان استعيفائون سنڌ جي لڳ ڀڳ هزارين ڪائونسلرن سنڌين جي قتل عام تي احتجاج ڪندي استعيفائون ڏنيون آهن. مظاهرين ۽ پوليس ۾ فائرنگ.

ڪنڊڪوٽ ۾ تي ماڻهو شهيد. ٽاٽي ۽ ريلوي ٽيشن کي باهہ. بي بي سي اڄ پنهنجي رات واري نشريات ۾ ٻڌايو تہ ڪنڊڪوٽ ۾ جمهوري هلچل ۽ احساس محرومي سبب هلايل جدوجهد جي حامين ۽ پوليس وچ ۾ چڪريون لڳيون. جنهن ۾ پوليس ۽ مظاهرو ڪندڙن هڪٻئي تي دوبدو گوليون هلايون ۽ 3 ماڻهو شهيد ٿي ويا. مڇريل انبوهہ پوليس ٽاٽي ريلوي اسٽيشن ۽ فائر برگيڊ اسٽيشن کي باهہ ڏني.

سنڌ ۾ هڙتال سبب ڪاربار بند.

قمبر ۾ ريلوي اسٹيشن ۽ پوسٹ آفيس کي باهيون ڏنيون ويون. اڄ هلايل

هلچل جي سڌ تي سندڙ جي مختلف شهرن ۾ هڙتال رهي. جنهن ڪري ڪاروبار بند رهيو. خيرپور ضلعو هنگورجا. راڻي پور. گمبٽ ۽ ٻين شهرن جون بازارون بند رهيون. لاڙڪاڻي ڪمبر. شهدادڪوٽ ۽ رتيديري ۾ هڙتال رهي. ڪمبر ۾ مڃريل هجوم ٽيليفون ايڪسچينج ريلوي استيشن. پوسٽ آفيس ۽ مختيار ڪار جي آفيس کي باهيون ڏنيون. لاڪپ ٽوڙي قيدين کي آزاد ڪرايو ويو. لاڙڪاڻي جي مکيه چوڪ تي پنجن ڇڻن گرفتاري پيش ڪئي. جن ۾ امان الله شيخ. محمد رمضان. بخش علي شامل آهن.

قيد. ڏنڊ ۽ ڦٽڪا. حيدرآباد. بدين ۽ دادو ۾ 31 ماڻهو سزايافته.

حيدرآباد جي ملٽري ڪورٽ نمبر 20 ستن ڇڻن کي ڪيس هلائي سزا ڏني. جن ۾ حسين شاهه بخاري. ملڪ لال خان غازي صلاح الدين. ايوب جروار. خالد نظاماڻي. ولي محمد عباسي ۽ شريف قريشي شامل آهن.

دادوءَ جي سمري ملٽري ڪورٽ نمبر 8 ڇويهن ماڻهن تي مارشل لا هيٺ ڪيس هلائي. ڦٽڪن. ڏنڊ ۽ قيد بامشقت جي سزا ڏني. انهن ماڻهن تي 20 آگسٽ تي خيرپور ۾ جلوس ڪڍ حڪومت خلاف نعرا هڻڻ جا الزام هئا. هوڏانهن بدين جي فوجي ڪورٽ مشتاق تالپر ۽ عبدالشڪور گوپانگ کي ڦٽڪن جي سزا ڏني.

موري ۾ ڪاروبار بند ڪرڻ گرفتاريون پيش ڪيون. موري جي ميونسپل ڪميٽيءَ جي ٻين ڪائونسلرن عبدالله ڪورائي. نجم الدين شيخ ۽ ڇام اما بخش موري ڏاڍي تي وڃي گرفتاري ڏني. موري جو ڪاروبار بند رهيو.

تلهار ۾ سرڪاري بس تي حملو 3 ماڻهو زخمي شهرين هڪ جلوس ڪڍيو.

هالا ۾ ڪارڪنن طرفان هڪ زبردست جلوس ڪڍيو ويو. ڪجهه ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون. جن ۾ مير محمد ڇڇڙي. ڏڻي بخش ڇڇڙي. خميسي خان ارباب. جيئندي ارباب ۽ غلام رفيق شامل آهن.

ٽنڊي ڇام ۾ مختيار موريو عبدالنبي بروهي به گرفتار ڪيا ويا.

غير ملڪي نمائندا جن ۾ جپان. فرانس ۽ ٻين ملڪن جي ٽي وي ۽ ريڊيو جا نمائندا شامل آهن. سي سنڌ ۾ آيا.

ڄان سعيدآباد ۾ هڙتال سبب ڪاروبار بند.

دڪانن. ڪارخانن ۽ مانڊڻين سميت سمورو شهر بند رهيو.

سنڌ جي ڪافي جيلن ۾ سياسي قيدين جي بک هڙتال شروع. جيل مينيوئل ۾ مليل سهوليتون ۽ قيدين کي مهيا ڪونهن. قيدين سان ناانصافيون ٿيڻ ڪري جيلن ۾ شورش جون خبرون پهتيون آهن. قيدي جيڪڏهن قانون تحت مليل سهوليتن جي گهر ٿا ڪن ته کين بند وارڊ ڪيو ٿو وڃي ۽ ٻيون انسانيت سوز سزائون ڏنيون ٿيون وڃن. قيدين جا مطالبا آهن ته ساٿن سنو سلوڪ روا رکيو وڃي. کين طبي سهوليتون بروقت مهيا ڪيون وڃن. دال ۾ پٿريون ۽ اٽي ۾ بوسو مليل نه هجي. ملاقات جو وقت وڌايو وڃي. پتو (ماني) ڪچي نه هجي. اٽي ۾ ڪيڑا نه هجن. ان کي صاف ڪيو وڃي. ٻاهر حاضرين تي ڪورٽن ۾ پوليس قيدين جي ملاقاتين کان ڏوڪڙ نه وٺي. جيل جي سبزي جيڪا قيدي پوکين ۽ پالنا ڪن ٿا سا سموري وڪرو نه ڪئي وڃي. قيدين کي ڪائڙ لاءِ ڏني وڃي. بصر رکڻ ۽ هنڌي پچائڻ جي اجازت ڏني وڃي. گٽر جي پاڻيءَ جهڙي چانهه جنهن کي چانهه چوڻ دنيا جي سڄ کي ڪوڙ چوڻ جي برابر ٿيندو سڀ ڏني وڃي. جيل طرفان ملندڙ ڪٽا ڏنا وڃن يا کين ذاتي رليون رکڻ جي اجازت ڏني وڃي. ڪچن قيدين (غير سزايافته) کان مشقت نه ورتي وڃي. سزا کان اڳ جن قيدين قيد ڪاٽيو آهي. اهو سزا ۾ شمار ڪيو وڃي هر امتحان پاس ڪرڻ تي ڇهه مهينا سزا ۾ ڪميءَ واري جيل جي قاعدي تي عمل ڪيو وڃي. قيدين سان انسانيت وارو ورتاءُ ڪيو وڃي. جيلن ۾ گنجائش کان وڌيڪ قيدي نه رکيا وڃن. قيدين کي تعليم پرائڻ لاءِ جيل اسڪولن ۾ پڙهائيءَ خاطر وقت ڏنو وڃي. جيلن ۾ قائم ڪيل ڪيس ختم ڪيا وڃن. ڪورٽن ۾ شنوائين تي ڪڍيو وڃي. اهي مناسب ۽ جائز مسئلا ۽ مطالبا آهن. جيڪي قيدين جا حل نٿا ٿين. جنهن ڪري قيدي پريشان ٿي رهيا آهن. سياسي ڪينسن ۾ گرفتار ٿي آيل قيدين سان اخلاقي ڏوهاري قيدين وارو سلوڪ ڪرڻ حيرت جي ڳالهه آهي.

جڏهن ته مهذب ملڪن ۾ مجرمن ۽ ملزمن جي اصلاح ۽ تربيت لاءِ وڏا ادارا ۽ ايجنسيون مقرر ٿيل ۽ موجود آهن. ڪارخانا، فيڪٽريون ۽ هنري سکيا گهر آهن. ليڪن هتي قيدين کان وڌ ۾ وڌ ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ انهن تي گهٽ ۾ گهٽ خرچ ڪرڻ واري اصول تي عمل ڪيو وڃي ٿو. قيدين ويچارن کي شرف انسانيءَ کان محروم ڪيو ويو آهي. اهي زهر جي زندگي گذاري رهيا آهن. هنن نام نهاد دارالاصلاح جيڪي هاڻي بگڙيل ادارا بڻجي چڪا آهن. کي بهتر بنائڻ

لاءِ ڪن ججن ۽ تجربيڪار ماڻهن تي مشتمل ڪميٽيون ناهي، جيلن تي اوچتا ڇاپا هڻي قيدين جي ڪاڏي، مشقت ۽ مارڪٽ کي جاچن پوءِ سندن ڪجهه مسئلا حل ٿي سگهن ٿا.

ماتليءَ مان ٻن مختلف هنڌن تان جلوس ڪڍيا ويا. مڇريل انبوهه زرعي بئنڪ جي گن مين (چوڪيدار) کي زخمي ڪري ڪانئس بندوق ڦري ورتي ۽ بئنڪ جو رڪارڊ ساڙي ڇڏيو. هنگامو وڌي وڃڻ تي پوليس هوائي فائرنگ ڪئي ۽ مظاهرو ڪندڙن گلولن ۽ بمورن (چدن) سان پوليس تي حملو ڪيو جنهن ڪري انسپيڪٽرسميت پنج ٻيا زخمي ٿيا. ان کان پوءِ مظاهرو ڪندڙن ڳوٺ نظرپور وٽ ريلوي پٽڑيون اکيڙي ڇڏيون. پوليس علي ڏني چانڊئي، اعظم برق ۽ فتح محمد کي گرفتار ڪري ورتو. ٽرئفڪ بند رهي. ٻئي طرف ٽنڊي غلام علي کان چار ميل پري يونين ڪائونسل دنبالي ۾ پڻ ماڻهن جلوس ڪڍيو. پوليس علي اڪبر چانڊئي ۽ عارب چانڊئي کي گرفتار ڪيو.

ضياءَ حمايت تحريڪ سبيتا جي صدر عبدالله ٻگهڻي عهدي تان استعيفا ڏيئي جدوجهد ۾ شموليت جو اعلان ڪيو.

ڪوٽڙيءَ ۾ گورنمينٽ بوائز اسڪول جي هڪ سئو کان وڌيڪ شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو. نيشنل بئنڪ ۽ ضيا حمايت تحريڪ جي آفيس کي پٽرن سان نقصان پهچايو ويو. بعد ۾ جلوس پنگي پاڙي کان ٽيندو ڪورٽ پهتو جتي سينيئر سول جج جي ڪورٽ تي پٿر بازي ڪئي وئي. جلوس بازار ۾ نعرا هڻندي آيو. جتي هڪ غير سنڌي حلوائيءَ ٽتل تيل جا جڳ پري جلوس مٿان اڇليا. جنهن ڪري اٽڪل ڇهه شاگرد زخمي ٿي سڙي ٻيا.

اڄ ڄامشوري کان حيدرآباد شاگردن جي اچڻ جا انواهه ٻڌي هڙ دڪان بند ٿي ويا. ٽنڊو الهيار سکر ، ميرپور خاص ۽ ڪراچي ۾ غير سنڌين، سنڌين جي جلوسن تي حملا ڪيا ۽ حڪومت جي حمايت۾ نعرا هنيا.

24 آگسٽ تي ڪراچيءَ جي چاڪيواڙا علائقي ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. مڇريل هجوم ۽ پوليس وچ ۾ جهڙپ ٿي. جنهن ۾ ڳوڙها گئس ۽ لئيون استعمال ڪيون ويون. پبلڪ جا پنج ماڻهو زخمي ٿيا. سليم راڄپر ۽ علي احمد گرفتاري ڏني. هوڏانهن لياريءَ ۾ تحريڪ دوران سنڌ ۾ شهيد ٿيلن جي

غائبانہ جنازي نماز ادا ڪئي ويئي. جنهن بعد احمد علي سومري گرفتاري ڏني. نامعلوم ماڻهن نظام سما ريلوي اسٽيشن لڳ ريلوي جون پٽڑيون اکيڑي ڇڏيون. تنديي محمد خان ۾ شاگردن جو جلوس، شيخ پرڪيو ۾ شهيدن جي جنازي نماز پڑهي ويئي. ضلعي حيدرآباد جا سمورا اسڪول بند.

مختلف شهرن ۾ جلوس ۽ گرفتاريون: ڪنڊڪوٽ، ڳڙهي خيرو ۽ ٻين هنڌن تي ڇڇ ڏاهه جا واقعا. پوليس فائرنگ ۾ ٻه ڇڻا شهيد. سنڌ جي تقريبن مڙني شهرن ۾ جلوس ڪڍيا ويا. رتيديري ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جيڪو شهر جي مختلف هنڌن کان ٽيندو بس اسٽاپ تي آيو. بعد ۾ پوليس سان چڪريءَ سبب ٻئنکن ۽ اسپتال تي پٽربازي ڪئي ويئي. ڳڙهي خيرو ۾ هڪ وڏو جلوس نڪتو جنهن ٽيليفون ايڪسچينج کي مڪمل تباهه ڪيو. پوليس جي تصادم ۾ ڪافي ماڻهو زخمي ٿيا. حيدرآباد جا وڪيل اڄ عدالت جو بائيڪاٽ ڪندا.

محراب پور، ڪنڊياري تعلقي خانواهڙ، ڪوٽڙي ڪبير ۽ ٻين شهرن ۾ ڪاروبار بند رهيو. هوڏانهن سيوهڙ، دادو، جوهي، ميهڙ ۽ ناڻن شاهه ۾ مڪمل هڙتال رهي. عثمان شاهه جي هڙڻي ۽ نوبت مريءَ ۾ به هوٽلون ۽ دڪان بند رهيا.

راڌڻ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. ٽرڙي محبت کان هڪ وڏو هجوم راڌڻ اسٽيشن تي پهتو جنهن پاڪستان جي جهنڊي کي لاهي ڦٽو ڪيو. بعد ۾ ايوب بروهيءَ جناح جي تصوير کي لاهي ڦٽو ڪيو. ايوب بروهي، سميجي ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو.

چڪيءَ ۾ هاءِ اسڪول جي شاگردن هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ۽ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو. حيدرآباد ۾ ابوبڪر زرداري، منير چانگ، قاسم اپڙو خان نوهاٽي ۽ غلام رسول گرفتاري ڏني.

جنرل ضياءَ چيو ته "سنڌ جي ڪن حصن ۾ لاقانونيت ۽ هاجيڪاريءَ سبب جيڪي واقعا ٿيا آهن، تن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ حڪومت وٽ هر قسم جا طريقا آهن. وڳوڙي عناصرن کي ڪچليو ويندو." هلچل ۾ وڪيل ۽ عورتون به شامل. حيدرآباد جي وڪيل مري ويلن جي غائبانہ جنازي نماز پڑهي، ماتلي ۽ تلهار ۾ عورتن جا جلوس، حيدرآباد، بدين، دادوءَ ۽ ٻين شهرن ۾ ڪارڪنن جون گرفتاريون. حيدرآباد جي وڪيلن پُر امن احتجاج ڪيو. پوليس جي گهيراءَ ڪري، سيشن ڪورٽ ۾ ڪافي فريادي، شاهد ۽ جوابدار عدالت ۾ غير حاضر

رهيا انهن خلاف شنواين تي نہ پهچڑ ڪري ڪيسن ۾ هڪ طرفو فيصلو جو امڪان آهي. هن شاگردن علي احمد ٻاري ۽ نور محمد گرفتاري ڏني. ضلعي جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ٽنڊي محمد خان جي ڳوٺ جلالاڻي موري، ڳوٺ بچل خان، ڳوٺ وايو ڳوٺ لاکات، ڳوٺ ستار موري ۽ ڳوٺ علي شان جلالاڻيءَ جا رهندڙ سليمان شاهه، سنجر خان چانڊيو علڙ شاهه، ميهار ماچي، رسول بخش ڪلو لکاڻنو وگهامل، حسين، عرس وايو امير بخش نوهاني، يار محمد ڪلو ۽ قادر بخش خاصخيليءَ گرفتاريون ڏنيون.

هالن ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. جنهن روڊن ۽ گهٽين ۾ گشت ڪري گرفتاريون ڏنيون، جن ۾ گل محمد ملاڻو، منظور حسين ڇڇڑو محمد سليم، ولي محمد ۽ محمد يوسف ڪاڪا شامل آهن.

ماتليءَ ۾ عورتن شيدي پاڑي مان هڪ جلوس ڪڍيو. جي پوليس ۽ فوجي حڪومت خلاف نعرا هڻي رهيون هيون. تلهار ۾ پڻ عورتن جلوس ڪڍيو جنهن ۾ اٽڪل ٽي چار سئو عورتون شامل هيون. عورتن ٽائون ڪاميٽي ۽ چيئرمين جي گاڏيءَ تي حملو ڪري نقصان پهچايو.

دادوءَ ۾ ميونسپل ڪائونسلر يعقوب ملاح گرفتاري پيش ڪئي. ميهڙ ۾ 144 قلم جي پيڪڙيءَ جي الزام ۾ اعجاز سومري ۽ عباس ناريجي کي گرفتار ڪيو ويو.

خيرپور ناٿن شاهه ۾ غلام شبير، عباس ۽ وزير ي قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو. سيوهڙ ۾ امن امان ۾ رخنو وجهڻ جي الزام ۾ ابراهيم شاهه کي گرفتار ڪيو ويو آهي

ڪنڊياري ۾ هلچل جي حمايت ۾ ستن ڇڻن پاڻمرادو گرفتاري ڏني جن ۾، محمد ٻانيڻ، غلام فريد، غلام قمبر، نظر محمد کوسي، رمضان ڪلهوڙي، ستار رند ۽ هاشم کوسو شامل آهن. ان کان اڳ هن ڏينهن ۾ پڻ يارنهن ڇڻن گرفتاريون پيش ڪيون، جن ۾ عبدالواحد گهانگهرو، يوسف ، شڪور احمد چارو، هاشم اڃڻ، ممتاز اڃڻ، رمضان بروهي، دين محمد ابڙو، ڪوڙو ڍڪڙ، ڦوٽو ماچي ۽ دائود شامل آهن.

ڪالهه گرفتاري ڏيڻ کان اڳ جنرل ضياءَ جو پتلو ساڙيو ويو. جيڪب آباد ضلعي ۾ 42 گرفتاريون ٿي چڪيون آهن، جن مان ڪن کي سزائون ڏنيون ويون آهن. ضلعي مان بلدياتي اليڪشن آفيس کي ساڙيو ويو آهي.

ڪنڊڪوٽ تعلقي جي ڪرم پور ڳوٺ مان پنجن هزار ماڻهن جو جلوس نڪتو جيڪو ڪنڊڪوٽ پهتو جتي سول جج جي ڪورٽ، يونائيٽيڊ بئنڪ، نيشنل سيونگ سينٽر، زرعي ورڪشاپ، ريلوي جا مال گودام ۽ هاءِ اسڪول تي چڙهائي ڪري پڄ ڌاهه ڪري باهيون ڏنيون ويون. ميونسپل جي فائربرگيڊ کي پڻ ساڙيو ويو ۽ حبيب بئينڪ جي چوڪيدار کان بندوق کسي ويئي. جلوس سب جيل کي گهيرو ڪري قيدين کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص جڙيو پتافي شهيد ٿي ويو. پوليس پنجاهه ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو.

شاهپور چاڪر ۾ جلوس ۽ هڙتال، مارشل لا هٽائڻ ۽ ڪارڪنن تي تشدد جي مذمت: هتي هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. پوليس ڪنٽرول نه ڪري سگهي. هجوم عيد گاهه ۾ شهيدن جي غائبانه جنازي نماز پڙهي، جيڪا مولوي محمد ابراهيم درس پڙهائي. آخر ۾ هيٺين ماڻهن گرفتاري ڏني: غلام مصطفيٰ انڙ، محمد يوسف بروهي، قاسم درس، غلام نبي ڏاهري ۽ نور محمد ڏاهري. هلچل جي اپيل تي مڪاني ادارن تان استعيفا جو سلسلو جاري لاڙڪاڻي، قمبر ۽ شهدادڪوٽ ۾ هنگاما ۽ گرفتاريون. يارهين ڏينهن به لاڙڪاڻي ۾ گرفتاريون ڏنيون ويون. جن ۾ غلام مرتضيٰ، غلام مصطفيٰ، لال محمد، نظير احمد، يوسف شاهه ۽ قاضي اڪرم شامل آهن. اڄ صبح جو لاڙڪاڻي جي بار ايسوسيئيشن طرفان پُرامن جلوس ڪڍيو ويو جنهن شهر جي اهم رستن تي گشت ڪيو. شهدادڪوٽ ۾ مڃريل ماڻهن سرڪاري عمارتن کي سخت نقصان رسايو. قمبر ۾ به هنگاما ۽ جلوس.

ٽنڊي باگي، نندي شهر ۽ ڪيڻ ۾ جلوس ۽ هڙتال بعد گرفتاريون ڏينڊڻ ۾ قمر الدين چانگ، احمد کوڙ، سلام اڊيجو ۽ اڪبر آريجو شامل ۽ ٽنڊي باگي ۾ طاهر هاليپوٽو ۽ حاجي هاليپوٽي گرفتاري ڏني. راڻيپور ۾ مڪمل هڙتال. پوليس فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويلن، زخمين ۽ گرفتار ٽيلن ۽ ڪافي ماڻهن جي غائب ٿيڻ تي سوڳ طور احتجاج سبب شهر بند. سينٽرل جيل خيرپور ۾ ملٽري ڪورٽ ڪيس هلائي هلچل ۾ حصو ونڊڻ کي سزائون ڏنيون. اقبال هيسباڻي، يوسف رند، امير ڪانڊڙو، ارشاد پنارَ، زين العابدين پيرزادو، رستم ڏاريجو، مشتاق جلباڻي ۽ ساعت جوڳيءَ کي قيد، ڏنڊ ۽ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي. جڏهن ملٽري ڪورٽ کين سزا ٻڌائي ته هنن مارشل لا خلاف نعرا هنيا.

شڪارپور جي فوجي عدالت ۾ جڻ ظفر شاهه ۽ نجيب احمد هرهڪ کي ڏنڊ جي سزا ٻڌائي. پاڪستاني جهنڊو لڳائڻ تان جهگڙو. چار ماڻهو زخمي. حيدرآباد جي پرسان پٽاڻ آبباشي جي زمين هموار ڪرڻ لاءِ ٽريڪٽر تي پاڪستاني جهنڊو ڦڙڪائيندا وڃي رهيا هئا تہ هڪ سنڌي آبادگار محمد حيات سومري چيو تہ ڪين ٽريڪٽر تي پاڪستاني جهنڊو هٽي لنگهڻ نہ ڏنو ويو. چار ماڻهو سخت زخمي ٿيا. جن کي ايل ايم سي ۾ داخل ڪيو ويو.

بي بي سي اڄ پنهنجي نشريات ۾ ٻڌايو تہ هلچل دوران ميروخان ۾ جهڙپ ٿي جنهن ۾ ٽي ڄڻا شهيد ٿيا. بي بي سي وڌيڪ ٻڌايو تہ نئين دهلي لوڪ سيا جي اجلاس ۾ پرڏيهي وزير رائو چيو تہ "پارٽ پاڪستان جي موجوده واقعن کي بي چينيءَ سان ڏسي رهيو آهي."

ڏٽي ۾ مڇي مارڪيٽ مان هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. مظاهرين جي هٿن ۾ بينر هئا. جيڪي نعرا هڻي رهيا هئا. نواب شاهه ۾ پڻ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جيڪو چڪري بازار پهتو. جتي جنرلن جا پتلا ساڙيا ويا. تقريرون ڪيون ويون ۽ بعد ۾ گرفتاريون ڏنيون ويون.

14 آگسٽ کان 26 آگسٽ تائين سنڌ ۾ 61 ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن ۽ 8 هزار 995 ماڻهو گرفتار ٿي چڪا آهن. انهن ۾ گرفتاريون ڏيندڙ ۽ گرفتار ڪيل شامل آهن. گرفتاري ڏيندڙن ۾ ڪارڪن. وزير. اسيمبلين جا ميمبر ۽ سينيٽر شامل آهن.

ڪنب وٽ پوليس سان تصادم جو زخمي شهيد. گذريل سومر ڏينهن ڪنب لڳ ڪوٽ لالو روڊ تي پريميئر ڪاٽن فيڪٽريءَ وٽ حڪومت خلاف جلوس ڪيندڙن ۽ پوليس وچ ۾ جيڪا چڪري ٿي. تنهن ۾ زخمي ٿيل ماڻهن مان ٽري ميرواهه تعلقي جو رهاڪو علي مراد خاصخيلي خيرپور اسپتال ۾ وفات ڪري ويو. جنهن کي پوليس لاوارث ڪري دفنايو هو. ڪافي ڳولا کان پوءِ خبر پوڻ تي سندس وارث لاش ڪڍرائي. پنهنجي ڳوٺ کڻائي ويا. ياد رهي تہ ان واقعي ۾ اڪل پنجاهه ماڻهو غائب ٿي ويا آهن. جو ڪو بہ پتو پڄي نہ سگهيو آهي. احسان ميمڻ شهيد قتل ڪيس جي شنوائي 28 آگسٽ تي ٿيندي. حيدرآباد ۾ ڪارڪنن پاڻ مرادو گرفتاريون ڏنيون. مظاهرو ڪندڙ ۽ پوليس وچ ۾ چوٽون ٿيون. پٿربازي ڳوڙهاگئس جو استعمال.

ٽنڊي ولي محمد جي روشن هوٽل چوڪ وٽ تاڙن کي باهه ڏني ويئي. ان

الزام ۾ نورل ۽ ستن ٻين جڻن کي گرفتار ڪيو ويو.

ميهڙ جي گهنٽا گهر هيٺان مدد علي شاهه ۽ شاهنواز گرفتاري ڏني. کين نعرن جي گونج ۾ ٽاٽي تي پهچايو ويو. ڏوڪريءَ ۾ ڪافي نوجوانن کي گرفتار ڪري کين ٽاٽي تي ننگو ڪري ماريو ويو. سڄي شهر جي ماڻهن کي نوجوانن کي مارڻ دوران فوجي سڏي چئي رهيا هئا ته جيڪڏهن ڪنهن به ارڏائي ڪئي ته انهن جو حشر ائين ٿيندو جيئن هنن جوا جن تي سخت تشدد ڪيو ويو آهي. همر.هه هيٺيان آهن:

احسان جويو بخشل گلال. الطاف حسين مگٽهار بچل جويو صلاح الدين قاضي. ديوان ۽ ٻيا انهن کانسواءِ هڪ تومي گيت چوندڙ حافظ رجب کي جيل موڪليو ويو.

نصير آباد مان مظاهرو ڪرڻ جي الزام ۾ جن کي گرفتار ڪيو ويو انهن کي به ٽاٽي ۾ ٽنگي ماريو ويو. شهرين کي هراسان ڪرڻ خاطر فوجي ڏڙڪا ڏيئي رهيا هئا ته جيڪڏهن اهي به ڪا حرڪت ڪندا ته کين به بخشيو نه ويندو. جن تي تشدد ڪيو ويو يا گرفتار ٿيا انهن ۾ سومر سنڌي، يار محمد مسڻ. ممتاز ڏيپر. درمحمد ٻڌ. نياز ٻڌ. عبدالرحمان پنهور. قربان لاشاري. ملازم ڪلهوڙو. بلاول ڦلپوٽو. نصيرآباد ٽاٽي جو صوبيدار غير سنڌي هو جيڪو سنڌي ماڻهن کي بيدرديءَ سان تشدد جو نشانو بنائيندو رهندو هو. وارهه ۾ تنين جي ڳوٺ تي پوليس چڙهائي ڪئي. جنهن ۾ هڪ عورت کي گولي لڳي ۽ ڪجهه مرد زخمي ٿيا. ڪافي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا. جن ۾ شمو خان چوليائي. امداد چوليائي. علي مراد کهاوڙ حاجي خان چوليائي. صلاح چانديو ۽ ٻيا شامل آهن.

باڊهه مان اڪبر ڪانڊڙو عبدالغني. خادم محمد مراد عبدالشڪور. اصغر چنه ۽ اعجاز لاکير کي گرفتار ڪيو ويو. ميهڙ راڏڻ وچ ۾ ريل پٽڑي اکيڙڻ جي ڏوهه ۾ ڪيترائي ڳوٺاٽا فوجين پاڻي وجهي ماريا. جن ۾ خاص ڪري عبدالوهاب سرگاٽي ۽ سجاول سرگاٽي قابل ذڪر آهن. انهن کي ضياءَ حمايت تحريڪ وارن چغليون هڻي گرفتار ڪرايو. جڏهن فوج جون گاڏيون ميهڙ پرسان ڳوٺن تي ڇاپا هڻندي وئي ته اتي هڪ وڻ ۾ وينل ڪکر کي ٻارن اڳيئي پٿر هڻي مڇرائي ڇڏيو هو تنهن فوجين تي يلغار ڪئي. فوجي دانهون ڪري پڇندا رهيا. هڪ ڏنار ٻڌايو ته فوجين ککر کان ڏنگجڻ مهل ائين چيو ته سنڌي

ماٹھو تہ وڑھن ٹا. پر سنڌ جي ڪکر بہ وڙهي ٿي. ميهڑ پرسان فريدآباد روڊ مان ڪرٽين جي ڳوٺ وٽ هڪ واقعو ٿي گذريو جنهن فوجين کي مورچن سنيالڻ تي مجبور ڪيو. ٿيو هينئن تہ زمينن ۾ پاٽي اچڻ ڪري جهنگلي سوئرن ڳوٺن ڏانهن رخ رکيو. ٿي سوئر جڏهن ڳوٺ ۾ ڪاهي پيا تہ ڳوناٽن لئيون. ڪهاڙيون ۽ ڏنڊا کٽي سوئرن جي پٺيان انبوهہ جي صورت ۾ کين ڳوٺ مان ڪڍي روڊ سان ڊوڙائيندا ۽ دنبها هٽندا پئي آيا تہ هيڏانهن ميهڑ کان فوجن جون بہ ٽرڪون گشت تي نڪتل هيون. جن جڏهن ماٹھن کي مچريل هٿن ۾ ڏنڊا ۽ ڪهاڙيون اپيون ڏٺيون تہ فورن گاڏيون پوئتي موڙائي ميهڑ ۾ قائم ڪيل فوجي ڪئمپ کي اطلاع ڪيائون تہ مورچا سنيالي ويهن ۽ پوزيشن ۾ رهن ڇوتہ فريدآباد کان هڪ وڏو مسلح جلوس جلدي پهچڻ وارو آهي. هلچل دوران پوليس ۽ فوج ايترو تہ افراتفريءَ جو شڪار ٿي ويئي جو ننڊڙين ڳالهين تي بہ اپهرائيءَ سان چهڪي تي بندوق هٽڻ لڳا.

موهن جي دڙي تي اسڪولي شاگرد بسون پرائي ٽوئر تي آيا. ايئرپورٽ تي جڏهن جهاز لٿو تہ چوڪرا ڊوڙي جهاز کي ڏسڻ لاءِ ايئرپورٽ ڏانهن وڌڻ لڳا. ايتري ۾ ايئرپورٽ جي بچاءَ لاءِ بيئل فوجين ڏوڪريءَ ۾ قائم ڪيل فوجي ڪئمپ کي وايرليس تي هڏايو تہ جلدي پهچو. ايئرپورٽ تي لهندڙ هوائي جهاز تي جلوس جي يلغار ٿي چڪي آهي. نوشهري فيروز ۾ سيد آفتاب شاهہ، رفيق رند، علي حسن کوسي، غلام مصطفيٰ انصاري، ظريف انصاري، علڻ سومري، نورالدين ڪليري، محب علي ڪليري، الهہ رکئي گهانگهري، ايوب قريشي ۽ امتياز اچڻ گرفتاريون پيش ڪيون. ان موقعي تي ڪنڊياري ۾ هڙتال رهي ۽ جنرل جو پتلو ساڙيو ويو ۽ ڪيترن ئي بلدياتي ڪائونسلرن استعيفا ڏني. اڄ هلچل کي ٻيو هفتو پورو ٿيڻ وارو آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جلوس ۽ جلسا ڪيا ويا. هالا، پٽ شاهہ، ميهڑ، دادو، خيرپور ناٽن شاهہ، چمبڙ، بدين ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ هنگامن ۽ گرفتارين جون خبرون ٻيون. سکر ويجهو ريلوي اسٽيشن تي حملو. هالا ۾ هزارين ماٹھن واپڊا آفيس کان جلوس ڪڍيو. جلوس حڪومت خلاف نعرا هٽندو مارڪيٽ چوڪ وٽ پهتو تہ علي بخش لاشاري، قاسم ابڙيجي، ۽ ڪالو ڪوريءَ پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو. پٽ شاهہ ۾ علي اڪبر ساند، ذوالقرنين، شاهہ حسين، حاڪر شاهہ، مشتاق راهو نجف علي ڀگهيو. لعل محمد ۽ محمد حسين راهو گرفتاري ڏني. ميهڑ ۾ ذوالفقار

مرتضيٰ، حاجن برڙو اميز علي ۽ شوڪت ڪوسي، گرفتاري پيش ڪئي. مجريل ماٿهن جلوس جي صورت ۾ حبيب بئنڪ ۽ مسلم ڪمرشل بئنڪ تي پٿراءُ ڪيو. سڪرنڊ ۾ سيد شبير احمد شاهه ۽ علي رضا کي گرفتار ڪيو ويو.

چمبڙ پرسان چڪيءَ ۾ هاءِ اسڪول جي شاگردن هڪ جلوس ڪڍيو جيڪو ڇهه ميل پري شيخ پرڪئي ويو جتي ڪاروبار بند ٿي ويو. اهو جلوس بعد ۾ بسين ذريعي ڳوٺ گلاب لغاري پهتو. جلوس ۾ سوين ڳوٺاڻا به شامل ٿي ويا. گلاب لغاري پوليس ٽاڪي تي حملو ڪيو ويو. پوليس ٽاڪو بند ڪري پڄي وئي. جلوس هڪ غير سنڌي اسد علي قائمخانيءَ جي تيل جي دوڪان جو دروازو ٽوڙي بسين ۾ تيل پريو ۽ يرغمال ڪيل بسون کاهي هليا ويا.

رات سڪر کان 72 ميل پري مجريل ماٿهن جي انبوهه ڪونڊر ريلوي استيشن کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو ۽ فائرنگ ڪري هڪ سپاهيءَ کي زخمي ڪيو ۽ ريلوي لائين اکيڙي ڇڏي، جنهن ڪري ريلوي گاڏيون ڏهه ڪلاڪ ليٽ ٿي ويون. خيرپور ناٿن شاهه ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. هزارين ماٿهن مارشل لا خلاف نعرا هنيا. پوليس لٽيون وسايون ۽ ڳوڙها گئس جا شيل اڇلايا. نيڪ محمد ۽ شمس الدين گرفتاري ڏني. ڏادوءَ ۾ نئين چوڪ تي غلام رسول ۽ ذوالفقار گرفتاري ڏني. ٽنڊو جام يونيورسٽي جي شاگردن جلوس ڪڍيو ۽ روڊ بلاڪ ڪيو. شهدادپور ۾ شهيدن جي غائبانه جنازي نماز پڙهڻ لاءِ هاءِ اسڪول جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري عيدگاهه وٽ گڏ ٿيا. شاگرد ن اسڪولن جون دريون در پيچي ڇڏيا ۽ بازار ۾ افراتفري ڦهلائي. اهو جلوس غير سنڌين ڪڍيو جن پي پي جي آفيس تي حملي کان پوءِ سنڌين جي دڪانن تي حملا ڪيا ۽ پڻ سنڌين جي جلوس تي فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا. حيدرآباد ۾ سليم جهانگير ۽ اختر شيخ پوليس هٿان لٽين لڳڻ ڪري زخمي ٿيا. ڪوئيٽا ۾ مڪمل هڙتال رهي. دادوءَ جي وڪيلن ڪورٽ جي حدن اندر اڄ جلوس ڪڍيو. بيگناهه ماٿهن تي فائرنگ: گمبٽ ۽ راڻيپور پوليس خلاف امير بخش شاهاڻي جي سيشن ڪورٽ ۾ فرياد داخل. هڪ غير سنڌي پوليس انسپيڪٽر مظفر فائرنگ ڪري غلام سرور شاهاڻي ۽ دلدار کي بروقت شهيد ڪيو ۽ ٻيا ڪيترائي سخت زخمي ڪيا. هن عدالت کي انصاف جي استدعا ڪئي.

اسان جا سنڌي ماٿهو ڪيترا نه سادا ۽ سٻاجها آهن جو غاصبن ۽ لٽيرن

جي مقرر ڪيل ججن کان، سامراج جي تعمير ڪيل عدالتن مان ۽ ڏارين جي موڪليل يا مقرر ڪيل گماشتن ۽ دلالن کان انصاف جي اميد رکڻ ائين آهي، جيئن ڪاري رات منجهان روشنيءَ جي آس رکڻ. گوليون ۽ اهي هٿن ۽ فريادي ۽ انهن وٽ...!!

ڪوٽڙيجي پوليس تخريبڪاريءَ جي الزام ۾ غلام حسين تمراٽيءَ سميت ڪيترن بي گناهه ماڻهن کي گرفتار ڪيو. ٽارو شاهه ۾ پرائمري استاد الهڏنو مشوريءَ کي راهه ويندي پوليس گولي هڻي زخمي ڪيو. جنهن تي استادن سخت رد عمل ڏيکاريو. پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ هلايل هلچل کي اڄ ٽيون هفتو شروع ٿيو.

جلسا جلوس ۽ گرفتاريون جاري: ننڍو ڄام جا شاگرد جلوس ڪڍي، ميرپور خاص روڊ تي آيا. حيدرآباد شهر جئي سلاوٽ پاڙي وٽان هڪ جلوس ڪڍيو ويو. جنهن حڪومت خلاف نعرا هنيا ۽ پوليس لئيون وسايون. ماڻهن مسجد ۾ پناهه ورتي، پر پوليس مسجد جي در تائين کين لئيون هڻندي رهي. نجيب ميمڻ کي پوليس گرفتار ڪيو ۽ ربڙني، انور سومري، گل محمد پنيري ۽ نور محمد ميمڻ گرفتاري پيش ڪئي. هالا جي مارڪيٽ چوڪ تي گڏ ٿيل ماڻهن جلوس جي صورت اختيار ڪئي، جتي چنيسر، مريد سولنگي ۽ سوڍڙي تقرير ڪندي شهيدن جي رت جو قسم کڻي چيو ته مرڻ گهڙيءَ تائين جدوجهد جاري رهندي. ان ڪانپوءِ هنن گرفتاري پيش ڪئي. هالا نوان جي اسسپيڪشن بنگلي ۾ ترسيل فوج شهر ۾ گشت شروع ڪري ڏنو آهي. ميهڙ ۾ پورل ڪلهوڙي، مير محمد ۽ دلاور ناريجي گرفتاري پيش ڪئي.

سڪرنڊ ۾ محمد خان ملاح، حاجي خان اڇو عباس خاصخيلي، رمضان ۽ اسماعيل گرفتاري پيش ڪئي.

دادوءَ ۾ وڪيلن هڪ احتجاجي جلوس ڪڍيو جيڪو سيشن ڪورٽ ۽ ڊي سي آفيس کان ٽيندو بار آفيس ۾ ختم ٿيو. جلوس جي اڳواڻي عبداللطيف قريشي ڪري رهيو هو. ان موقعي تي علي احمد قريشيءَ ۽ ٻين وڪيلن تقريرون ڪيون. جنهن ۾ عدالتن کي اختيار ڏيڻ سياسي قيدي آزاد ڪرڻ، مارشل لا ختم ڪرڻ، اخبارن تي وڌل بندش ختم ڪرڻ جا مطالبا ڪيا ويا. شهر ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ حڪومت خلاف نعرا لڳا ۽ بعد ۾ پريل برهماڻي، فتح ڪابوري، غلام نبي شاهه ۽ تراب سانگيءَ گرفتاريون پيش

ڪيون. ٻئي طرف ضيا حمايت تحريڪ تان امير بخش جمالي ۽ لياقت جوٽيجي استعيفا ڏني. موري ۾ پاٽمرادو گرفتاري پيش ڪندڙن ۾ سڪندر علي، علي نواز آريٽي، عثمان، سرور ڊيپر، احمد نواز ۽ رمضان شامل هئا. ٻيو ته موري گرلس هاءِ اسڪول جي شاگردياڻين ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري هڪ جلوس ڪڍيو عورتن ۽ شاگردياڻين گڏجي شهر جي رستن تي احتجاج ڪيو. چوڙيون مردن ڏانهن اڇلائي ڪين جوش ڏياريو ۽ پوءِ گورنمينٽ مهراڻ ڪاليج ۽ چوڪرن جي هاءِ اسڪول پڻ ويون ۽ شهر جا سڀ تعليمي ادارا بند ڪرايائون.

ڪوٽڙيءَ ۾ شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري مارشل لا خلاف احتجاج ڪيو. مولانا محمد شاهه امروٽيءَ قرآن مان ثابت ڪندي چيو آهي ته پوليس ۽ فوج جي گولين سان مئل شهيد آهن. چوته حقن وٺڻ جي جدوجهد ۾ مرڻ وارا شهادت جو درجو رکن ٿا. موري جي رهواسي حاجي امام بخش ۽ ٽن ٻين کي نوابشاهه جي ڪورٽ سزا ڏئي جيل موڪلي ڇڏيو. لاڑڪاڻي ضلعي جي نئين ڊيري شهر ۽ ڳڙهي خدا بخش ۾ جلوس ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. پوليس مشتاق پٽي، سعيد احمد، گدا حسين قريشي ۽ عباس ڏوڪيءَ کي گرفتار ڪيو ۽ رستن جي ناڪابندي ڪئي. لاڑڪاڻي شهر ۾ شاگردن جلوس ڪڍي ڪاروبار بند ڪرايو. فوج جو گهٽين ۽ رستن تي گشت ۽ جهڙتي جاري رهي.

سڄاول ۾ پوليس ماڻهن تي لئيون وسائي آنسو گئس استعمال ڪئي. صبح جو سوين ماڻهن مامون لاڏو هوٽل جي چوڪ تي گڏ ٿي جلوس ڪڍيو ۽ ٻئنڪن تي پٿراءُ ڪيو. سرويچ سڄاولي ۽ ارشاد ساگر گرفتاري ڏني. شهدادپور جي پوليس گذريل ڏينهن جي واقعن جي سلسلي ۾ ٽنڊي آدم جي شاهنواز جوٽيجو فدا حسين ڏيري، سومري عبدالرزاق ۽ ڪجهه ٻين ماڻهن کي گرفتار ڪري جيل اماڻيو ۽ پڻ سانگهڙ ضلعي سان قلم 144 لاڳو ڪيو ويو.

سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ ايل ايم سيءَ جون بسون بند ڪيون ويون. عملي ۽ امتحان ڏيندڙ شاگردن کي سخت تڪليف: ڏيوٽيءَ تي پهچي نه سگهندڙ عملي کي انتظاميا نوٽيس ڏنو. سيوهڙ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن بعد عبداللطيف قريشي، صديق، برادي ڏيٽو قادر ابڙو، رسول بخش پنهور حڪومت خلاف نعرا هڻندي گرفتاريون ڏنيون. شحر سجو ڏينهن بند رهيو.

سکر ۾ پڙ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. جنهن گهنٽا گهر وٽ مارشل لا خلاف نعراهنيا ۽ صديق ڪرل ۽ ٻين گرفتاري ڏني. لاڙڪاڻي ۾ ٻ چوڪ تي غلام حسين شر، گلاب مگسي، منل سولنگي ۽ حسين لغاريءَ گرفتاري ڏني. ٽنڊو الهيار ۾ هڪ جلوس نصرپور ناڪي تي پهتو. نعرا هڻندي چئن ڇٽن علي حسن قريشي، محمد عثمان جروار، غلام مصطفيٰ ڀهراڻي ۽ عبدالجبار گرفتاري ڏني.

تحريڪ هلائيندڙن کي سختيءَ سان چٽيو ويندو: (جنرل ضياءَ)

30 آگسٽ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جلسا جلوس ۽ گرفتاريون جاري رهيون. حيدرآباد ۾ 7، بدين ۾ 7، خيرپور ناٿن شاهه ۾ 2 ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڏهن ڪارڪنن گرفتاريون پيش ڪيون.

سکرنڊ ۾ نڪتل جلوس جي هٿن ۾ ڏندا هئا، جنهن هڪ مولوي محمد منشاءَ کي ڏڪ هٽي ڦٽي وڃو. بعد ۾ ايس ڊي ايم جي آفيس وٽ پهتو. جتي حاجي خان، راڻو خان، راضي مٽر جلباڻي ۽ مريد گرفتاري ڏني. نوابشاهه جي چڪري بازار ۽ ريگل سئنيما وٽ انور لاکي غلام ڪيرئي ۽ ٻين گرفتاري پيش ڪئي. ناٿن شاهه ۾ علي اصغر ۽ محمد چٽل گرفتاري ڏني. سانگهڙ جي شخص الطاف حسين رند کي گرفتار ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ سليم ميمڻ، مبارڪ، خان محمد، دودو جتوئي، عارب ۽ غلام حسين هيسباڻي پوليس جلوس دوران گرفتار ڪيو. بدين ۾ جلوس ڪڍي جن پاڻ کي پوليس حوالي ڪيو. انهن ۾ احمد خان ڪنير، اسلم زرگر، لکاڏنو ملاح، علي نواز جوٽيجو ۽ عظيم شامل آهن. ماتليءَ لڳ ڳوٺ غريب اڀيجو مان هڪ جلوس نڪتو جنهن فوجي حڪومت مرده باد، حڪومت جا چمچا هاءِ هاءِ، گهٽي گهٽي شور تحريڪ اسانجي زور آ جا نعرا هڻندي ماتلي شهر جي گول چڪري وٽ محمد اڀيجي، علي نواز سريوال، جاويد خان لغاري ۽ علي احمد سريوال کي پوليس گرفتار ڪيو. لاڙڪاڻي ۾ منظور شاهه، محمد پناڻ تنئي، اڪرم ملاڻي ۽ لياقت ڪنير گرفتاري ڏني ۽ شهدادڪوٽ ۾ ماٺهو ٻڌا ويا. موري ۾ اٺ ۽ سکرنڊ ۾ چار ڪارڪن گرفتار. حاجي خان انڙ، محمد خان آرڪاڻي، مصري خان ڏهيو انور جلباڻي ۽ ٻيا شامل آهن.

"جيڪي ماٺهو سنڌ کي پاڪستان کان جدا ڪرڻ گهرن ٿا اهي اڇاڻ آهن. انهن کي ڪڏهن ٻ ڪامياب ٽيڙ نه ڏبو." (علي احمد تالپر: وزير دفاع)

ٽري ميرواهه ۾ وڏو جلوس ڪيڻ کان پوءِ ممتاز علي شر، خان محمد لغاري، ديدار، اسرار ۽ عاشق دستيءَ پاڻ کي گرفتار ڪرايو. لطيف ڪئمپس ۾ شهيدن جي غائبانه جنازي نماز پڙهي وئي.

دادوءَ ۾ سرحد ڪانسٽيبلري (هوڙي پوليس) هٿان زخمي ٿيل سنڌي سپاهي گل محمد ٻڌايو ته واقعي واري ڏينهن شهر ۾ گڙٻڙ ٿيڻ بعد سندن هڪ آفيسر جي هدايت تي پنهنجي ننڍي پاءُ علي اڪبر سان گڏ جئين گهر وردي پائڻ لاءِ وڃي رهيا هٿاتا فرنٽيئر ڪانسٽيبلريءَ جي سپاهين کين رستي ۾ روڪيو. انهن کي ٻڌايو ويو ته هو ٻئي سپاهي آهن ۽ وردي پائڻ وڃي رهيا آهن، پر انهن ڄاڻي واڻي مٿن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ سندس ننڍو پاءُ فوت (شهيد) ٿي ويو ۽ پاڻ شديد زخمي ٿيو. فائرنگ ڪندڙ سرحدي سپاهين تي ڪوبه قدم نه کنيو ويو.

نوابشاهه جي نوجي عدالت حڪومت خلاف نعرا هڻڻ جي الزام هيٺ نون ماڻهن کي قيد، ڏنڊ ۽ ڦٽڪن جي سزا ڏني. انهن ۾ عبدالواحد گهانگهرو، محمد منل، جاڙل، هاشم اڃڻ، ممتاز ۽ رمضان بروهي شامل آهن. پنگريو ۾ اقبال ساريجي، زاهد ميمڻ، عزيز جوٽيجو کي گرفتار ڪيو ويو "مشهور ملهه سمن شاهه کي فورن آزاد ڪيو وڃي نه ته سنڌ جا ملهه به احتجاج ڪندا." ملهه ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري غلام سرور جتوئي جو حڪومت کي چتاءُ.

بين الاقوامي پريس رپورٽر دادوءَ ۾ مظاهرو ڪندڙن جا فوٽا ورتا. فرانس ۽ جپان جي صحافين کي سنڌ جي مشهور شخصيت ميڊم حميده کهڙو دورو ڪرايو ۽ مختلف زيادتين کان پڙ آگاهه ڪيو. آهي خاتون صحافي لنڊن مان نڪرندڙ لنڊن ٽائيمز ۽ سنڊي ٽائيمز جي هندستان ۾ رهندڙ ليڊي رپورٽر هنري فروجست ميڊم کهڙو سان گڏجي دادو جيل ۾ سياسي قيدين سان ملاقات ڪري سندن تاثرات قلمبند ڪيا ۽ جيل ۾ مليل سهوليتن بابت معلومات حاصل ڪئي. جيل ۾ قيدين سان صحافين کي ملائڻ جي ڏوهه ۾ جيل جي انچارج جمعدار اڪبر بروهيءَ کي فورن نوڪري مان ڪڍيو ويو ۽ سندس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو.

پني عاقل ۾ جمعي ڏينهن مسجد مان نڪرندڙ ماڻهن عيد گاهه تي گڏجي هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ۽ آمريڪا جو جهنڊو ساڙيو. جلوس ڪيڻ جي الزام ۾

ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ ايياز لطيف ۽ منير پرڳڙيءَ کي گرفتار ڪيو ويو.

1 سيپٽمبر تي سڪرنڊ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ سنڌين تي تشدد بند ڪيو ۽ قيدي آزاد ڪيو جا نعرا لڳا ۽ پوءِ امير بخش مگسي، عبدالغني، عبدالخالق خاصخيلي ۽ موسيٰ چانڊئي گرفتاريون پيش ڪيون. هالا ۾ جلوس ڪڍيو ويو. پنجمورو مدل اسڪول جي شاگردن جلوس ڪڍي شاهراهه کي بلاڪ ڪيو. پرائمري اسڪول نيو سعيد آباد جا ننڍڙا شاگرد شهر ۾ جلوس ڪڍي مارشل لا خلاف نعرا هڻندا رهيا. جنهن بعد جان محمد، صالح ۽ الهه بخش گرفتاري ڏني. ماتليءَ ۾ هڪ زبردست جلوس ڪڍيو ويو. جنهن گورنمينٽ ۽ فوج خلاف سخت نعرا هنيا ۽ پوءِ سيد علي محمد، وڪيل بابو ڪالرو ۽ علي نواز خاصخيلي گرفتاري پيش ڪئي.

درگاهه قلندر جي سجاده نشين ۽ وڪيل سيد صادق علي شاهه سنڌي ماڻهن تي ٿيندڙ تشدد جي عدالتي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ۽ هلچل جي حمايت ڪئي. حيات پتافيءَ ۾ هٿياربند مسلم ڪمرشل بئنڪ کي ساڙي ويا.

ڪيسانه موريءَ ۾ ضياءَ حمايت تحريڪ جي صدر صادق زرداري ۽ غلام نبي شاهه سميت 30 جڻن عهدن ۽ ميمبرشپ تان استعيفا ڏيئي، هلندڙ هلچل ۾ حصي ونڊ جو اعلان ڪيو. زرعي يونيورسٽي ٽنڈو جام جي هاسٽل تي ڇاپا هنيا ويا. پوليس وارن ڪمرن جا دروازا پيچي تلاشيون ورتيون ۽ شاگردن جو قيمتي سامان کڻي ويا. دادو خيرپور ميهڙ ۽ سيتا ۾ جلوس ڪڍيا ويا ۽ بشير، رفيق، ممتاز علي، صديق چانڊئي، صديق سولنگي، ابراهيم ۽ جان محمد گرفتار يون پيش ڪيون. راڻيپور جي پير عبدالقادر شاهه ڇيو ته سندس سنڌو ديش تحريڪ سان واسطو ناهي.

پير صاحب پاڳاري پريس ڪانفرنس ۾ اهو تسليم ڪندي ڇيو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجا پيدائشي حق گهري رهيا آهن. اسين سنڌ ۾ رهون ٿا. موجوده واقعن کان ضرور متاثر ٿيندا سين. تنهن ڪري مجلس شوريٰ ۾ شامل مسلم ليگي 5. سيپٽمبر تائين استعيفائون ڏئي حڪومت مان نڪري اچن.

سکر ۾ عورتن جلوس ڪڍيو. جنهن جي اڳواڻي مسز پناڻ ڪئي. اٽن عورتن پنهنجون گرفتاريون پيش ڪيون. مهراڻ يونيورسٽيءَ سميت سڀ تعليمي ادارا کوليا وڃن. يونيورسٽين ۾ پوليس ۽ فوج جي مداخلت بند ڪئي

وڃي. 26 مئي تي ٽيل فائرنگ جي عدالتي تحقيقات ڪرائي وڃي ۽ شهيد احسان ميمڻ جي قاتلن کي قاسي ڏني وڃي. ينگ سنڌي انجنيئرس ايسوسيئيشن جا مطالبا. شڪارپور ۾ 12 ڄڻن گرفتاريون پيش ڪيون. آفتاب شعبان ميراڻي، امان الله شيخ، اسحاق بنگلاڻي، ڪريم داد پهوڙ يوسف، مڪڙو جتوئي، عارب جتوئي، امير شر، ڪوڙو جتوئي، رحيم پهوڙ ۽ ٻيا شامل آهن.

ڊگهڙي شهر ۾ جلوس ڪڍيو ويو ۽ گرفتاريون پيش ڪيون ويون، جن ۾ لکا ڏنو لنڊ، هادي بخش ۽ شمشاد شامل آهن. ٽنڊو آدم ۾ محمدي چوڪ وٽان الهه جڙيو ڏيرو قابل، خدا بخش لاکو موسيٰ ڏيري، لعل بخش غوري، نوازبروهي ۽ وريام حاجاڻي گرفتاري ڏني.

2 سيپٽمبر تي ڪوٽڙي ڪبير کان ڪنڊياري تائين جلوس ڪڍيو ويو. حيدرآباد، بدين، هالا، ميهڙ، سيتارود، سڪرنڊ ۽ ٻين شهرن ۾ گرفتاريون. شاهنواز خان خشڪ ۽ ٻين جي قيادت ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. اهو جلوس سندس ڳوٺ کان ٽيندو جڏهن ڪوٽڙي ڪبير وٽ پهتو تہ قومي شاهراهہ بلاڪ ٿي ويو. پوليس سان جهڙپون ٿيون. پوءِ مولڻ خان خشڪ، هادي بخش، الهہ بچايو قاضي امان الله، رمضان پاڪٽ، مدد علي خشڪ ۽ ايوب رند گرفتاري پيش ڪئي. سڪرنڊ ۾ علي رضا کوسي حسن چانڊئي ۽ الهہ بچائي ٻٽي گرفتاري پيش ڪئي.

موري ۾ اڄ ستن ڪارڪنن جيئن تہ هاشم ٻٽي، فقير محمد اوٺي، حبيب ڏاهري، محمد خان ٻٽي، دولتپور جي رهاڪو نورالدين، علي مراد ٻٽي گرفتاريون آڇيون. ڪڙئي گهنور ۽ ڏيئي شهر ۾ جلوس ۽ گرفتاريون سيتارود ۾ هلچل جي سلسلي ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. جلوس شاهي بازار جي چوڪ وٽ پهتو تہ ماٺهن پاڪستان ۽ فوج خلاف نعرا هنيا ۽ پوءِ غلام قادر سولنگي، ۽ محمد پلي پوٽي گرفتاري ڏني.

خيرپور ناٿن شاهہ ۾ هزارين ماٺهن جلوس ڪڍيو جنهن بعد بدرالدين شيخ، ڪريم بخش بروهي ۽ تراب علي سانگيءَ پاڻ مرادو گرفتاري پيش ڪئي. دادوءَ جي هنگامن ۾ ماٺهن کي ڪچليندڙ آفيسرن کي گورنر عباسي نقد انعام ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا. ڪالهہ غوث بخش بزنجي کي گرفتار ڪيو ويو.

فوجي عدالت طرفان قيد ۽ ڏنڊ جون سزائون. سجاول جا ٽي ۽ دادوءَ جو

هڪ شخص سزايابَ يونس پان سميت ٻين تي مظاهرا ڪرڻ جو الزام هو. بدين ۾ وڪيل محمد عيسيٰ ملاح ۽ محمد حسن دل گرفتاري ڏني.

سکرنڊ ۾ اٺ مولوي حڪومت خلاف جلوس ڪڍڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ٿيا. جن ۾ مولانا احمد خان چانڊيو مولانا مير محمد پٽي، مولانا مومن چنا، مولانا شفيع محمد چنا، مولانا علي نواز پرهيار، محمد صالح پرهيار، مولانا محمد عرس چانڊيو ۽ مولانا محمد قاسم بروهي شامل آهن. گرفتاريءَ کانپوءِ هو نعرا هڻندا رهيا. ڏگهڙيءَ ۾ شاگردن احتجاجي جلوس ڪڍي مارشل لا خلاف نعرا هنيا.

3 سيپٽمبر تي سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن مان مڪاني ادارن تان استعيفائون ڏنيون ويون. هزارين ماڻهن جلوس ڪڍيا، مظاهرا ۽ گرفتاريون جاري. سنڌ ۾ هلندڙ هلچل جي سلسلي ۾ مارشل لا خلاف احتجاج ڪيو ويو. جلسا جلوس ۽ پاڻمرادو گرفتاريون پيش ڪيون ويون. حيدرآباد ۾ حسن خاصخيلي ۽ دلشاد گرفتاري ڏني. شهر ۾ شهاب سئنيما ويجهو نيشنل بئنڪ تي پٿربازي ڪئي ويئي. سئنيما جو بورڊ لاهي ساڙيو ويو. گاڏي ڪاتي واري حيدر چوڪ تي اسحاق کوسي، اسماعيل ۽ ميربنده کوسي هار پائي گرفتاري پيش ڪئي. پني عاقل ۾ پنجاهه هزار ماڻهن جو جلوس. هاليجي شريف کان هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو جيڪو قومي شاهراهه تي ڏرنو هڻي ويهي رهيو. ٽرئفڪ بند ٿي ويئي پوليس اچي لئيون وسايون ۽ ڪوڙها گئس اڇلي، تنهن هوندي به جلوس کي منتشر ڪري نه سگهيا. نيٽ فوج اچي پهتي، جنهن سڌو فائرنگ شروع ڪئي، جنهن ۾ سترهن ڇڪا ڏنجي پيا ۽ ايڪيهن ڇڻن کي گرفتاري ڪيو ويو.

ڪوٽڙيءَ ۾ جلوس ڪڍي گرفتاري ڏني وئي، جن ۾ شفيع محمد ۽ اسماعيل شامل آهن. سکر ۽ بدين جي وڪيلن به احتجاجي جلوس ڪڍيا. دادوءَ ۾ هڪ سپاهي ممتاز علي (ڊريس پيل) بکل نمبر 1162 حڪومت خلاف نعرا هڻي، پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو.

اوباوڙي ۾ جلوس نڪتو ۽ گرفتاري پيش ڪندڙن کي پوليس گرفتار نه ڪيو. هالا، پٽ شاهه ۽ نيو سعيد آباد ۾ ڇاپا. پوليس ڇهن ڪارڪنن ۽ هڪ مولوي صاحب کي گرفتار ڪيو. سيد روشن شاهه، جان محمد مگريو انور ارباب، سرور شاهه، وزير راهو خير محمد ڪاڪا ۽ مولانا صديق ڪاڪا کي

چاپا هٹي گهرن مان گرفتار ڪيو.

ڪنڊياري ۾ ڪارڪنن جي ڇڪتاڻ ۾ پيل نوٽن جا هار پوليس لاهي ورتا. اهي اٺ ڪارڪن گرفتاريون ڏيڻ آيا تہ ماٺهن کين هار پارايا پر پوليس وارن هار کسي گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اهڙا واقعا ڪافي هنڌن تي ٿيا آهن. پاڪستاني پوليس انهن ماٺهن کي گرفتار نٿي ڪري جن جون ڇڪتاڻون خالي آهن يا صرف گلن جا هار پاتل آهن. باقي نوٽن جي هار پاتل کي زوري پڌي کٽي ٿا وڃن. ڇڪتاڻ منجهان نوٽ لاهي پوءِ لاڪپ ٿا ڪن يا موٽائي ٿا موڪلين.

سکرنڊ ۾ امداد علي، غلام حسين جانوري، شڪور چنو، نور محمد، قربان، روشن ۽ عبدالرحمان حڪومت خلاف نعرا هٽندي گرفتاري ڏني. ٻين هنڌن کان بخش لغاري، روشن جهتيال، خادم رند، نياز علي لغاري، محمد يوسف ڏيرو، احمد خاصخيلي ۽ غلام حسين ڪوري ۽ گرفتاري ڏني، جڏهن تہ سجاول مان عبدالقادر پان، سليم ميمڻ، وهاب ميمڻ، صمد ميمڻ، آفتاب پان، بابو شاهہ ۽ شفيع شاهہ ڪاربون پٽيون پڌي احتجاج ڪندي گرفتاريءَ لاءِ پيش ٿيا.. ڪڙيو گهنور ۾ جلوس، ٽري ميرواهہ جي پرسان مينگهو فقير شر ۾ شهيدن جي غائبانہ جنازي نماز.

4 سيپٽمبر حيدرآباد ۾ صبح جو روپ محل وٽان هڪ جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ڪانپوءِ اسماعيل ڪنيرو، امير بخش نظاماڻي، الله بخش، جبار علي مراد ۽ رسول بخش گرفتاريون ڏنيون. وڪيلن احتجاج طور بار تي ڪارو جهنڊو چاڙهيو. نيو سعيد آباد ۾ پرائمري ۽ هاءِ اسڪولن جي شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري جلوس ڪڍيو. پلي ڏنو ڪاڪا هاءِ اسڪول جا شاگرد ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري نيو سعيدآباد پهتا، جتي جلوس جي صورت اختيار ڪري مارشل لا مرده باد، ضيا هاءِ هاءِ، ۽ بنيادي حق ڏيو جا نعرا هٽندي نيشنل هاءِ وي تي ڏرٽو هٽي ويهي رهيا، جنهن ڪري روڊ بلاڪ ٿي ويو.

هالن ۾ دستور مطابق هزارين ماٺهن ٽولن جي صورت ۾ حڪومت خلاف نعرا هٽندي مارڪيٽ چوڪ وٽ گڏ ٿيا، جتي بهادر ميرجت، ميهار ۽ حسين راجڙ پاڻمرادو گرفتاري ڏني.

ڪپرو ۾ چئن ڇٽن الهہ ڏنو هنگورجو ارباب، غلام حسين ۽ سوپودرس گرفتاري ڏني. پر پوليس گرفتاري ڏيندڙن کي هتان پري ڪنهن هنڌ ڇڏي ايندي آهي.

سکرنڊ ۾ محراب پور روڊ تي ڳوٺ حاجي ڪيريو مان هڪ جلوس آيو جنهن مان رجب علي چانڊيو ۽ بخش ڪهلو گرفتاري ڏني. ڪهڙا ۾ شاگردن ۽ ٻين ماڻهن گڏجي جلوس ڪڍيو فوجي حڪومت خلاف نعرا ، تقريرون ڪيون ۽ بعد ۾ ٽن ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون.

دادوءَ جي سمري ملٽري ڪورٽ امير بخش جوٽيجي کي پنج لک روپيا ڏنڊ ۽ هڪ سال قيد جي سزا ٻڌائي. ساڳي ڪورٽ ستن ٻين ماڻهن کي به جيل ۽ ڏنڪن جي سزا ٻڌائي. انهن تي الزام هو ته هنن خيرپور ناٿن شاهه ۾ حڪومت خلاف نعرا هٽي گرفتاريون ڏنيون هيون. انهيءَ سلسلي ۾ سکر جي ملٽري ڪورٽ نمبر 10 مريد حسين ڪلهوڙي ۽ ممتاز عرف موٽرو ڪلهوڙي کي غير قانوني سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ڪري سزائون ڏنيون.

ٽنڊي آدم ۾ جزوي هڙتال رهي. رحيم ڏيري، دائود ڏيري، رمضان ۽ نعيم ڏيري ٽاٽي تي اچي گرفتاري پيش ڪئي.

خيرپور ناٿن شاهه ۾ ٻارنهن هزارن جو هڪ جلوس ڪڍيو ويو جيڪو مارشل لا مرده باد، فوجي جنتا نا، جا نعرا هٽي رهيو هو جو بس اسٽينڊ وٽ اچي ختم ٿيو. غلام مصطفيٰ، اڪبر، علي حسن، محمد عالم ڪوڙل، غلام شبير ۽ بدرالدين شيخ گرفتاريون پيش ڪيون. ميهڙ ۾ شهيدن جي غائبانه جنازي نماز پڙهڻ بعد هڪ جلوس ڪڍيو ويو. پوليس هڪ پيش امام حڪيم محمد موسيٰ سميت ٽن ماڻهن، عبدالغفور، شوڪت ۽ هڪ نامعلوم ماڻهوءَ کي گرفتار ڪيو.

ٽنڊي باگي ۾ دڪان هوٽلون سيل ڪيون ويون ۽ قذافي ريسٽورنٽ سميت ڪافي بازار جا دڪان بند رهيا. پٽ شاهه تي ايندڙ پانڊيڙن تي تشدد ڪيو ويو ۽ پڙ فحش گاريون ڏنيون ۽ ٽاٽي تي ويهاريو ويو. زائرين جي پيل سامان کي ۽ ٽانون کي ٽڏا هٽي افراتفري پکيڙي وئي.

سنڌ جي فوجي گورنر عباسيءَ سرڪاري طور تي پڌرو ڪيو آهي، ته گذريل شام تائين سنڌ ۾ گرفتار ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هڪ هزار نو سئو نوانوي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. هن واضع ڪيو ته هيستائين هڪ سئو ٽيهتر ماڻهن کي سزائون ڏنيون ويون آهن. غير سرڪاري عوام جي جاني نقصان جي ڄاڻايل تعداد کي رد ڪندي چيائين ته، هيستائين رڳو اٺويهه ماڻهو مئا آهن، جن مان ٽي پوليس وارا آهن ۽ ڏٽيلن جو تعداد هڪ سئو چويهه آهي، جن مان ايڪٽيهه پوليس وارا ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسين جا ماڻهو آهن.

حيدرآباد ۾ قليلي ٽاٽي ويجهو هڪ جنازي جو جلوس وڃي رهيو هو جنهن کي صوبيدار چوڌري راجا بشارت ايم آر ڊي جو جلوس سمجهي مٿس لاٺي چارج شروع ڪئي. جنهن ۾ ڪافي ماڻهو زخمي ٿيا. گهوٽڪي پوليس نور محمد لنڊ ۽ سندس نوجوان پٽ نثار احمد لنڊ کي ملڪي حالت ۾ گڏ هڙ ۽ مارشل لا قانون جي پڇڪڙ سبب گرفتار ڪيو. اڄ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مڪمل هڙتال رهي. موري ۾ مظاهرين ۽ پوليس چڪرين ۾ چار پوليس وارا ۽ ست ڄڻا زخمي ٿيا. موري ۾ سمورو ڪاروبار بند رهيو. رستن تي شاگردن جلوس ڪڍي نعرا هنيا. عورتن جو هڪ جلوس نوان جتوئي کان جڏهن موري پهتو تہ پوليس ڳوڙها گئس ۽ لٺيون استعمال ڪيون. ان وچ ۾ مردن بہ عورتن جي جلوس ۾ شامل ٿي پوليس سان دوبدو مقابلو ڪيو جنهن ۾ موري جو ايڊيشن ايس ايڇ او چوڌري ملڪ بشير، جمعدار ابراهيم لاشاري، سپاهي انور ۽ روشن ڏڏي تي فوت ٿي ويا. ست سپاهي زخمي حالت ۾ سول اسپتال نوابشاهہ ۾ داخل ڪيا ويا آهن. ان کانسواءِ ايس پي نوابشاهہ جابر خٽڪ، ڊي ايس پي مورو ملڪ جاگيراڻي پڻ زخمي ٿيا آهن. پوليس جون گاڏيون مڇريل ماڻهن ساڙي تباهہ ڪري ڇڏيون. پبلڪ جا بہ ڪيترائي ماڻهو مئا ۽ آهن. موري پوليس ٽاٽي جا باقي عملدار ۽ سپاهي استعيفائون پيش ڪري رهيا آهن. ان خونريز جهڙپ ۾ 20 عوام جا ماڻهو شهيد ٿي ويا آهن ۽ عورتن سميت زخمين جو تعداد 103 آهي. نوابشاهہ سول اسپتال جا وارڊ خالي ڪرائي ايمبولينس گاڏين ذريعي زخمين کي نوابشاهہ پهچايو ويو.

5 سيپٽمبر تي مختلف شهرن ۾ مظاهرا ۽ گرفتاريون. حيدرآباد ۾ هڪ ننڍو جلوس ڪڍي گرفتاري ڏني ويئي، جن ۾ مٺل، رمضان، پنهل، آچرلغاريءَ تلڪ چاڙهيءَ تي نعرا هٺندي گرفتاري ڏني.

تلڪ چاڙهيءَ تي شاگرد گل بيگ چلگري ۽ ٻين پاڪستاني جهنڊو سرِ عام ساڙيو جنهن بعد کين گرفتار ڪيوويو. هوڏانهن مسلم ڪاليج جي در وٽان سنڌ جي مشهور قومي گيت ڳائيندڙ حاجي شيدي عرف هوشوءَ کي دهشت گردي ۽ گڙ ڙ ڦهلائڻ جي الزام ۾ مارڪيٽ پوليس گرفتار ڪري سخت تشدد ڪري جيل موڪليو. مهراڻ جي شاگرد جميل پٽي کي پڻ حڪومت خلاف نعرا هڻڻ جي ڏوهہ ۾ ٻڌو ويو. ميهڙ ۽ خيرپور ناٽن شاهہ ۾ هلندڙ جدوجهد ۾ صديق عباسي، ياسين ميراڻي، مختيار احمد، نذير عباسي، نثار مشوري ۽ ممتاز

چانڊئي گرفتاريون ڏنيون. خيرپور ۾ برسات جي باوجود جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ ماڻهن جي هٿن ۾ بينر تي حڪومت خلاف نعرا لکيل هئا. شهدادڪوٽ ۾ هلندڙ هلچل جي سلسلي ۾ هڪ ننڍي ڇوڪر مومن جمالي جنهن جي عمر 9 سال آهي، گرفتاري ڏني. بعد ۾ عطا دل، صديق ہاريڙ ۽ اسماعيل پتافي گرفتار ڪيا ويا. خيرپور ميرس ۾ سجو شهر هڙتال سبب بند رهيو. جن گرفتاري ڏني انهن ۾ لعل بخش منگي، قادر علي شر، عبدالرئوف، ٹري ميرواهه مان پنهل، صيفل چانڊيو اڪبر شر، ۽ رياضت علي لغاريءَ، حليم شر، الهوڏايو ۽ غلام مصطفيٰ شامل آهن.

ٹري ميرواهه ۾ هڪ احتجاجي جلوس نڪتو جنهن ۾ حبيب جوڳي ۽ نيڪ محمد جوڳيءَ گرفتاري ڏني. موري ۾ فوجي گاڏيون رستن تي ڊوڙي رهيون آهن. گذريل ڏينهن پوليس ۽ مظاهرو ڪندڙن جي وچ ۾ جهڙپ دوران پوليس کان ڦرجي ويل رائيفل ۽ مشين گن هٿ نه اچي سگهي. پوليس ۽ فوج سوين ماڻهن کي شڪي حالت ۾ گرفتار ڪري چڪي آهي. هالن ۾ هڪ زبردست جلوس ڪڍي گرفتاريون ڏنيون ويون.

خيرپور ميرس جي ملٹري ڪورٽ هلچل ۾ حصو وٺڻ جي ڏوهه ۾ امتياز ڦلپوٽو خدا بخش ۽ ٻين اٺن جڻن کي ڦٽڪن، ڏنڊ ۽ قيد جي سزا ڏني ويئي. بدين جي سمري ملٹري ڪورٽ اڪبر ناريجي ۽ حيدر بخش کي ڏنڊ، قيد ۽ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي. هنن تي غير قانوني جلوس ڪڍڻ جو الزام هيو.

سيد غلام مصطفيٰ شاهه جماعت اسلاميءَ جي ميان طفيل جي بيان جي مذمت ڪندي چيو آهي ته طفيل ۽ سندس ساٿي باهه تي ٽڏو چنبو هڻڻ بدران انتي تيل هاري رهيا آهن. سندڙ پنهنجن حقن ۽ انصاف لاءِ پڪاري رهي آهي، پر اهي ماڻهو سندن مذاق اڏائي رهيا آهن. سيد چتاءِ ڏنو آهي ته "پنجاب وارن کي سندڙ جي ماڻهن کي قربانين کي خسيس نه سڏڻ کپي" سندڙ جي آءِ جي دلشاد نجم الدين موري ۾ مارجي ويل پوليس جي ماڻهن کي ويهه ويهه هزار نقد انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ پبلڪ جي مري ويلن جي مالڪن جي گهرن تي ڇاپا ۽ گرفتاريون جاري رکيون.

6 سيپٽمبر تي حيدرآباد، دادو ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻين هنڌن تي احتجاج ۽ گرفتاريون. هالا، ٽنڊو جام، نئون آباد سڪرنڊ، نوشهروفيروز ۾ جلسا جلوس. پنجون درجو پڑهندڙ لائق مگسي، يامين، قبول جمعو اڪ خاصخيلي،

موسيٰ کتيار ۽ ٻن شاگردن امداد ۽ شاهد گاڏهيءَ گرفتاري ڏني. صيفل سنگراسي ۽ ميهار نئون آباد مان گرفتاري پيش ڪئي.

سکرنڊ ۾ مظاهرو ڪندڙ لطيف پارڪ تي پهتا. مارشل لا خلاف نعرا هڻندي هوت پٽو ۽ رسول بخش پاڻ کي گرفتار ڪرايو. ميهڙ ۾ ڏهن ڪارڪنن هرهڪ روشن علي، ممتاز علي شاهه، عبدالله چنو شاهنواز حسين بخش، عبدالقادر بروهي، علي اصغر ٻهر، شير سولنگي، دودي لغاري ۽ امداد لنڊ رضا ڪارائه طور گرفتاري ڏني ۽ جلوس منتشر ٿي ويو. شهر ۾ هر روز ٻه ڪلاڪ هڙتال هوندي آهي.

نوشهري فيروز ۾ علي بخش، شبير احمد مگرئي، علي مردان، مور مگرئي ۽ صادق گرفتاري پيش ڪئي.

مجلسِ شوريٰ جي ميمبر قاضي فضل الله جي ڪار تي خيرپور ناٿن شاهه ۾ لنيون هڻي ڪانئس حڪومت خلاف زوري نعرا هڻايا ويا. هو ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي وڃي رهيو هو.

6 سيپٽمبر صدر ايوب جي دور ۾ پارت سان جنگ لڳي. حرن ان ۾ پرپور حصو ورتو هو. حرن جي انهيءَ قوت جو پس منظر اڄ کان ڏيڍ سئو سال اڳ تائين پهچي ٿو. جڏهن انگريز سامراج سان جنگ جوٽيندي پير صاحب سيد صبغت الله شاهه پهريون پيرو حر تنظيم شروع ڪئي. ان کانپوءِ 1942ع ۾ جڏهن سڄي برصغير ۾ پهريون پيرو انگريز سنڌ ۾ مارشل لا لڳائي، پير صاحب جي قيادت ۾ حرن ۽ ٻين قوم پرست جوڌن همت سان انگريزن کي ٽوڙا چهائي بهترين ڪردار ادا ڪيو. سو سنڌ ۾ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هڪ شاندار تاريخي باب آهي. پر اڄڪلهه هاڻوڪي حرن لاءِ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته پاڪستاني فوج سان گڏجي، سنڌي ماڻهن کي ڪچلڻ ۽ هيسائڻ لاءِ سرگرم عمل آهن. شايد حرن کان اهڙا ڪم وٺي ڪري حڪومت سنڌ ۾ ڪيس هميشه لاءِ ڏٽو ڪرڻ ۽ سندس اثر گهٽائڻ ٿي چاهي. حرن کي هٿيار مليا آهن. اهي هينئر پنهنجا ذاتي پلاند ٻه پاڙي رهيا آهن ۽ فوج سان گڏجي ڪچي ۾ ڏاڙيلن جي ڳولا جي بهاني ڳوٺن جي جهڙتي دوران مسڪين ماڻهن جو قيمتي ساسامان کڻڻ کان نٿا لهرائين. تازو لاڙڪاڻي ۽ خيرپور ضلعي جي درياهه جي ڪنڊيءَ وارن ڳوٺن جهڙوڪ منو کهڙو ڳوٺ، عزت جي واندي، ٻلا آگاڻي، ڳوٺ چڪرو ڳوٺ سرگاڻي، ۽ ڪچي جا ٻيا ڪيترائي ڳوٺ شامل آهن، جتي ڪافي قيمتي

سامان کنيو ويو ۽ عورتون گرفتار ڪيون ويون. ماٹھن جا پاليل ڇيلا ڪهي ڪاڏائون.

7 ۽ 8 سيپٽمبر، تي سنڌ ۾ جلوس ۽ گرفتاريون جاري رهيون. حيدرآباد ۾ پهريون پيرو جدا جدا هنڌن تان ٻه جلوس نڪتا. جهنڊو ساڙي مارشل لا خلاف نعرا هنيا ويا. پوليس هوائي فائرنگ، ڳوڑها گئس ۽ لٺيون استعمال ڪري راهه ويندڙ کي ٻه ڦٽي وڏو. تلڪ چاڑهيءَ واري اسڪول جا ٻه ننڍڙا شاگرد بيهوش ٿي ويا. سول اسپتال ۾ جلسو ٿيو جنهن بعد ايڪسائيز پوليس جي سب انسپيڪٽر اشفاق صديقي، هڪ استاد صالح محمد ڪاتيار گرفتاري ڏني ۽ پڻ نوڪرين تان استعيفائون ڏنائون. سري گهاٽ جا دڪان خوف سبب بند ٿي ويا. هڪ سٺ سالن جي مولوي خير محمد ڪاڪا، مير لياقت، ايوب، ممتاز پورل شاهه، اصغر ۽ انيس ميمڻ گرفتاريون ڏنيون. ٽنڊو ولي محمد پاڙي جي هڪ نابين دوست محمد لغاري ۽ حيدر بخش پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو. پٽ شاهه ۾ بلدياتي ڪائونسلرن استعيفائون ڏنيون ۽ هالن ۾ گرفتاريون پيش ڪيون ويون. ٽنڊو آدم ۾ رمضان ورياهه، علي ڏني چاڪراڻيءَ، ڏٽي بخش چاڪراڻيءَ گرفتاري ڏني. قاضي احمد ۾ غلام حيدر جوڪئي گرفتاري ڏني. جهڏي جي پرسان ٽنڊو جان محمد ۾ مارڪيٽ چوڪ تي منصور ٽالپر، غلام رسول مغيريءَ گرفتاري ڏني. جڏهن ته جهڏي جو مشهور صحافي مجرم لغاري ۽ علي حسن چانڊيو ڪجهه اڳ هڪ اجتماع جو بندوبست ڪرڻ جي الزام ۾ ڏنڪا ۽ فوجي سزا پوڳڙ لاءِ جيل موڪليا ويا آهن.

ڪنڊياري ۾ محرم علي ناگراڻ، شير محمد ۽ گل بهار مٽئي، سهراب راڄپر، الهداد رند، چتل راڄپر ۽ ايوب راڄپر گرفتاري پيش ڪئي. ڪپري ۾ محمد حيات ، عبي نواز هنگورجو، محمد خان مري، حاجي خير محمد، هيمراج مالهي، رشيد هنگورجي، شڪور، عرس، وارث ۽ عبدالحئي ميربحر پاڻ کي گرفتار ڪرايو. سيتا روڊ ۾ هلچل جي سلسلي ۾ منجهند جو هڙتال رهي ۽ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. جيڪي هٽن ۾ بينر کنيون مارشل لا خلاف نعرا هڻي رهيا هئا. جلوس وائرليس جي سامهون چار سئو فوٽ ڊگهي تاور تي ڪارو جهنڊو چاڑهيو. سلطان احمد لغاري ۽ عبدالمجيد سيال گرفتار ڪيا ويا. جڏهن ته دائودَ حاجي ظفر لغاري کي اڃيئي گرفتار ڪيو ويو آهي. يان پرسان ريل جي پٽڑي اکيڙي ويئي. نوان جتوئي ڳوٺ کي گهيرو ڪري غلام مرتضيٰ جتوئي کي

گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس ڪوشش ڪري رهي آهي. هلچل ۾ مرتضيٰ جتوئي پوليس سان چڪريون ڪاتيون هيون. هالن ۾ جلوس بعد ڪرم نظاماڻي، نبي بخش، الهورايو ۽ محمد شريف لاهوتي گرفتاري ڏني. تحريڪ ۾ هينئر تائين 65 ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن.

حيدرآباد ۾ پهريون پيرو عورتون گرفتار: اڄ ريشم گهٽيءَ جي پڪا پير چاڙهيءَ تان سنڌي عورتن هڪ جلوس ڪڍيو جيڪي مارشل لا هٽائڻ ۽ سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جا نعرا هڻي رهيون هيون. عورتن جي ان جلوس گاڏي ڪاتي جي چوڪ تي آمد رفت بند ڪرائي ڇڏي، هنن چيو تہ اسان بہ مردن سان هر سزا ۾ حصيدار آهيون. بعد ۾ غلام فاطمہ پليجو ۽ ام ڪلثوم ڪيڙانو گرفتاري پيش ڪئي. سياسي قيدين جيلن ۾ بک هڙتال شروع ڪئي. کين سهولتون ناهن ۽ پڙ اڏنگي رويئي خلاف احتجاجي طور جيل جو ڀتو واپس ڪيو اٿن. جنرل ضياءَ اڄ کان سنڌ جي دوري تي روانو. لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان چوڪ تي بم جو ڌماڪو ماڻهن ۾ حراس پکڙجي ويو.

روزانہ سنڌي اخبار "نجات" سکر جو ايڊيٽر مخدوم رفيق کهڙن مان گرفتار.

9 سيپٽمبر تي سنڌ جي ڪافي شهرن ۾ مردن ۽ عورتن جون گرفتاريون.

حيدرآباد، ٽنڊو آدم، ميهڙ، نوشهروفيروز هالا، سکرنڊ سميت هين شهرن ۾ جلوس ۽ گرفتاريون.

گمبٽ مان نڪرندڙ هفتيوار "آزادي" جي ايڊيٽر علي گل وندير گرفتاريءَ بعد جيل ۾ بيمار ٿي پيو. نوان جتوئيءَ تي گهيري خلاف موري ۾ هڙتال.

ٽنڊي جام ۾ منٺار خاصخيلي وهانو جي رات گهوٽ جي حيثيت ۾ گرفتاري ڏني.

سکر ۾ اڄ بٿراج روڊ تي عوامي هوٽل لڳ هڪ هزار ماڻهن جو جلوس نڪتو جنهن جنرل ضياءَ جو فوجي وردي پاتل هڪ پتلو ساڙيو. شڪارپور ۾ پڙ گرفتاريون ڏنيون ويون. موسيٰ ڪٽيار ۾ جلوس بعد گرفتاري ڏني ويئي. قاضي احمد ۽ سکرنڊ ۾ جلوس ۽ گرفتاريون پيش ڪيون ويون. گولاڙچي جي هڪ مسڪين سنڌي ڳوٺاڻي مولا بخش شاهاڻي ويٽل چڪ 3 کي هڪ سيٺ روزگار ڏيارڻ جي بهاني ڪراچي آڻي ڪيس هڪ بينر هٿ ۾ جهلڻ لاءِ ڏئي پاڻ سگريٽ وٺڻ جي بهاني کسڪي ويو. ايتري ۾ ماڻهو بينر پڙهندا گڏ ٿيندا ويا تہ

پوليس بہ ٽڪاءَ اچي ڪيو. جا ڪيس گرفتار ڪري هلي ويئي. حيدرآباد ۾ هن سنڌي عورتن مريم، ۽ شبانہ گرفتاريون ڏنيون. هالا ۾ دين محمد ملاڻي، جوان ملاڻي ۽ منٺار پاڻ کي پوليس حوالي ڪيو. خيرپور ناٿن شاهہ ۾ بخشل نائچ، رجب، چيڙ، محمد حسن ۽ غلام حسين لغاريءَ پُر امن گرفتاريون ڏنيون.

ٽنڊو الهيار مان جن گرفتاريون ڏنيون، تن ۾ ڏنل شاهہ رضوي، عبدالقادر بچاڻي، ڏٽي بخش، پريل جروار، علي حسن قريشي، مصطفيٰ بهراڻي، عبدالجبار عرف پپو پاٽولي، عثمان جروار، غلام رسول جلالاڻي، اڪبر ۽ منو لنڊ شامل آهن.

10 سيپٽمبر تي حيدرآباد، سڪرنڊ، ٽنڊي آدم، ميهڙ ۽ ٻين هنڌن تي جلسا ۽ گرفتاريون ٿيون. جن گرفتاريون ڏنيون انهن ۾ امير بخش ڏهيي، دين محمد ڏهيي، نياز حسين کوسي، عرض محمد ڳورڙ اڪبر چانڊيو محمد حسن چانڊيو، الهورايو چاڪراڻي، اعجاز گاڏهي، صاحب خان سپيو، بشير نظاماڻي ، ٽنڊو محمد خان جو موسيٰ پيرزادو، احمد سومرو شامل آهن. ميرپور خاص ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. عمرڪوٽ ۾ ڪافي ڏينهن کان جلوس نڪرندا رهيا. هالڍوتا، راڄڙ ۽ مالهي سرگرم رهيا. بينڪن تي پٽراڻ ڪيو ويو. صالح پنيرو اسٽيشن جي پرسان ريل جون پٽڑيون اکيڑيون ويون. جيمس آباد ۾ بہ جلوس نڪتو.

11 سيپٽمبر تي حيدرآباد، هالا، ميهڙ، ڪپري، سکر، دادو، راڻيپور موسيٰ ڪٽياڻ" سڪرنڊ، ٽنڊو محمد خان، ڊگهڙي، نوشهروفيروز پيلار، پڪاچانگ ۾ مظاهرا ۽ گرفتاريون. جلوس دوران غير ملڪي صحافي جنهن ۾ جيمس هنٽن، ايون هارس ۽ لنڊن آبزرور جو ٽامس موجود هئا، جن تصويرون ڪڍيون ۽ رپورٽنگ ڪئي. لياقت جتوئي مجلس شورا جي عهدي تان استعيفا ڏني. مختلف شهرن مان جن گرفتاريون ڏنيون، انهن ۾ محمد پان، ارباب، خميسو پان، حيدر جتوئي، جمن، صيفل جتوئي، شيرل جتوئي نور محمد جوٽيجو گل محمد جوٽيجو لال بشير مگسي، اصغر جروار، حمير شر، رستم شر، اسلم لنجواڻي، نثار جانوري، هاشم پٽي ۽ مولودي امين جسڪاڻي شامل آهن. ٽاڻي فيض گنج جي هڪ سپهي ديدار علي لاشاري بيلٽ نمبر 248 سنڌ ۾ ٽيندڙ ظلم خلاف احتجاج طور استعيفا ڏني. اڄ دادوءِ ۾ هلندڙ هلچل جي سلسلي ۾ هڪ لک ماڻهن تي مشتمل احتجاجي جلوس ڪڍيو ويو جيڪو شهر جي مختلف هنڌن

تان ٿيندو نيو چوڪ وٽ گڏ ٿيو. بعد ۾ عورتن طرفان هڪ زبردست جلوس ڪڍيو ويو جنهن جي اڳواڻي هڪ بهادر شاگرد ياڻي رشيده پنهور ڪري رهي هئي. اهو مردن جي جلوس سان گڏجي ايس پي جي آفيس ڏانهن وڌڻ لڳو. پوليس جلوس تي لٺين وسايون ۽ ڳوڙها گئس استعمال ڪئي. مچريل ماٺهن روڊ بلاڪ ڪري. رستي تي سمهي پيا ۽ رستي جي ڪيترن هنڌن تي پٿر وجهي ٽريفڪ بند ڪري ڇڏڻ ڏياٿون. جلوس وارن مارشل لا هٽايو ظلم بند ڪيو سياسي قيدي آزاد ڪيو لٺ ۽ گولي جي سرڪار نه هلندي. جمهوري حق ڏيو. فوجي سرحدن تي وڃو جا نعرا هٺي رهيا هئا. مظاهرين ۽ پوليس جي جهڙپن ۾ ڪافي ماڻهو زخمي ٿيا. سمورو ڪاروبار بند رهيو. آسمان ڏانهن جهنڊن سان ٽوڪڻا ڇڏيا ويا. جيڪي جنرل ضيا جي هوائي جهاز سان وڄي ٽڪرايا. جنرل ضياءَ سنڌ جي دوري جي سلسلي ۾ اڄ دادوءَ ۾ اچي رهيو آهي. جلوس مارڪيٽ روڊ تي لٺ بردار جي حيثيت اختيار ڪئي. جيڪو مارچ ڪندو ٽاٽي تائين ويو. جيل جي قيدين اندران نعرا هنيا. جن تي پوليس هوائي فائرنگ ڪئي. روڊ تي ڊڙڻو هٽي احتجاج ڪندڙ ماڻهن تي فوجي ٽرڪون تيز رفتاريءَ سان هلايون ويون ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا. جلوس ان جاءِ کي گهيري ۾ ونڊ جي ڪوشش ڪئي. جتي جنرل ضياءَ ڪائونسلرن کي خطاب ڪري رهيو هو. پوليس ۽ فوج جي ڪنٽرول مان نڪري جنرل ضياءَ جي ڪار تي ماٺهن پٿراءُ ڪيو. جنهن ڪري ڪار جو پويون شيشو ٽٽي پيو. مچريل ماٺهن ٻنهي هٿن سان ڪيس بجا ڏنا ۽ اوگهڙ ڏيکاري. شهر جو هٿيارن سان ڀريل دوڪان لٽيو ويو. جيل مان 110 قيدي فرار ٿي ويا. سڄي شهر ۾ افراتفري مچي وئي. دادوءَ جي ايس پيءَ کي ماٺهن تي ڪنٽرول نه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ چمات هنئي ته موت ۾ ڪيس آغا خادم حسين ايس پي به ٺڪاءُ ڪيرائي. چمات جلوس تي تيز گاڏيون هلايون ويون. فوج جي فائرنگ سان جوهيءَ جوايس ايچ او گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو. جنرل ضياءَ چرڪيل هو. جو دورو مختصر ڪري واپس ٿيو. دادوءَ جي ڪتن تي جنرلن جا نالا لکي شهر موڪليا ويا. جن کي انتظاميه زوريءَ پڪڙي صابڻ سان وهنجاري صاف ڪيو. سنڌ جو مشهور آرٽسٽ رشيد چارڻ ۽ حاجن مظهر ميمڻ سميت ڪافي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا. "پاڻمرادو گرفتاريون ڏيندڙن کي چڱيءَ طرح جيل جو مزو چکائبو. اڳتي ڪنهن سان به نرمي نه ڪئي ويندي. جنرل ضيا جي پريس ڪانفرنس." هن

چيو تہ سنڌ جي صورتحال اطمينان جوڳي ۽ مڪمل ضابطي هيٺ آهي. سنڌ ۾ ڪابہ بيچيني ۽ احساس محرومي ڪانهي. سنڌين جي بيگناهہ قتل تي نيو سعيدآباد ۾ پير حامد شاهہ راشدي، راشديہ ريسٽ هائوس تي احتجاج طور تي سيد امداد محمد شاهہ جي هٿان ڪار جهنڊو چاڙهائيندو.

12 ۽ 13 تي سيپٽمبر هلچل کي اڄ ٽيهون ڏينهن آهي. جلسن، مظاهرن ۽ گرفتارين جي بازار گرم آهي. خيرپور ناٿن شاهہ ۾ فوج جي فائرنگ سبب ست ماڻهو شهيد ٿي ويا. هٿين خالي مظاهرو ڪندڙن تي فوج جي انڌاڌنڌ فائرنگ اڄ صبح ٻ بسون ماڻهن سان ٻريل حڪومت خلاف نعرا هڻندي خيرپور ناٿن شاهہ پهتايون جتي فوج کين روڪيو ۽ بسن کي قبضي ۾ ورتو. مظاهرو ڪندڙن فوج کان گرفتار ماڻهو ڇڏائڻ ۽ بسن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيا. ڪافي فوجي گهيرو ڪري ويا. جن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو انهن مان انور سولنگيءَ کي تمام گهٽو ماريو ويو جنهن تي ماڻهن کي وڌيڪ ڪاوڙ آئي. هٿين خالي مظاهرين فوجين کي وڃي هٿيارن مان ورتو ۽ مورچن کي سوڙهو پيا. فيڊرل ڪاسترو جو قول سچ ثابت ٿيندو محسوس ٿيو تہ جڏهن مظلوم ماڻهو تنگ ٿي مڇرجي پوند آهن. تڏهن دشمن جي ٽئنڪن کي هٿن سان اڇلائي اونڌو ڪندا آهن ۽ جهازن کي پٽرن سان چٽيندا آهن. مظاهرين کي ايتري دليريءَ سان هٿين خالي گهيرو ڪندو ڏسي، فوجين هڪ چال کيڏي اها اها تہ ماڻهن کي پوئتي هٽڻ لاءِ چيو ۽ يقين ڏياريو تہ سندن گرفتار ڪيل ماڻهو آزاد ڪيا وڃن ٿا. جئين ئي مڇريل ماڻهو پوئتي هٽيا، ان وچ ۾ مشين گنن جون گوليون سندن سينا پروڻ ڪري هليون ويون. ست ماڻهو ٽڏي تي شهيد ۽ ٻيا ڪيترائي سخت زخمي ٿيا. شهيدن ۾ استاد عبدالغني ابڙو وبئل پيارو ڳوٺ، نظام الدين نائچ، ديدار علي ڪوڪر، غلام نبي ڪوسو حبيب الله لغاري، عزيز لاکير ۽ شاهنواز ڪوسو شامل آهن. ان کان پوءِ فورن ڪرفيو هنيو ويو جيڪو هارنهن ڪلاڪ جاري رهيو. اِن ڪرفيو دوران رات جي پيٽ ۾ ڪيترائي لاش پالن ۾ وجهي جوهي ڪنال ۾ لوڙهيا ويا. جيڪي بعد ۾ ڪنال جي پچڑيءَ مان لڌا ويا. عجيب قسم جو ڪرفيو هو. شهر جي پنجابين کي گهمڻ جي آزادي هئي، پر سنڌين لاءِ گهر مان نڪرڻ ئي گولي هڻڻ جو آرڊر هو. گرفتار ماڻهن کي وٽن سان هڏي تشدد ڪيو ويو. ڊاڪٽرن کي ويجهو اچڻ ئي نہ ڏنو ويو. ٽري مير واهہ جا ٻہ جڳا اسڪوٽر تي پٽي ويا ۽ اُهي ٻہ گولين جو شڪار ٿيا. هڪ

غريب بيرو به نشانو ٿيو. پهراڙيءَ جي هڪ عورت زمين ۾ گاهه ڪري رهي هئي، اها به گوليءَ جو بک بڻي. محرم لانڊر جيڪو ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ آهي، تنهن کي ٽنگ گوڏي کان ڪٽرائڻي پيئي. هيو ميربحر پڙ مفلوج ٿي ويو. خيرپور جي فون ڪٽي ويئي ۽ شهر جو انتظام فوج سنڀاليو. خيرپور ۽ سيتا شهر بند. گهرن تي ڪارا جهنڊا. حيدرآباد بار جي وڪيلن چيو ته گرفتار ٿيلن تي پٽسا وڌڻ جو الزام غلط آهي. يوسف ٽالپر گرفتار. ڪتاب، قلم ۽ صحافت تي بندش نه وڌي وڃي. سنڌي صحافين جو مطالبو هانڊيءَ ۾ جلوس ڪيڏو ويو ۽ گرفتاريون ڏنيون ويون.

14 سيپٽمبر تي ڪيترن شهرن ۾ جلوس ۽ گرفتاريون ڏنيون ويون. سانگهڙ جي فوجي عدالت شهدادپور ۾ جلوس ڪيڻ جي ڏوهه ۾ 27 ماڻهن کي قيد، ڪوڙن ۽ ڏنڊ جون سزائون ٻڌايون. هالن ۾ هجوم تي فائرنگ، ست ماڻهو زخمي. بينڪ ۽ ريلوي اسٽيشن تباهه ڪئي ويئي ۽ گاڏيون ساڙيون ويون. ٽيليفون لائين ڪاٽي ويئي. جلوس تي هوڙي پوليس ۽ فوج فائرنگ ڪئي. بئنڪ جي گارڊ کان بندوق کسي وئي، ۽ به ماڻهو جيڪي سخت زخمي ٿيا، سي مري ويا. ريل جي پٽڑين کي ساڙيو ويو ۽ بلدوزرن کي باهه ڏني ويئي. اٽڪل چاليهه هزار ماڻهن جلوس ڪڍي، رستن تي مارچ ڪيو. تقريرون ۽ نعرن هٽڻ کانپوءِ، مير حسن عمراڻي، قادر سهڪائي، شاهه ڏنو ڳاهو ۽ غلام محمد هنگوري گرفتاريون پيش ڪيون. جلوس جڏهن ريلوي اسٽيشن پرسان گذريو ته فرنٽيئر ڪانسٽيبلر جي مسلح سپاهين مٿان فائرنگ ڪئي، جنهن ڪري ڇهه ڇٽا زخمي ٿيا، جن مان ٽن جي حالت نازڪ آ. فائرنگ ۾ مري ويلن تي پوليس پاڻ سان ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن کڻي وئي. ٽن ٽيلرن کي باهه ڏني ويئي. مڇريل هجوم 8 ڪلاڪ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو.

عالمي صورتحال. روس ڪوريا بابت مغربي ملڪن جي ٺهراءَ کي ويٽو ڪري ڇڏيو. لبنان ۾ جنگبندي جي ڪوشش، سلامتي ڪائونسل ۾ صلاحون شروع. پير پاڳاري بيان ۾ چيو ته موجوده هلچل "سنڌوديش" جي تحريڪ ناهي، اها تحريڪ سنڌ جا وڏيرا پير هلائي رهيا آهن، جن پي پي جي دور ۾ ڪروڙين روپيا ڪمايا هئا. سنڌوديش" جي باني محترم جي ايم سيد پنهنجي پارٽيءَ وارن کي هدايت ڪئي آهي ته هو ان تحريڪ ۾ حصو نه وٺن، چو ته اها تحريڪ پاڪستان بچايو ۽ آئين جي بحاليءَ لاءِ هلائي پيئي وڃي، جنهن مان

سنڌين کي ڪوبہ فائدو پهچڻو ناهي. پير صاحب بيان ۾ وڌيڪ چيو تہ پنجاب وارا ايجان هن تحريڪ کي سنڌودين جي تحريڪ نٿا سمجهن. هن يقين سان واضع ڪيو تہ سنڌو ديش جي تحريڪ تڏهن سمجهڻ کپي جڏهن سنڌ ۾ آباد ٽيل پنجابين جون پريل ريل گاڏيون پنجاب پهچڻ شروع ڪنديون. اڄ سنڌ جي مختلف شهرن سيوهڻ، ٽنڈو آدم، خيرپور، گلاب لغاري، جيڪب آباد، محراپور، سکر، ٽري ميرواهہ، پاڻ سميدآباد، ڊگهڙي، بدين، ٽنڊو باگو ۽ ڪنڊيارو ۾ احتجاج ۽ مظاهرا ٿيا ۽ گرفتاريون پيش ڪيون ويون. ٽري ميرواهہ ۾ سئو ڊگي گاڏين جو جلوس. انهن ۾ ساوڻ ۽ جمن مگٽهار ۽ اڪبر بوزدار بہ شامل آهن. خيرپور ميرس ۾ ڪجهہ وقت اڳ ٽن شاگردن سليمان شيخ، عارف جلباڻي ۽ محب شاهہ کي سزا ڏني ويئي. جيڪب آباد ۾ عبدالستار ۽ غلام مصطفيٰ گرفتاري ڏني. پتين تي پوسٽر هنيا ويا، جن ۾ فوج تي لعنت ۽ پوليس شرم ڪريو جا نعرا لکيل هئا. سيوهڻ ۾ اقبال ڪنڊياري علي اصغر ڪوريجي، مصطفيٰ ميراڻي، رزاق ميمڻ، نواز سولنگي ۽ محمد علي ڏيڻي پاٽمرادو گرفتاري ڏني. ٽنڊي آدم ۾ سوني ورياهہ فاروق ۽ هارون هرڙي گرفتاري ڏني. خيرپور ميرس ۾ هڙتال رهي. سنڌ يونيورسٽي کان نيشنل هاءِ وي تائين پهچي روڊ بلاڪ ڪيو ويو. سپريئر سائنس ڪاليج جي شاگردن پڻ جلوس ڪڍيو. روڊ تي پهچي ٽائر ساڙيا ۽ روڊ بلاڪ ڪيو. حيدرآباد ۾ عورتن جلسو ڪڍيو. جنهن کانپوءِ ڇهن شاگردياڻين نذيران، حسينہ راهو ۽ ٻين گرفتاري ڏني. ٽنڊي الهيار مان ستين ڪلاس جي شاگرد ياڻي صاحبزادي ميرجت، مارئي، شاهدہ ۽ فاطمہ گرفتاريون پيش ڪيون. موري ۾ ضياءُ الدين وسطڙي ۽ مظهر وسطڙي جلوس بعد گرفتاري ڏني. تلهار مان حاجي عبدالغني ميمڻ، محمد خان احمداڻي ۽ اظهر کي گرفتار ڪيو ويو. ماتليءَ ۾ عبدالرحيم، جبار، يار محمد ۽ ڪمال لغاريءَ گرفتاري ڏني. پهريان هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو هو. مظاهرين حيدرآباد کان ايندڙ ٽيلر کي باهہ ڏيئي ساڙي چڏيو جڏهن تہ ٻئي ٽئنڪر جي ڊرائيور ٽينڪر ۾ پيل قرآن کڻي جان ڇڏائي. دادوءَ ۾ بہ جو ڏماڪو ٿيو. شهر ۾ خوف ۽ هراس چانئجي ويو. پوليس هڪ رستي ويندڙ کي پڪڑي ورتو. استيشن اڏيرو لعل تي هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو ۽ حڪومت خلاف نعرا هنيا ويا.

15 سيپٽمبر تي سنڌ جي مختلف هنڌن ۽ شهرن ۾ جلوس، مظاهرا ۽

گرفتاريون جاري رهيون. خيرپور جيل ۾ قيدين جي بک هڙتال شهر ۾ پنج گولہ وٺ جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا. مڪاني ادارن تان استعيفائون ڏيڻ جو سلسلو جاري رهيو. سڪرنڊ، هالا، حيدرآباد، لاڙڪاڻو پنوعاقل، ٽنڈو الهيار، ڪپرو، سيوهڻ، بدين، پٽورو، ڀان سعيد آباد ۽ دادوءَ ۾ جن گرفتاريون ڏنيون، تن ۾ ياسين، محرم پنهيرو، شريف، علي محمد ، غلام حسين چانڊئي، شير خان لنڊ، شمس الدين سهتو، حنيف مڪراني، غلام قادر ڪنيئر، محمد خان خاصخيلي، عالم ڪانگڑي، عبدالمجيد سيال، سڪندر سولنگي، عاشق لاکير، معشوق جانوري، ميوو خان جانوري، منظور ميمڻ، علي احمد پلي پوٽو، رستم، ميرل جانوري، قربان چنڙ، غلام قادر، سليمان چنڙ، سليمان مگرئي، سائين بخش سهتي، گلشن ڪليري، ولايت حسين نوناري، فقير محمد ويسر، پنهل، ناگور، اڪبر سهتو، بچايو شڪاري، فضل سميجي، محمد قاسم، علي محمد شهاڻي ۽ رجب چانڊئي گرفتاريون ڏنيون. ڪيسانہ موريءَ تي جلوس ڪڍيو ويو. پنجن ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون. نصرپور لڳ بروهي موريءَ تي جلوس ڪڍيو ويو. عارب گهراڻو، اشرف پٽي، بخشل ميربحر، ميرمحد، شفيع بروهي، بچل تالپر، احمد بروهي (جيڪو نابين آهي) غلام مهي الدين شاهہ ۽ الهہ ڏني ميربحر گرفتاري ڏني.

16 سيپٽمبر تي حيدرآباد ۾ جامشوري ۾ ڊاڪٽرن جي هڙتال مطالبا مجرائڻ لاءِ مظاهرا. سنڌ ۾ سادا چار هزار ڊاڪٽر بيروزگار آهن. پاڪستاني حڪومت سنڌ جي ٽن قبيلن جمالين، جتوئين ۽ کوسن کي بي هٿيار بنائڻ لاءِ چيو آهي تہ اهي حد جي ٽاڪي تي پنهنجا هٿيار جمع ڪرائين، پر ڪنهن بہ ذات حڪومت جو حڪم نہ مڃيو. سمري ملٽري ڪورٽ نمبر 20 حيدرآباد چئن ڇٽن کي قيد، ڪوڙن ۽ ڏنڊ جي سزا ڏني. انهن 13 سيپٽمبر تي بدين ۾ مارشل لا ۽ ملڪي سالميت خلاف نعرا هنيا ها. بدين جيل ۾ قيدين جي بک هڙتال سنڌي اخبارن جا اشتهار بند ڪيا ويا. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ معمول مطابق اڄ بہ مظاهرا، گرفتاريون. سڪرنڊ، هالا، خيرپور ميرس، دنبالو حيدرآباد قابل ذڪر آهن. جن گرفتاريون ڏنيون انهن ۾ جمن لانگاهہ، غلام رسول راهو، قاضي دوست محمد، محمد حسن شامل آهن. پنج گولہ چوڪ تي جلوس وارن مارشل لا ۽ سنڌي وزيرن خلاف نعرا هنيا. جن چيو تہ سنڌي قوم سورن ۽ گولين ۾ مري رهيا آهن ۽ سنڌي وزير بي ضميريءَ جو مظاهرو ڪندي.

موجون ماٽي مارشل لا جو ساٿ ڏيئي رهيا آهن. سوپو خان مگسي ڳوٺ ۾ هڪ احتجاجي جلسو ٿيو. ٽرڙي محبت پوليس ايوب بروهي، برڪت پنڊ، محبوب جانوري، ۽ هڪ سميجي سميت هڪ سئو پنجويهه ماڻهن خلاف جلوس ڪيڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪوٽڙيءَ ۾ جيئي سنڌ جي لطيف گل ۽ نظير ملاح خلاف هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هنن تي الزام آهي ته هنن حڪومت خلاف پمفليٽ ڇاپائي ورهايا آهن. استادن کي تحفظ ڏنو وڃي. گرفتار استاد آزاد ڪريو. سنڌ ۾ استاد تنظيمن جي اڳواڻن لياقت عزيز، عبدالرحيم جتوئي ۽ قادر بخش طالباڻيءَ جو بيان. هنن چيو ته هڪ استاد الهڏنو مشوريءَ کي راهه ويندي پوليس نوشهريفيروز ۾ گولي جو نشانو بنايو جيڪو هڪ وحشيانه قدم آهي.

17 سيپٽمبر تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاج ۽ گرفاريون ڪراچيءَ ۾ پوليس ۽ مظاهرين ۾ لياري علاقي ۾ چڪريون ٿيون. امداد حسين شاهه گرفتاري ڏني. بدين ۾ مصطفيٰ ٽيهو، علي بخش تالپر، عثمان ڪريم بخش نوتيار کي مارشل لا تحت گرفتار ڪيو ويو. سڪرنڊ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ويو. بعد ۾ شفيع محمد ۽ محمد علي زرداريءَ گرفتاري ڏني. هلچل جي حمايت ۾ چيئرمين ۽ هزارين ڪائونسلرن استعيفائون ڏنيون. اهي استعيفائون سنڌ ۾ ٽيل ظلم خلاف احتجاج طور ڏنيون ويون. شهيد ن جي ياد ۾ عيد نه ملهائي وڃي. سياسي پارٽين جي اپيل. راڊڻ اسٽيشن ۾ احتجاجي جلوس دوران ڊي ايس پي دودو رند مظاهرو ڪندڙن هٿان زخمي. شهر ۾ ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويا. بيروزگاري کان تنگ اڇي هڪ نوجوان غلام رسول شيخ پکي قلعي ۾ خودڪشي ڪئي. "اسلام ۾ مارشل لا جو تصور ئي ناهي. مولانا محمد شاهه امروٽيءَ جو بيان". بادهه شهر ۾ رائيس ڪنال تي هڪ ماندڙي تي جيئي سنڌ لکيل هو. ان جي مالڪ جيڪو ذات جو ساريو آهي، تنهن کي فوج گشت دوران ڏاڍو ماريو. ماندڙيءَ تان جيئي سنڌ کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪيائون پر نه مٽائي سگهيا. پوءِ ماندڙيءَ جا تاڪ ٽوڙي پڳا ويا ۽ مالڪ تي ڪيس داخل ڪيو ويو.

سن شهر تي فوج جو گهيرو. هر ايندڙ ويندڙ کي گرفتار ڪري ويهاريو ويو. هر بس، ويگن جي جهڙتي ورتي ويئي. مارشل لا وارن کي خبر پئي ته سن ۾ اهم اجلاس ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ اهم فيصلا ڪري نئين رخ سان جدوجهد هلائي

ويندي محترم جي ايم سيد جي پوٽي ۽ سيد امير حيدر شاھ جي پٽ بدرالدين شاھ کي ب ڪجھ وقت لاءِ جھليو ويو. ماتليءَ پرسان فوجي چيڪنگ دوران ھر سواريءَ ۾ ويٽل ماٿھن جي تلاشي ورتي پئي ويئي. بس ۾ ويٽل ھڪ سنڊي ڳوناٽي جي ور مان جھڙتيءَ دوران ھڪ دٻلي نڪتي. فوجين محسوس ڪيو تہ شايد ڪا ڪيمياٸي شئي يا ڪو گندرف آھي، پر اھا ناس ھئي. دٻلي کولينديءَ ھڪ فوجيءَ نڪ تي رکي سنگھي تہ فوجيءَ کي ڦيراتيءَ سان گڏ نڇون (چڪون) اچڻ لڳيون. جنھن تيبس جا ماٿھو کلڻ لڳا. فوجي ڪاوڙجي پيا تہ مٿن کليا ڇو؟ ان تي ماٿھن تي تشدد ڪيو ويو ۽ ھڪ ماٿھوءَ کي ماري، ماري بيھوش ڪيو ويو. ڪي ماٿھو بٽيءَ ۾ سرون وجھي مٽي ھٽن ڪپڑن ۾ اڇي رھيا ھئا تہ فوجين سمجھيو اھي ڪچي جي مورچن مان ڪي ويڑھاڪ ماٿھو آھن، تن کي گوليون ھٽي ماريو ويو. پوءِ تصديق ٿين تہ اھي غريب پورھيت ھئا. فوجين انھن جي مالڪن کي ڏوکڙ ڏيٽا ڪيا، پر مائٽن ائين چئي موٽائي چڏين تہ اسان لاشا نہ وڪڻندا آھيون.

18 سيپٽمبر تي جدا جدا شھرن ۽ ڳوٺن ۾ گرفتاريون. شھيدن جو رت رائيگان نہ ويندو. سنڌ جي بيگناھ ماٿھن جي قاتلن سان ناھ نہ ٽيندو. مخدوم خليق الزمان جو بيان. ھن نوجوان سنو نيايو آھي ۽ پڙ قومي جذبو رکندڙ آھي. ھن چيو تہ سنڌي عوام پنھنجي گرم رت سان سنڌ جي عظيم تاريخ ڌھرائي رھيو آ.

دادوءَ ۾ عورتن وڏو جلوس ڪڍيو جنھن ۾ خيرپور ناٽن شاھ ۾ فائرنگ جي مذمت، سنسرشپ ھٽائڻ، تشدد بند ڪرڻ جي نعرن سان لکيل بينر ھٿن ۾ ھئا. عورتن مردن تي چوڑيون اڇلائي جلوس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو. سکر جي مشھور وڪيل ۽ شاعر فتاح ملڪ گرفتار ڪيو ويو. بي بي سي پنھنجي نشريات جي رات وارن خبرن ۾ ٻڌايو تہ سنڌوديش ۽ علحدگيءَ جو رجحان وڌندو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ سنڌ جا ھڪ سئو ماٿھو جن ۾ عورتون ب شامل آھن، گرفتار ڪيا ويا. سکر ويجھو ھڪ ريلوي اسٽيشن تي ھٿيار بندن حملو ڪيو. جتي موجود محافظن ۽ ھٿيار بندن ۾ گولين جي ڏي وٽ ٿي. نيشنل ھاءِ وي تي فوجي گاڏين جو گشت، روڊ جي ٻنھي پاسن جا ھوڙا ۽ گھاتا انگريزي ٻہر ڪٽرايا پيا وڃن. جتان اوچتو فوجين تي حملا ٿيندا رھن ٿا. پاڪستاني فوجي سنڌ جي ھوٽن جي سرحات کان ب چرکي رھيا آھن. خيرپور ۾ مڪمل ھڙتال.

پنجاب ۾ گورنور سيني سياسي قيدين کي غير مشروط آزاد ڪري ڇڏيو. عيد جي موقعي تي اهو فيصلو ڪيو ويو. باقي سنڌي سياسي قيدي جيلن ۾ ويلن ۾ عيد ملهائيندا. لنواريءَ جي عرس تي ڇهه ماڻهو گرفتار. جن ۾ عبدالرحمان نقاش، پيربخش، بچل، مير محمد، عبدالڪريم شريف الدين شامل. ٽنڊي جان محمد جي ڏڪڙي چوڪ تي نارائڻ داس ۽ حسين پرواني گرفتاري ڏني. پيرو مل ٽاٽي تي پڻ گرفتاري ڏني وئي. شهداد پور ۾ ابراهيم، قبول ۽ چيتن داس گرفتاريون پيش ڪيون. شاهه لطيف پٽائي جي پونئرن سيد غلام حيدر شاهه پٽائي ۽ ناز لطيفيءَ مريدن ۽ معتقدن کي اپيل ڪئي آهي ته هو هلندڙ هلچل ۾ پرپور حصو وٺن. افغانستان جي هوائي جهازن ڏهه دفعا پاڪستان جون سرحدي پيڪڙيون ڪري مشين گنن سان فائرنگ ڪئي. پاڪستان افغان عيوضيءَ کي گهرائي چيو ته ائين نه ٿيڻ کپي. هر دفعي توهان اڳرايون ڪيو ٿا پر اسان ۾.....

شاگردن پوليس واري کي گڏهه سان ٻڌي ڪونه گهليو هو. اهو الزام غلط آهي. زرعي يونيورسٽي ٽنڈوجام جي رجسٽرار جي وضاحت. سنڌ ۾ مڪاني چونڊن دوران ڪيترن ئي هنڌن تي ووٽ نه وڌا ويا. بليٽ باڪس ساڙيا ويا. ديوٽي ڏيندڙ آفيسرن کي پولنگن تي مارڪٽ ڪئي ويئي. ڪافي ضلعن جي اليڪشن مجبورن هٽائي ويئي. وچ يورپ ۾ نوجي طاقت بابت ناٽو وارسا جون ڳالهيون. تازو بدين جي دوري تي جڏهن جنرل ضيا پهتو ماڻهن احتجاج طور گهرن تي ڪارا جهنڊا چاڙهيا. سڄي شهر جي گهٽين ۾ فوجي گشت ڪري رهيا هئا. جنهن به ماڻهوءَ يا ننڍڙي ٻار کي ٻاهر ڏٺو ويو ته فورن ڪيس زوريءَ گهر موڪلي ٻاهران در ڏڻا پئي ويا ته متان ڪو نڪري. سڄو شهر سنسان هو. جڙ ڪو راڪاس داخل ٿيڻ وارو هو. جنرل ضياءَ جي خطاب ڪرڻ واري جاءِ تي ٽينٽ (تنبو) هنيا ويا هئا. جتي ڪيس فوجي ۽ سول آفيسرن سان مخاطب ٿيڻو هو. پر ڪجهه شهر جا نوجوان پوليس جي اک بچائي بند جي اوت وٽي ان جاءِ پرسان پهتا ۽ جنرل تي پٿر وسائڻ شروع ڪيائون. پهريان جڏهن ضياءَ جو جهاز ۽ ٻيو حفاظتي جهاز بدين ڏانهن اچي رهيا هئا ته ڪجهه ماڻهن ڪمند ۾ لڪي جهازن تي فائر ڪئي جنهن ڪري ضياءَ واري جهاز جي ٽانڪيءَ ۾ سوراخ ٿي ٻيو. اڄ ملير ڪراچيءَ ۾ ڄڃ وڃي رهي هئي. گهوٽ جي ڳڇيءَ ۾ گلن جا هار پاتل هئا ۽ پويان ماڻهن جو هجوم رليو پئي آيو. پوليس وارن

سمجهيو تہ هلچل جو حمايتي آ. گرفتاري ڏيڑ ٿو اچي. فورن گرفتار ڪيائون. هلندڙ هلچل ۾ سنڌ جا جيڪي ڳوٺ متاثر ٿيا، جن ڳوٺن کي تباهہ ڪيو ويو يا جن ڳوٺن جا ماڻهو شهيد ۽ زخمي ڪيا ويا، انهن مان ضلعي نوابشاهہ تعلقي موري ۽ نوشهري فيروز جا هيٺيان ڳوٺ شامل آهن:

سنهري ڳوٺ، ڪلهوڙا ڳوٺ، مٺو خان ٻهر ڳوٺ، دوست محمدجڪساڻي ڳوٺ، آغا شاهي ڳوٺ، ڳڇيرو ڳوٺ، نوشهرو فيروز شهر، پريا ڳوٺ، بچل هرڙو ڳوٺ، رانجهن تڪڙ ڳوٺ، مولاداد مري، عزيز الله هوهيو ڳوٺ، مٺياڻي شهر، شهر نوان جتوئي.

دادو ضلعي جي ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ جا ڳوٺ هيٺيان آهن:

خيرپور ناٿن شاهہ شهر، خالقڈنو ٻگهيو پيارو ڳوٺ، پيتو جتوئي ڳوٺ، مراد شر ڳوٺ، عرضي نائچ ڳوٺ، مراد کوسو ڳوٺ، فتح خان گاڏهي ڳوٺ، بهاول خان لغاري ڳوٺ.

ضلعي جيڪب آباد ۽ سکر جا هيٺيا ڳوٺ آهن:

ڪرمپور، تعلقو ڪنڈڪوٽ، ڪشمور، ڳوٺ بشير آباد لڳ اوباوڙو ڏهرڪي شهر، ميرپور ماٿيلو شهر، گهوٽڪي شهر، سکر شهر، ضلعو خيرپور ڳوٺ سرائي يار محمد تعلقو ٽري مير واهہ، شهر ٽري ميرواهہ، ڳوٺ وساڻ لڳ راڻيپور، ڳوٺ وڏيرو محمد بچل شاهاڻي، راڻي پور شهر، پيلار ڳوٺ يار محمد جاگيراڻي ڳوٺ، انهن ڳوٺن ۽ شهرن مان فوج ۽ پوليس تلاشي دوران عورتن جا زيور، روڪڙ پئسا، چيلا، ٻڪريون ۽ ٻيو جيڪو بہ هٿ لڳن ڦر لٽ ڪري کڻي ويا. لاکاڻ شهر سجو ساڙي تباهہ ڪيو ويو. ميهڙ شهر جي وچ مان لنگهندڙ واهہ ڪکول جي ڪڙتي باگڙي فقير پنهنجا پکا اڏي روزگار جي تلاش ۾ ويٺا، تن جي سامهون پاڪستاني فوجين جي ڪئمپ جا تنبو بہ هٽا. فقيرن جي هڪ عورت سندن نلڪي مان پاڻي ڀرڻ وئي تنهن کي وڙ سان ٻڌي ڪافي فوجين ساڻس زيادتي ڪئي. جنهن ڪري اها عورت مري وئي. عاشق جتوئي ۽ ٻين کي قيد. ڪوڙن جو سزائون، پنجاب ۾ مڪاني ادارن جون چونڊون پُر امن نموني ٿي گذريون. سنڌ ۾ بدين، ٽنڊي، ڪراچي، سکر، شڪارپور، جيڪب آباد ضلعن ۽ ڪوٽڙي تعلقي ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن دوران گڙٻڙ. ٽنڊي جي ڪارڪنن کي قيد. ڏنڊ ۽ ڦٽڪن جون سزائون، شيخ پرڪئي ۾ پولنگ استيشن تي حملو ڪندڙ 36 جڻن کي ڏنڊ، قيد ۽ ڪوڙن جون سزائون. بدين ۾ هارنهن جڻن کي

ساڳي سزا. پولينڊ جي بندش پيل ٽريڊ يونين "سالیڊرٽي" جي اڳواڻ ليچ ويلسا کي 1983 جو نوبل انعام. صوبائي اليڪشن ڪمشنر استعيفا ڏني. رنگون (برما) ۾ بم ڦاٽڻ سان ڏکڻ ڪوريا جي ڇهن وزيرن سميت 19 ماڻهو مري ويا. جماعت اسلامي ۽ جا ليڊر جنرل ضياءَ سان مليا. بيروت ۾ بين الاقوامي فوج جون آمريڪي ۽ فرانسي آفيسون بم جي ڌماڪي سان تباهه. ٻنهي ملڪن جا 180 فوجي مئا ۽ سوين ڦٽيا لاڙڪاڻي جي فوجي عدالت پاران پنجن ڇڻن کي سزا. پاڪستان ۾ مارشل لا لڳڻ کان اڄ تائين ظلم ۽ زيادتيون اوج تي آهن. نوي ڏينهن لاءِ ايندڙ جنرل ڪرسيءَ کي چنبڙي پيو آ. سولائي سان ڪرسي ڇڏڻ لاءِ قطعي تيار ناهي. عام طور هڪ لطيفو مشهور آهي ته خدا تعاليٰ سڄي دنيا جي سربراهن جو اجلاس گهرايو. خدا سيني سربراهن کي اٿي هٿ ڏنو جڏهن جنرل ضياءُ جو وارو آيو ته خدا فورن ڪرسيءَ تي ويهي ضياءَ کي هٿ ڏنو. ڪنهن ملائڪ خدا کان پڇيو ته " سائين سيني سربراهن کي اوهان اُٿي هٿ ڏنو پاڪستان جي جنرل ضياءَ کي اوهان ويٺي هٿ ڏنو ان جو سبب ڪهڙو آهي؟خدا وراڻيو جنرل ضياءُ وڏو حضرت آ. اُٿي هٿ ڏيانس ها. ته منهنجي ڪرسي ۽ والاري وڃي ها!! هتي سدائين ڪرسيءَ تي ٽڪر ٽيندا آهن. پاڪستان جي مفلوج گورنر جنرل غلام محمد 7 آگسٽ 1988ع تي علاج لاءِ موڪل تي ويو ته وزير دفاع ميجر جنرل سڪندر مرزا کي قائم مقام گورنر مقرر ڪيو ويو. ان طرح رياست جي اعليٰ ترين عهدي تي هڪ فوجي فائز ٿي ويو. 1956ع جي آئين تحت سڪندر مرزا8 مارچ تي ملڪ جي صدارت جو قسم کنيو ان آئين تحت فيبروري 1985ع ۾ اليڪشن ڪرائڻي هئي.

برسراقتداري ريپبليڪن پارٽي (جيڪا سڪندر مرزا ۽ نواب مشتاق گورماني ناهي هئي) عوام ۾ غير مقبول هئي . عوامي ليگ سهروردي ۽ نيشنل عوامي پارٽي مولانا ڀاشاني جي قيادت ۾ عوام ۾ مقبول هيون ۽ انهن ٻنهي جماعتن جي ڪامياب جو واضح امڪان هيو. جيڪڏهن اهي جماعتون ڪامياب ٿي وڃن ها. ته اقتدار مشرقي پاڪستان جي سياستدانن کي ملي ها. مغربي پاڪستان جو حڪمران ٽولو اها صورتحال برداشت ڪرڻ لاءِ قطعي تيار نه هيو ۽ نه ئي سڪندر مرزا راضي هو. تنهنڪري انهن ڪمانڊر ان چيف جنرل ايوب سان سازباز ڪري 7 آڪٽوبر 1958ع تي پاڪستان ۾ مارشل لا

لڳايو ۽ آئين منسوخ ڪري ڇڏيو. اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيون ليڪن 27 آڪٽوبر 1985 تي ايوب خان، سڪندر مرزا کي معزول ۽ برطرف ڪري جلاوطن ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ملڪ جو صدر ٿي ويهي رهيو. ايوب خان جا آمريڪي سي آءِ اي جي ڊائريڪٽرڊلس سان خاص تعلقات هئا. ان پشاور جي پرسان بڊبير ۾ فوجي اڈي ٺاهڻ جي اجازت ڏني ان اڈي سان آمريڪي جهاز روس جي جاسوسي لاءِ پرواز ڪندا هئا. هڪ يوٽو جهاز جنهن کي هنري پاورز هلائي رهيو هو ان کي روس ماري ڪيرائي وڌو ان تي عالمي سطح تي وڏو هنگامو مچي ويو. آڪٽوبر 1967ع ۾ ايوب خان جي خلاف ماڻهن تحريڪ هلائي. جنهن جي پڇاڻيءَ ۾ هي مارشل لا کي جنم ڏنو. 25 مارچ تي ڪرسي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو تڏهوڪي ڪمانڊر ان چيف جنرل يحيٰ خان چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ صدارت جا عهدا سنڀالي ورتا. آئين منسوخ ڪيو ويو. اسيمبليون ٽوڙيون ويون. يحيٰ خان ڊسمبر 1970ع ۾ چونڊون ڪرايون. اهي پاڪستان جون عام چونڊون هيون. عوامي ليگ قومي اسيمبليءَ ۾ واضح اڪثريت حاصل ڪئي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پ پ پ اليڪشن ڪٽي. بلوچستان ۾ نعپ (ولي خان) ۽ سرحد ۾ ڪنهن پارٽيءَ کي واضح اڪثريت نه ملي. اقتدار جي منتقليءَ تي اختلاف ٿي پيا. پنجابي قومپرست مجيب کي اقتدار ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. تن شيخ صاحب کي ملڪ جو اڻون وزير اعظم ته صرف ڇيو پر ان وچ ۾ فوج کي مشرقي پاڪستان ڪٿو ڪري بيگناهه بنگالين جي آپريشن ڪرڻ لاءِ منصوبا سٽيا ويا. مغربي پاڪستان جي ليڊرن عوامي ليگ جي مڪمل اڪثريت کي ميڙ ڪان انڪار ڪيو. انهن ليڊرن ملٽري جنتا کي مشرقِ پاڪستان جي اڪثريت واري پارٽيءَ سان جنگ ڪرائي ۽ لک عورتن جي عصمت دري ڪرائي. ٽيهه لک بنگالين جو خون وهايو ويو ۽ ڪيترين ئي تباهيون ۽ بربادين ڪرڻ ڪانپوءِ انهن ليڊرن مغربي پاڪستان ۾ ملٽري هٿان باقي بچيل ملڪ جي واڳ ورتي.

مشرقي پاڪستان ۾ فوج ڪشيءَ کي دنيا ۾ ڪربلا سڏيو. بنگلاديش وجود ۾ آيو. 17 سيپٽمبر 1971ع تي پ پ پ جي چيئرمن ذوالفقار پٽي ملڪ جي صدر جو قسم کنيو ۽ چيف مارشل لا ائڊ منسٽريٽر بڻيو. مارچ 1973ع ۾ عبوري آئين منظور ٿيو جيڪو سنڌي قومپرستن قبول نه ڪيو. ان ۾ سنڌين جي قومي وجود کان انڪار ٿيل هو. قومپرست سنڌي شاگردن سنڌ يونيورسٽي

۾ جڏهن ان وقت جو وزير قانون ۽ آئين جوڙيندڙ اعزازي ڊگري وٺڻ آيو تہ انهن احتجاج ڪندي آئين کي نامنظور ڪيو ۽ جلسي کي ڌرم برهم ڪيو ان واقعي ۾ هڪ ايس پي ۽ هڪ سپاهي مئو ۽ انهي واقعي ۾ ڪيترن ئي قومپرست نوجوانن جيل جون صعوبتون سٹيون. زوالفقار پٽي مارشل لا هٽايو. 1973ع ۾ اهو آئين نافذ ڪيو ويو. ان آئين تحت پٽو وزير اعظم منتخب ٿيو. 7 مارچ 1977ع تي قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿيون. پيلپز پارٽي ڪامياب قرار ڏني ويئي. ليڪن حزبِ اختلاف جي نون پارٽين جي گڏيل محاذ پي اين اي ڏانڊلين جو الزام هٽندي صوبائي اسيمبليءَ جي اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو. پوءِ تحريڪ هلي پي اين اي ۽ حڪومت جي وچ ۾ ڳالهيون هليون. پر ڪامياب نہ ٿيون. 5 جولاءِ 1977ع تي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءَ ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي چڏي هن سڳوري 17 ڪتوبر 1977ع تي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ نوي ڏينهن اندر اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو پر سندس نوي ڏينهن 11 سالن ۾ پورا ٿيا.

پاڪستاني ليڊرن (ايم آر ڊي موومينٽ فار دي ريسٽوريشن آف ڊيموڪريسي) تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو تہ سندن جا خاص متا "جمهوريت جي بحالي" پاڪستان بچايو. 1973ع وارو آئين بحال ڪريو. سر فهرست هئا. ايم آر ڊي وارن 1981ع ۾ ۽ 23 مارچ کان تحريڪ هلائڻ لاءِ سڏ ڏنو هو ۽ پڙ ان کا اڳ حڪومت کي پريشان ڪري اليڪشن تي مجبور ڪرڻ لاءِ جدوجهد هلائڻ لاءِ چرپر ڪئي هئي. پر اوچتو پاڪستان جو هوائي جهاز الذوالفقار جماعت اغوا ڪرائي افغانستان نيو ويو. اغوا ڪندڙ ڪن سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو ڪري رهيا هئا. حڪومت ڪيترن قيدين جي باري ۾ لا علمي ڏيکاري ۽ ڪافي قيدين کي سنگين ڏوهي قرار ڏيئي آزاد ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پر آخرڪار ڪن قيدين کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي. ڪن قيدين کان پڇيو ويو تہ ڇا اوهان ڪابل وڃڻ لاءِ تيار آهيو تہ تقريبن قيدين وڃڻ کان انڪار ڪيو. جيڪڏهن جيڪي بہ ٿيدي وڃن ها يا ويا هئا انهن پاڻ کي ملڪي سياست کان خود بيدخل ڪري چڏيو. چو تہ جلاوطني جي زندگيءَ کان وطن جو قيد بهتر آهي. جن قيدين دمشق وڃڻ کان انڪار ڪيو تن تي تشدد ڪيو ويو ۽ ڪن کي زوريءَ هٽڪڙيون هڻي موڪليو ويو. چو تہ جهاز ۾ تبرنهن ڏينهن بند ٽيل ماڻهو غير سنڌي (ولائتي) هئا. جن کي بچائڻ سرڪار

جو اولين فرض هو. پنجابي ۽ پٹاڻ محب وطن هئا. باقي سنڌي قيدي سڀ بدمعاش ۽ ملڪ دشمن هئا. انڪري جو اُهي سنڌي هئا ۽ فوجي حڪومت جا مخالف هئا. جنرل ضياءَ قيدين کي موڪلي سڪ جو ساهه کڻي بيان ڏنو ته (گندي انڊي) ڪنا آنا باهر اڇلي ڇڏياسون. ڪيڏي شرم جي ڳالهه آهي! اهڙين سنگين حالتن ۾ جن جهاز اغوا ڪيو تن سخت سياسي غلطي ڪئي ان واقعي جي ڪري آيم آر ڊي کي سخت نقصان رسيو ۽ هينئر تائين پهچندو رهيو آهي. ان وقت ملڪي پبلڪ جو ڌيان اغوا شده جهاز ڏانهن ٿي ويو. جمهوري مطالبا، گرفتاريون، پوليس جا تشدد، ملٽري عدالتن جون سزائون، ڦٽڪا، فوجي ڪئمپ ۾ ٽارچر، ايف آءِ يو جون زيادتيون ۽ ظلم جيڪي ايراني شهنشاهه واري سلوڪ کان گهٽ ڪين هيون. سي سڀ پسمنظر ۾ هليون ويون. جهاز واري واقعي جي آڙ وٺي، فوجي حڪومت ايم ار ڊي کي ڪچلڻ جو موقعو مليو. ايم آر ڊي جا ليڊر پنهنجي پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا. جڏهن پهريان حڪومت پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ مجبور هئي. در اصل اليڪشنري پارٽين کي اهڙا دهشتگردي جا ڪم ڪرڻ نه ڪپن. اهڙيون ڪارروايون سياسي پارٽين جي ڪم کي پيچيده بنائي ڇڏينديون آهن. اهڙيون وارداتون انقلابي جماعتن کي ڪرڻ ڪپن، جيڪي پروپگنڊه ڪرائي دنيا ۾ پاڻ کي پنهنجن مقصدن کي متعارف ڪرائن. ملڪ جي هڪ سچا ڻ ماڻهوءَ مونکي ٻڌايو ته جهاز جو اغوا در اصل هڪ ڊرامون هو جيڪو حڪومت انڪري رچايو ته جيئن پنجاب جي باشندي ڊاڪٽر غلام حسين ۽ سندس ساڻين کي باهر موڪلي. ولي خان جي داخل ڪرايو لياقت باغ فائرنگ ڪيس (جنهن ۾ ڪافي جانيون ضايع ٿيون هيون) ختم ڪرايو وڃي. باقي جيتريقيدر ڪن قومپرستن جا نالا قيدين جي 99 واري لسٽ ۾ شامل هئا. اها هڪ سازش هئي ته جيئن نيشنلسٽ ايليمينٽ کي ظاهر ڪري سولائيءَ سان ختم ڪري سگهن.

يوم آزادي پاڪستان تي به ايم آر ڊي هڙتال جي اپيل ڪئي ته حڪومت جي احڪام جي خلاف ورزي ڪري جلسا جلوس ۽ مظاهرا ڪيا وڃن. يوم پاڪستان اهو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن تي ننڍي کنڊ جي مسلمانن ڳڙجي مسلمانن جي آزاد رياست جو مطالبو ڪيو هو جيئن انگريزن جي غلاميءَ مان نڪري آزاد فضا ۾ ساهه کڻي سگهن. پر جناح جي زندگيءَ ۾ ڪنهل غلط قدم

پاڪستان ۾ جمهوريت جي مستقبل کي اونداهو بنائي ڇڏيو. پاڪستان ۾ رهندڙ قومن اڄ ڏينهن تائين صحيح جمهوري نظام جو هڪ ڏينهن به ڏسي نه سگهيو آهي. ملڪ جي عمر ۾ تاريخ جو منو عرصو ملڪ تي فوج جو قبضو رهيو آهي، جيڪو عام ہڙتال ۾ آيو تہ ايم آر. ڊي جي تحريڪ هلڻ کان اڳ ليڈر صاحبان ملڪ کان ٻاهر ويل هئا. اوڏانهن جيئن ئي موتيا تہ ملڪ جي اثر رسوخ وارن وفادار دوستن کي ڪراچيءَ ۾ هڪ ميٽنگ ۾ گهرائي يقين سان چيو ويو تہ آمريڪي سينيٽرن پڪ ڏياري آهي تہ تي مهينا مسلسل ملڪ گير مهم جنرل ضياءَ کي هٽائي. جنرل اقبال آٽي اليڪشن ڪرائي. اقتدار اسان کي ڏيارينداً. تنهنڪري سڀني دوستن کي ٻہ تي مهينا ٿوري تڪليف ڪري تحريڪ هلائڻي آهي. پوءِ ويندا ڏک سور لهي. جنهن تي سڀ ئي ليڈر ۾ پير راضي ٿيا. نيٺ 14 آگسٽ کان پر امن گرفتارين ڏيڻ جي شروعات ڪئي وئي. پر هن ڏينهن۾ تحريڪ پُر امن گفتارين کان ٽپي هيو رُخ اختيار ڪيو. پنجاب، سرحد ۾ بلوچستان وارا چپ رهيا. سنڌ ۾ سنڌي روڊن تي نڪري پنهنجي پئدائشي حقن لاءِ نعرا هڻي مطالبا ڪري گولين جو بک ٽيندا رهيا. ايم آر ڊي ليڈرن جي اپيلن ۾ هدايتن تي عوام ڌيان ئي نہ ڏنو. هو پنهنجو پاڻ جلسا جلوس ڪرڻ لڳا. سنڌين ۾ جمهوريت جي بحالي، 1973ع واري آئين کان وڌيڪ قومي جذبو ڪارفرماهو. ان تحت قومي حقن جي گهر ڪندا رهيا. گولين جهليندا رهيا، چو تہ سنڌي ماڻهن کي خبر هئي تہ جمهوري آئيني طرز حڪومت موجب سڀ فيصلا اڪثريت راءِ موجب ڪرڻا پوندا آهن. جنهن صورت ۾ سنڌي پاڪستان ۾ اقليت ۾ رهندا، انڪري هو ان مان آزاد نہ ٽيندا.

جمهوري طرز حڪومت تمام سٺو اصول آهي، پر سامراجيت ان جي دشمن هئڻ ڪري ان کي صحيح طور هلڻ نہ ڏيندي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اڪثر حڪومتن جمهوريت جو نالو پئي ورتو آهي، پر اِن ساري عرصي ۾ انهن سنڌين جي جداگانہ قوم ۾ سنڌ جي جدا ملڪ جي ڀالهہ ڪرڻ کي ٻہ برداشت نہ ڪيو آهي. جنهن طرز حڪومت ۾ اظهار راءِ ۾ ان جي پرچار جي اجازت نہ هجي، اُها کهڙي طرح سان جمهوري حڪومت سڏي سگهبي! تنهن ڪري پهريان سنڌ جي انهيءَ منڪر سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻي آهي ۾ پوءِ جمهوريت ۾ سوشلزم رائج ڪرڻيون آهن. سنڌي ماڻهو اهو ٻہ سمجهن ٿا تہ فوجي حڪومت کان جمهوريت جي گهر ڪرڻ اونداهيءَ مان روشني حاصلي ڪرڻ جي اميد

رکڻ جي برابر آهي.

دراصل سڄي ملڪ ۾ مارشل لا هڻڻ جو ڏينڊورو پٽيو ٿو وڄي. پر ائين ناهي. مارشل لا صرف سنڌ ۾ آهي. هر سول ملازم جي مٿان ڪونہ ڪو برگيڊيئر، ڪونہ ڪو ڪرنل، جنرل ۽ ميجر مٿان ويٺو ئي ويٺو آهي. ان جي مرضيءَ کانسواءِ ڪم نٿو ٿئي. ان جي حڪم کانسواءِ ٽاٽي جو صوبيدار بہ نہ ٿو چري پري. پاڪستان جي ست لک فوج آهي. جيڪا هن دور ۾ هڪ اهڙو هاٿي آهي. جيڪو ملڪ جي جمهوريت کي ختم ڪري ملڪ جي بجيٽ ۾ 19 سيڪڙو بجيٽ جو اضافو ٿيو. اهو خرچ صرف فوج تي ٿيندو ۽ فوج اها رقم ڪائي پي ملڪي ماٺهن کي مارڻ جا سانباها ڪندي ۽ پوزيشن سنيالينديِ

دنيا ۾ فوج جو ملڪن تي قبضو ٿيندو ڏسي امن پسند انسانيت جي فڪرمندي وڌندي پئي وڃي. هڪ طرف آمريڪي حڪمرانن جو جنگجو ٽولو دنيا ۾ آمريڪا بالادستي مسلط ڪرڻ لاءِ هٿيارن جي انبارن جي ڳالهہ ڪري رهيو آهي. تہ ٻئي طرف دنيا جا دانشور ۽ امن پسند انسان هٿيارن خلاف مظاهرا ڪري رهيا آهن. انهن انسانن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن جنگ لڳي تہ پوءِ هي حسين ڪائنات تباهہ ٿي ويندي. سڄي فضا زهر آلوده بارود سان بدبودار ٿي ويندي.

تازو ڪنديالي پرسان هڪ ڳوٺڙي جي عورت زمين تي مردن جي ماني ڪنيو پئي وئي تہ واٽ تي فوجين مٿس وحشيانو حملو ڪري سندس عزت لٽي.

فوج جون اهڙيون ڪارروايون ۽ ڪرتوت ڪنهن کان ڳجها ڪونهن. غوام قوم جي نياڻين جي عزت ۽ عصمت لٽڻ واري حوس ڏسي مونکي بنگالي چوڪريءَ جا لفظ ياد ٿا اچن. جيڪي هن پاڻ سان زيادتي ٿيڻ مهل چيا هئا تہ. "مونکي فوجي ورديءَ کان سخت نفرت آهي. آئون ان تي ٿڪڻ چاهيان ٿي" چوڪريءَ جو اهو جملو هينئر مظلوم انسانيت جو آواز آهي. منهنجي خيال ۾ فوجي ادارن کي ملڪ مان ختم ٿيڻ کپي. انهن طرفان گڏ ڪيل هولناڪ هٿيارن جي سخت مخالفت ٿيڻ گهرجي. چو تہ اهي ادارا پنهنجي ملڪ جو بچاءَ نہ ٿا ڪري سگهن. آئون ايترو چوندس تہ سرمائيدار ترقي يافتہ توڙي پٺتي پيل ملڪ پنهنجي پنهنجي ملڪن ۾ هاجيڪار هٿيارن جا انبار ان ڪري گڏ ڪري رهيا آهن. جيئن هو پنهنجي پنهنجي ملڪ جي قوم کي ڏهائي عوامي خواهش واري سرشتي کي روڪي سگهن

اڄ بي بي سي لنڊن ۾ سنڌين ۽ بلوچ قومپرستن اڳواڻن سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلم خلاف هڪ جلوس ڪڍيو. جنهن ۾ ڄام صادق علي ۽ بين سنڌي ماڻهن سنڌو ديش ۽ جيئي سنڌ جا نعرا هنيا. جڏهن ته بلوچستان جي اڳواڻن عطاءالله مينگل ۽ بين پاڪستان خلاف ۽ عظيم تر بلوچستان جا نعرا هنيا. ڪالهه بي بي سي پڻ سنڌ جي مشهور قومپرست اڳواڻ ميڊم حميده کهڙو جو انٽرويو نشر ڪيو. جنهن ۾ هن صاحبہ سنڌين جي قتل عام جي مذمت ڪئي ۽ سنڌين سان ساڻ جو يقين ڏياريو. هُن وڌيڪ چيو ته، سنڌي ماڻهو انڪري مارشل لا خلاف اٿي ڪڙا ٿيا آهن، جو سنڌ ۾ غير سنڌين (پنجابين) جي وڏندڙ آبادڪاري ڏينهون ڏينهن جاري آهي. تازو پنجاب اسيمبليءَ جي سيالڪوٽ شهر ۾ هڪ سابق اسيمبليءَ جو ميمبر جڏهن شهر ۾ گرفتاري ڏيڻ آيو ته ان کي پنجابين گلن جي بجاءِ جوتن جا هار وڌا ۽ مارڪٽ ڪئي. ڇاڪاڻ جو مارشل لا پنجاب وارن جي ۽ فوج ۾ انهن جي آهي. ان خلاف گرفتاري ڏيڻ کي برداشت نہ ڪيائون.

عام طور اهو تاثر ڏنو وڃي ته 1973ع وا ۽ آئين هڙني مسئلن جو حل آهي، پر ائين هرگز ناهي. 1973ع وارو آئين سنڌي ماڻهن جي فائدي ۾ ناهي. مظلوم بلوچستانين جي مفاد ۾ نہ آهي. اهو آئين جڏهن مڙهيو پئي ويو تڏهن ئي سنڌي نوجوان سراپا احتجاج بنجي اٿيا هئا ۽ آئين کي تڏهوڪي وزير قانون ۽ سرڪار سان سنڌ يونيورسٽي ۾ تضادم ۽ ٽڪر ۾ ٽيو هو.

پهرئين ته 1973ع واري آئين کي 1935ع وارو ائڪٽ سان پيٽائي پڙهڻ ڪپي. 1956ع واري آئين سان ملائي پرکڻ گهرجي 1962ع واري آئين مقابلي ۾ ڏسون ته 1973ع وارو آئين سنڌي ماڻهن جي اقتصادي ثقافتي ۽ سياسي مسئلن حل ڪرڻ ۾ حق ڏيارڻ ڪيتري قدر مددگار ثابت ٿئي ٿو. سان ڏسي رهيا آهيون ته لکين ماڻهو ٻين صوبن جا سنڌ ۾ نوڪريون ڪري سنڌي ماڻهن جي حقن تي ڏاڙو هڻن ٿا. ان نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو بيروزگار ٿيندا غلاميءَ جي احساس کي شدت سان محسوس ڪندا رهن ٿا. نوي لک ايڪڙ سنڌين جي زمين مختلف بهانن سان ڏارين جي قبضي ۾ ڏياري ويئي آهي ۽ اهو سلسلو اڃان جاري آهي. ان جي پيٽ ۾ سنڌي هاري مسڪين ۽ ڪنگال تباهه ٿي رهيو آهي علائقائي وسيلن کان سنڌ جا ماڻهو محروم ٿيندا وڃن ٿا. اهڙا ٻيا ڪيترائي استحصال ۽ حق تلفين جا طريقا ڏينهون ڏينهن عروج تي آهن. اسان بيان ڏيندا رهون ٿا. اسان دانهون ڪيون ٿا. اسان ڦُرجڻ جون اپيلون ۽

استدعائون ڪندا رهندا آهيون. پر ڪنهن به دلاسو نه ڏنو. ڪنهن به ڳوڙها نه اگهيا ۽ ڪنهن به حق ڏيڻ جو يقين نه ڏياريو. ان لاءِ سنڌي پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ روڊن تي نڪري آيا. پنهنجن موڪرين چاتين تي گولين جي وسڪارن کي برداشت ڪيائون.

اسان جا اُهي هوش ۾ خوش همراهه جيڪي اڄان تائين 73ع واري آئين جي حمايت ڪري رهيا آهن، انهن کي 1973ع وارو آئين پڙهڻ کپي ۽ ان جو جائزو وٺڻ کپي جيئن 73ع واري آئين جي آرٽيڪل 15 موجب ملڪ جو ڪو به باشندو ملڪ اندر قانون بندشن هيٺ ۽ مفاد عام جي لحاظ کان ڪڏهن به ۽ ڪٿي به رهائش اختيار ڪري سگهي ٿو. هن آرٽيڪل ۾ ٻن نقطن جو ذڪر آهي. (1) قانوني بندش ۽(2) مفاد عام. اهڙيءَ طرح قانون سازيءَ جي اختيارن کي پڙهڻ سان اسان ائٽم (عنصر) نمبر 5 تي اچي بيهندا سون. جيڪو ٻڌائي ٿو ته هڪ صوبي مان ٻئي صوبي يا وفاقي علائقي ۾ لڏي ۽ رهائش پزير ٿيڻ لاءِ وفاقي سرڪار کي قانون جوڙڻو آهي، جنهن ۾ مکيه عنصر آهي: مفادِ عام. يعني هر علائقي جي ماڻهن جي اقتصادي خوشحاليءَ جو خيال رکڻو آهي.

اسان جا سياستدان سڳورا ۽ دانشور حضرات جيڪڏهن مفاد عام جي اهم پهلوئن تي سوچين ۽ مفاد عام جي مقصد کي تشريح ڪري کولي سمجهائين ته جيڪر سنڌ ۾ ڪچيون آبادين وڌيون رهائشي ڪالونيون ٺهرائڻ ۽ يا ايتري ساري بيروزگاريءَ جو مسئلو پيدا نه ٿئي ها. هرڪو ماڻهو پنهنجي حيثيت ۽ طاقت آهر پاڻ کي ملڪي زندگيءَ ۾ برابر جو شريڪ محسوس ڪري ها.

سنڌ ۾ لڳاتار ڏارين جي لوڏ جي اچڻ ڪري آدمشماري ضرورت کان وڌيڪ وڌندي وڃي ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ بيشمار اقتصادي مسئلا پيدا ٿين ٿا. بيروزگاري وڌي ٿي. بيروزگاريءَ ڪري افراتفري وڌي ٿي. جيڪا وڌي ڪيترن ڏوهن کي جنم ڏئي ٿي ۽ پبلڪ جي پريشانيءَ جو باعث بڻجي ٿي. تازو سنڌ حڪومت زمين جي نيڪال جي پاليسين جي خلاف ورزي ڪندي سنڌي ماڻهن کي نظر انداز ڪري ولايتن (غير سنڌين) کي مال مويشي پالڻ ٻهاڻي سوين ماڻهن کي پنج پنج هزار ايڪڙ زرعي زمين ڏئي نوان جاگيردار ۽ چوڌري پيدا ڪيا آهن. اهي زميون ضلع بدين، ٽرپارڪر، سانگهڙ، ٺٽي، دادو ڪراچي ۽ ٻين علائقن مان ڏنيون ويون آهن. سرڪاري عملدارن ۽ ڪامورن

جو اهو قدم سنڌو مفاد عام جي خلاف آهي. تازو جنرل ضياءَ مرڪزي نوڪرين ۾ ڏهن سالن تائين ڪوٽا ڪي ختم رکڻ جو اعلان ڪري، اسان سنڌين کي پنهنجي حصي ۽ حق کان وڌيڪ خيرات ڏيئي ڇڏي، چو ته ان اعلان جي خلاف غير سنڌين جي هاڻ گهوڙا ايتري ٿي جنهن جو ثبوت اردو اخبارن جو سرخيون ۽ ايڊيٽوريل آهن.

1973ع جي آئين جي آرٽيڪل نمبر 27 ۾ نوڪرين بابت لکيل آهي ته آئين تي عمل ڪرڻ سان ڏهن سالن تائين اهڙا قدم کنيا ويندا جو هر علائقي کي مناسب نمائندگي ملي ويندي.

حيدر آباد جي قانون دوست رسول بخش انڙ جو چوڻ آهي ته ڪوٽا سسٽم جو تحريڪ پاڪستان ۾ بہ اوترو ئي حصو آهي، جيترو اسان جي مسلم ڏهن جو

گڏيل هندستان ۾ هندو ڪوٽا ۽ مسلم ڪوٽا مقرر هئي. ائين ته اسان جي سياست بہ ڪوٽا سسٽم جي بنياد تي هلي ٿي. علائقن کي آدمشماري بنياد تي اسيمبلين ۾ سيٽ ملي ٿي. پاڪستان ۾ شروع کان ونڊي ڪوٽا جي نالي ۾ هڪ اصطلاح ورجايو ويندو آهي. پر عمل اهو ٿيو آهي ته اڄ تائين مرڪزي نوڪرين ۾ ٽيويهه سيڪڙو جي جاءِ تي سنڌ جا ماڻهو وڌ ۾ وڌ 3 سيڪڙو ڪنيا ويا آهن ۽ مرڪزي سرڪار کي 20 سيڪڙو جي ڪمي پوري ڪرڻي آهي. اها صرف بيان ڏيڻ سان پوري ڪونہ ٿيندي. خاص جائزي ۽ خاص انتظامن جي ضرورت آهي. ان لاءِ ڪجهه حقيقت پسندانہ حجتون جيڪي مفاد عام جي اصول موجب ٿي سگهن ٿيون اهي هي آهن ته:

پاڪستان جو حڪمران ٽولو جائزو ونڊي ته هر هڪ ڪاتي ۾ ڪل ڪيتريون آساميون ۽ انهن ۾ سنڌ جو سچو ڊوميسائيل رکندڙ ڪيترا ماڻهو موجود آهن ۽ ڪوٽ ڪيتري آهي. ان کوٽ کي ڏهن سالن اندر حجت موجب پورو ڪرڻ لاءِ خاص انتظام ڪرڻ ضروري آهن. يعني جنهن صوبي جا ماڻهو مرڪزي ڪاتن ۾ سنڊن حصي ۽ حق کان وڌيڪ آهن ته ڪجهه عرصي لاءِ انهن جي پرتي بند ڪئي ويجي يا گهٽائي ويجي. ون يونٽ ٽوڙ قانون تي عمل ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ لڏي آيل ماڻهن جو ڊوميسائيل مرڪز ۾ نوڪرين جي حق لاءِ سنڊن اباڻو صوبو سمجهيو ويجي نہ ته ڪچين ۽ آسمان کي چمندڙ فليٽن ۽ پلازائن ۾ رهندڙ ولائتي ماڻهو نوڪرين ۾ اچي ويندا. سنڌي ماڻهو ساڻيا سورن

۾ هوندا. ان 1973ع واري آئين پاڪستاني آئين ۾ سنڌين جي هزارين ورهين جي جداگانہ قومي وجود کان انڪار ڪري سنڌين کي هميشہ لاءِ اقليت بنائي ڇڏيو. جنهن ۾ سنڌي 21 سيڪڙو حيثيت رکن ٿا.

73 واري آئين ۾ ڄاڻي واڻي سنڌي قوميت کي ختم ڪري غير سنڌي ماڻهن، پنجابين، پٺاڻن ۽ بهارين کي آئين موجب سنڌ ۾ اچي رهڻ، جائيداد خريد ڪرڻ جي کلي اجازت مليل آهي. جنهن ڪري لکين ولائتي ماڻهو سنڌ کي ڏبئي سمجهي اچي آباد ٿيا آهن. سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿي رهيا آهن.

1973ع واري آئين ۾ سنڌين سان جيڪو وڏو ظلم ڪيو ويو آهي، سو سنڌين جي جداگانہ قومي وجود کان انڪار ڪندي سنڌي سڏائڻ کي قانوني ڏوهہ قرار ڏيڻ آهي. قوميت کي علاقائي تعصب جي نالي سان سڏي، سنڌ جي سياسي پارٽي ناهڻ بہ ممنوع قرار ڏنل آهي، جڏ تہ هزارين ورهين جي تاريخ رکندڙ قوم، جنهن کي نہ ايراني، نہ يوناني، نہ عرب، نہ مغل ۽ نہ انگريز مٽائي سگهيا هئا، پر هنن ڪاغذن جي پرزن تي جوڙيل آئين ۾ سنڌي قوم جو وجود ختم ڪري ڇڏيو.

سنڌ هڪ جدا ملڪ آهي ، جو اقوام متحده ۾ شامل ٿيل 149 ملڪ مان اٺين هڪ سئو ملڪن کان ايراضي، آبادي، پيدائش ۾ وڏيڪ آهي، ان مان وصول ٿيندڙ ٽئڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي ۽ ڪسٽمس وغيره جا اٺين ڏهہ سئو ڪروڙ رپيا سالانا ٽيڪس ادا ڪري ٿو. سي سپ 73ع واري آئين تحت مرڪزي حڪومت جي حوالي ٿيل آهن، جن مان بہ سيڪڙو بہ سنڌ جي پلائي لاءِ خرچ نہ ٿو ڪيو وڃي. انهن جو فائدو وغيره سنڌين کي ڏياريو وڃي.

مرڪز جي ٽيڪسن ۾ آمدنيءَ جو 75 سيڪڙو سنڌ مان وڃي ٿو، پر سنڌ کي جو موٽ ۾ ملي ٿو ان جو جائزو هلندڙ سال جي بجيٽ مان وڻي سگهجي ٿو. سنڌ جي ماڻهوءَ تي سال ۾ سراسري خرچ 23 رپيا، بلوچستان ۾ 1000 ، سرحد ۾ 700 رپيا ۽ پنجاب ۾ في ماڻهو تي 2200 رپيا آهي. ڪيڏو نہ فرق آهي! اها ڳالهہ ثابت ٿي ڪري تہ پاڪستان جي قومي مالي ڪميشن جون سفارشون مفاد عام جي خلاف آهن.

1953ع ائڪٽ نافذ ٿيو هو ان ۾ زرعي ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس نج صوبائي آمدني هئي، ڪنڊ ۽ ڪپهہ تي ڊيوٽي مڪمل زرعي ٽيڪس آهن. سيلز ٽيڪس سميت صوبن کي ملڻ ڪپن. جناح 1938ع ۾ سنڌ مسلم ليگ

ڪانگريس جي موقعي تي خالقڏني هال ڪراچي ۾ تقرير ڪندي چيو تہ 53ع جي ائڪٽ تحت مليل مالي خود مختياري حالانڪہ سنڌ جي ماڻهن سان ظلم ڪيو آهي. سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽيڪسز مان گهٽو حصو فوج تي خرچ ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ هڪ سيڪڙو بہ سنڌين کي نمائندگي نصيب نہ آهي. فوج تي ڏوڪڙ سنڌ جو خرچ ٿئي ٿو. اها وري تيار ٿي سنڌين کي گوليون هڻي غلام رکڻ ۾ ڪرتب ڏيکاري رهي آهي.

سنڌ ۾ اٽڪل 210 ڪروڙ ايڪڙ لائق آباد زمين اهي. سنڌي آبادگارن جو تعداد ستر لک آهي. جيڪڏهن زمين مساوي طرح ورهائي وڃي تہ في ماڻهوءَ کي 3 ايڪڙ زمين مس نصيب ٿيندي. جيڪڏهن في ڪٽنب پنجن پاتين جو شمار ڪيو وڃي تہ 18 ايڪڙ في ڪٽنب زمين مس ملندي. جيئن تہ پاڻي پورو ڪونہ ٿو ملي. ان ڪري اها زمين موڪيءَ ۽ واري تي آباد ٿئي ٿي. ان مان ڪيتري زمين باراني آهي ۽ ڪيتري ڪچي ۾ سيلابي آهي ۽ ڪيتري پاڻي پوري نہ ملڻ ڪري آباد ٿي نٿي سگهي. 73ع واري آئين تحت ڏوڪيبازيءَ جي پاليسي ڪري اها زمين غير سنڌين جي حوالي ڪئي وئي آهي. جنهن مان 400 ڪروڙ رپيا ساليانو سنڌ کان ٻاهر پنجاب جي گلبرگ نيا پيا وڃن. سنڌ مان پئسي جي هجرت ۽ روانگيءَ تي بندش ناهي. زمين، واپار ۽ نوڪري وغيره جي ذريعي وسيلي سنڌ مان اٽڪل 1600 ڪروڙ رپيا ساليانو ٻاهر وڃن ٿا. سنڌ غريب ٿيندي وڃي ٿي. اهو سڀ ڪجهہ ان آئين جا ڪارناما آهن.

سنڌ ۾ جيڪي ڪارخانا برپا ڪيا ويا آهن انهن جي پاليسي اهڙي مرتب ڪئي ويئي آهي. جو 95 سيڪڙو ڪارخانن جو غير سنڌين جي حوالي آهي. جنهن جي ڪمائي ۽ فائدو انهن کي حاصل ٿئي ٿو جي ان کي ٻاهرين ملڪن ۾ موڪلي سيڙائن ٿا. وڌيڪ ظلم اِهو آهي تہ انهن ڪارخانن ۾ 90 سيڪڙو مزدور، هيلپر ۽ ڪارڪن غير سنڌي رکيا ويا آهن. جي پئسا ڪمائي ٻاهر موڪلين ٿا. مرڪزي حڪومت جون نوڪريون اڃيئي غير سنڌين جي حوالي آهن. جن لاءِ سنڌ 80 سيڪڙو رپيا ٽيڪس مهيا ڪري ٿي. ان پاليسيءَ ڪري سنڌين جي آبادي ٿوري وقت ۾ تبديل ٿي اقليت ۾ ٿي ويندي. اصل سنڌي اڇوتن جي زندگي گذارينداـ

سياست، اقتصاديات، نوڪرين ۽ پئسي تي جملي قبضوغيرن جو آهي. اهو ڪارنامون بہ 73ع جي آئين جو آهي. سنڌ جي ڌڻي واپار ۽ غير ملڪي

واپار لاءِ پاليسي مرڪزي سرڪار جي معرفت رڦجي ٿي. انهيءَ واپار تي هڪ هٿي ۽ غير سنڌين جي آهي. سنڌين کي مجبور ۽ مسڪين بنايو ويو آهي.

بئنڪن مرڪز حڪومت جي اختيار هيٺ رهڻ ڪري پاليسي اهڙي ريت مرتب ڪئي وئي آهي. جو ملڪ جي پئسي تي سمورو اختيار غير سنڌين جي حوالي ۾ ڏنو ويو آهي. اها ڪرم نوازي ۽ 73ع واري آئين جي ڪري آهي. ان آئين تحت ٻيو ته ٺهيو پر سنڌ جي جملي درگاهن جي ڪمائيءَ کي هڪ ڏڪ سان نقصان رسايو ويو.

هاڻي اسان سنڌين کي سمجهڻ ۽ پرائڻ کپي ته اهو غلاميءَ وارو آئين ڪڏهن ۽ فائديمند ثابت ٿي نڏو سگهي. اهو آئين جنهن ۾ قومن کي قيد بڻايو ويو. اهو آئين جنهن ۾ شاهه لطيف جي شاعري ، ان جي ڏرتي، ان جي ماروئڙن کي مجڑ کان انڪار ڪيو ويو. اهو آئين سنڌين کي نڏو ڪيو. خود آئين جو ناهيندڙ عبدالحفيظ پيرزادو واضح ڪري چڪو آهي ته اهو آئين اڌورو آهي. ان آئين تحت قومن جي حقن جي حفاظت نڏي ٿي سگهي. تنهنڪري ان کان اڳتي هلڻ کپي. اهو ائين ننڍن صوبن جي مسئلن جو حل ناهي. تنهن هوندي ۽ هتان جا ڪجهه ذهني مريض ان آئين جي پئيرائي ڪري رهيا آهن. ڪيڏي نه حيرت جي ڳالهه آهي...!!اڄڪلهه دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول سرشته حڪومت، جمهوري سرشته حڪومت آهي. انڪري هرڪو جمهوريت جو نالو وٺي ماٺهن ۽ دنيا کي ڪشش ڏيکارڻ ٿو. روس ۽ چين ۾ جتي هڪ پارٽي حڪومتون آهن. اتي ۽ عوامي جمهوريت جو نالو وٺي ماٺهن کي رضامند ڪيو وڃي ٿو. آفريڪا عرب ملڪن ۽ ڏکڻ آمريڪا جي گهڻي حصي ۾ آمرانه حڪومتون هلي رهيون آهن. پر هر ملڪ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان جمهوريت جي نالي کي استعمال ڪري رهيو آهي. پاڪستان ۾ مختلف دورن دوران آمرانه حڪومتون قائم رهيون. ليڪن ڄانچو جمهوري هو. عملي طرح حڪومت هڪ پارٽيءَ يا چند ماٺهن جي هٿ ۾ رهي ٿي.

هتي جمهوريت کي صحيح طريقي سان وفاق پرست فورس هلڻ ئي نه ڏيندو. جو ته سندن هٿن ۾ سوني جهڑڪي (سنڌ) ڇڏائجي ويندي. تازو ڪجهه ايم آر ڊي جا ليڊر جڏهن گرفتاريون ڏيڻ اٽيا ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلچل ۾ حصو وٺڻ لڳا ته پنجابين ساٿن سان نه ڏنو. پٺائيءَ جو چوڻ سئو فيصد صحيح ثابت ٿيو ته "ڏريان ئي ڏاريا، مٽ مئيءَ جا نه ٽيا" (پنجابيءَ جو ٻچو

ڪنهن سان نہ سچو) پاڪستان ۾ اڪثريت پنجابين جي آهي. پنجابي سادا چار ڪروڙ آهن. پنجاب کي قومي اسيمبلي ۾ 120 سيٽون آهن ۽ سنڌ کي صرف 45، جڏهن ته سرحد کي 11 ۽ بلوچستان کي 9. جيڪڏهن ٽنهي صوبن جون سيٽون گڏ ڪجن تڏهن به پنجابي گهٽائي ۾ ٽيندا. انهن جو فيصلو سنڌين جي نقصان ۾ ويندو.

ان جو هڪ مثال مشهور آهي ته جڏهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي هوليءَ کي قومي هولي قرار ڏيڻ جو بل پيش ڪيو ويو ته ان کي صوبائي زبان جو درجو ڏنو ويو. جڏهن ته سنڌي هولي انگريزن جي دور کان ولي منظور ٿيل هئي.

اسمبليءَ ۾ اڪثري ميمبرن جن اهو بل پاس ڪيو پيپلز پارٽيءَ جا هئا. 62 مان 51 ان بل جي فائدي ۽ حمايت ۾ ووٽ ڪيو ۽ صرف 11 اردودان ميمبرن مخالفت ڪئي. پوءِ غير سنڌين فساد کيا، جن ۾ سنڌين جا گهر لٽيا ويا ۽ وزيرن جي بي عزتي ڪئي وئي. ان تي وفاقي اسيمبلي ۽ سرڪار مداخلت ڪري بل جو منظوري روڪائي، ان ۾ ترميم آڻائي سنڌ کي هن زبانن جو صوبوبنايو ويو. اهو صوبو غير سنڌين جي راضپي لاءِ ڪيو ويو. ان ڪري صوبائي حڪومت جو اختيار ختم ڪيو ويو. تنهن ڪري خوبصورت نعرن ۽ نالن جي آڙ ۾ مظلوم سنڌين کي منجهائي کي ماڻهو پنهنجا مفاد پورا ڪرڻ ٿا گهرن. سنڌين کي ڌارين جي دلالي ڪندڙ سامراجي ايجنٽن کي سجاڻڻ کپي ۽ دودي، دريا خان، هوشو هيمو ۽ ٻين آزاديءَ لاءِ رت هاريندڙن جي رستي ۽ راهن تي هلي پنهنجي منزل ماڻڻ گهرجي. اليڪشن جو انتظار ڪرڻ نہ گهرجي. ڇو ته اليڪشن محڪوم ماڻهن جي مسئلن جو حل ناهي. اسان سنڌي هينئر ننگي آمريت جي قبضي ۾ واکا ڪري رهيا آهيون. پوءِ آئيني جبر مان ئي جان ڇڏائي سگ جو ساهه کڻو.

سنڌي ماڻهو هينئر غلام آهن. جنم قيدين جي حيثيت ۾ زندگي گذاري رهيا آهن. روس جي عظيم الشان ليکڪ ٽالستاءِ جو چوڻ آهي ته، "جيڪڏهن قيدين کي جيلر چونڊڻ لاءِ ووٽ جو حق ڏنو وڃي ته اهي ان مان قطعي آزاد ٿي نہ ٿا سگهن" تنهن ڪري اسان به قيدي آهيون. جيڪڏهن ڪنهن به جيلر (پاڪستاني ليڊر) کي ووٽ ڏئي منتخب ڪيو سون ته ان مان آزاد ٿي نہ سگهندا سون.

اسان سنڌي ماڻهن کي پنهنجو اصلي دشمن سجاڻي متحد ٿيڻ کپي. اسان

۾ غلط فهميون پيدا ڪري افواهه ڦهلائي پٽي کي پنجاب جي جيل ۾ پنجاب جي ڪورٽ طرفان پنجابي ججن هڪ چوڏري ۽ جي قتل ڪيس ۾ ڦاسي ڏني پئي وئي. تڏهن سندس يار غار ۽ "ٽيلينٽيڊ ڪزن" رنگ رليون ملهايون ۽ شوق شڪار پئي ڪيا. پر پوءِ به جيئي سنڌ وارن مٿان الزام هنيو ويو ته جيئي سنڌ وارا خاموش آهن وغيره. جڏهن ته تقريبن سڄي دنيا جي حڪمرانن ۽ ملڪن پٽي صاحب جي سزا معاف ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي. جيڪڏهن سندس ساٿي تڏهن ٽوري تحريڪ هلائن ها ته شايد پٽو صاحب بچي وڃي ها.

پٽو صاحب ته ويچارو پاڪستان ۽ پنجاب ۾ غلط فهمي ۽ ناراضگي پيدا ٽيڙ نه پيو گهري. تنهنڪري چوندو رهيو ته آئون سنڌين کي ماري ماري پاڪستاني بٽائي چڏيندس پر پنجابين کيس ماري ماري سنڌي بٽائي چڏيو. سنڌين ڳاڙهو گهوٽ ڪري سينگاري پنجاب موڪليو هو پر پنجابين اهو ڳاڙو گهوٽ لاش جي صورت ۾ سنڌ ڏانهن ڏياري موڪليو. ان تي جيئي سنڌ وارن سميت هر سنڌيءَ ڏک جو اظهار ڪيو. ماتم ڪري پنجاب کي نندیو. غائبانه جنازي نمازون پڙهيون. ايتري قيدر جو پٽي صاحب جي ورسيءَ کي به يونيورسٽيءَ ۾ ملهايو سون. تعزيتون ڪيون سون ۽ تربت تي گل چاڙهيا سون. پر افسوس اهو آهي جو پٽي صاحب جا ڳوڻائي. ويجها رفيق سندس قاتلن سان ويهي وزارتن جا مزا ماڻي رهيا آهن. ايم ار ڊي ۾ سر گرم رهندڙ همراهه وزير شوريٰ جا ميمبر ٽيا ويڻا آهن ته ڪي اثر رسوخ هلائي پچ ڊڪ ۾ لڳا پيا آهن.

اسان جي ڏهين دوست سروٽي سنڌيءَ جي چوڻ وانگر ته جيستائين سچائي ۽ حقيقت پسنديءَ سان مسئلن جي چنڊ چاڙ نه ڪبي. تيستائين سنڌين جي جذبي تحت گڏجي جدوجهد ڪرڻ جون ڪوششون رد ٽي سگهن ٽيون.

جيئي سنڌ جو ڪارڪن يا اڳواڻ ايترو هٽ ڏرم ڪونهي جو سچائيءَ کان منهن موڙي. اسان هر ڏاڊي. هر جابر. هر ڊڪٽيٽر حڪمران جي شوخ اکين ۾ اکيون اٽڪائي جيئندا رهيا آهيون جيئندا رهندا سون. هن شعر وانگر ته:

اسان هر دور جي حاڪر کي حق جي ڳالهه چوندا سون.
پلي سورين تي سهڪايو ، پلي ميدان ۾ مارايو
پلي ٽانڊن تي ٽهڪايو پلي جيلن ۾ جڪڙايو
اسان سوليءَ تي به حقيقت کان نه هٽندا سون

اسان هردور جي حاڪم کي حق جي ڳالهه چوندا سون.

اسان جي اکين ۾ پاڻي ناهي وڃيو جوڪنهن پنجابيءَ جي گوليءَ جو نشانو ٻڌجندڙ ڏاهيءَ جي تختي تي ٽنگجندڙ سنڌيءَ جي لاشن تي نه هارجي. جڏهن ته پي پي جي دوستن جي سدائين چمڪندڙ اکين ايان هاڻي روئڻ شروع ڪيو آهي. انهن کي خبر هئڻ گهرجي ته جيئي سنڌ وارن جون اکيون شهيد رزاق سومري، قومپرست اشوڪ ڪمار، عبدالقار هالييوٽه، بشير تنئي، جدگال گبول، احسان ميمڻ جي لاش کان وٺي هاڻوڪي هليل هلچل ۾ شهيد ٿيل بهادر سنڌين جي لاشن تي رنوءِ ماتم ڪيو آهي.

اسان ته ورهين کان روئيندا پيا اچون پر اسان جا ڳوڙها ڪنهن به نه اگهيا نه ئي ڪنهن اسان جي ڳوڙهن جو مُلهه ڪٽيو. ڪالهه مسٽر پٽي جي ڳوڙهن اگهيل رومال جي قيمت پنجويهه هزار ٿي هٽي، پر توهان سپاف وارا هيئنر تائين سمجهي ناهيو سگهيا ته توهان جي ۽ اسان جي رت جي دشمن وٽ قيمت ساڳي آهي. ڇو ته توهان جو ۽ اسان جو رت ساڳيو آهي، ته دشمن به ساڳيو، جيستائين توهان دشمن کي سڃاڻن واريون اکيون ناهر ڏاريون تيستائين اسان جي نظرن ۾ رزاق ۽ اشوڪ جا قاتل. ڪير ٿي سگهن ٿا. اهو تاريخ جو اٽل ۽ اٽٽر فيصلو آهي.

ٽڪا خان لاڙڪاڻي ٽواچي ته ان کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پارائي اتان جي پ پ جو ذميوار همراهه اهو اعلان ٽوڪري ته ٽڪا خان سنڌين جي لڇن جو محافظ آهي اسان سنڌي آهيون نه پنجابي ٽڪو. ٽڪا خان بنگالي قوم جي لڇن جو لٽيندڙ آهي. ان کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ٽوڪري سگهجي.

جڏهن اسان کي گرفتار ڪيو ويندو هو ته هر زيادتيءَ سان گڏ تشدد جو پيرو به شروع ڪيو ويندو هو. جيئي سنڌ وارن جي مائرن ۽ پينرن جي عزت به محفوظ نه هوندي هئي. انهن کي ٽاٽن ۾ ٻليون وڌيون ويندون هيون. اهو برداشت ڪيو سون. ٻيو ته پنجابي جنرل پٽي جي ڪلهي تي بندوق رکي بلوچستان تي جيڪا بمباري ڪرائي اهو سڄو ڏوهه به سنڌين جي ڪاتي ۾ لکيو پئي ويو. بلوچن سڄي دنيا ۾ سيني سنڌين کي هڪ پٽي جي ڪري ظالم ۽ ڏوهيءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو. ان دور ۾ اصلي دشمن (پنجاب) جي سڃاڻ ته بنهه ختم ٿي ويئي هئي، پر هڪ پٽي صاحب جي سنڌي هجڻ ڪري سيني سنڌين کي ظالم ۽ ڏوهي تصور ڪيو پئي ويو. ڪيئي جيئي سنڌ وارا پينرن، مائرن ۽ پيئرن

سوڌا جيلن ۾ ڪال ڪوٺڙين ۾ بند هئا. تڏهن به ائين محسوس ڪيو پئي ويو ته سيئي سنڌي عياشين ۾ آهن ۽ اڄ انڪري ئي سنڌين کان ڳٽي ڳٽي بدلا ورتا پيا وڃن ۽ هينئر اصلي ڏوهي، ظالم، ڏڪيٽر مظلوم قومن جا حق غصب ڪندڙ ڳجهو هٿ يعني (پنجاب ۾ پنجابي مستقبل مفاد) سڳ سوڌو ننگي روپ ۾ نروار ٿي وينو آهي.

ايم آر ڊي جي موقف 73ع جي آئين، پاڪستان بچايو ۽ جمهوريت جي بحاليءَ سان اختلاف هيو. چو ته انهن مان سنڌين کي ڪو به فائدو پهچڻو نه هو. تنهن ڪري جيئي سنڌ وارن عملي طور ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو نه ورتو. باقي هر شهر جي، هر ڳوٺ جي هر جلوس، هر جلسي ۾ سنڌين جي حقن لاءِ هلايل هلچل ۾ برابر جا شريڪ هئا. هوڏانهن پ پ وارن کي پڪ هئي ته پنجاب وارا هن تحريڪ ۾ اڳرا هوندا، پر پنجاب وارن کي پنجابي حڪمران ٽولي ۽ اتان جي ليڊر حضرات ڊپ ڏنو ته جيڪڏهن توهان هن تحريڪ ۾ حصو نه ورتو ته پاڪستان ٽٽي ويندو. سنڌ جهڙو سٽيو گرهه جنهن تي اوهان جو روزگار آهي، سو اوهان جي هٿن مان هليو ويندو. پنجابين پنجاب وارن کي بليڪ ميل ڪري ڊيڄاريو ته هي تحريڪ "سنڌو ديش" جي تحريڪ آهي.

هيڏانهن وري پي پي وارن دوستن پنجابين جي ناراضگيءَ جي ڊپ کان جيئي سنڌ وارن کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏنو ته متان پنجابي صحيح ۽ سچ سمجهڻ لڳن ته سنڌ پيپلز وارٽيءَ وارن آزادي چاهيندڙن سان اتحاد ڪيو آهي. تنهن ڪري جيئي سنڌ وارن کي قانوني ۽ سڌي طرح سان تحريڪ ۾ شرڪت جو ڪوبه سڌ نه ڏنو ته ٻئي طرف سنڌ جي پيپلز پارٽي ، ايم آر ڊي ۾ پٽي جي قاتل پارٽين جا ليڊر ايم آر ڊي جا اڳواڻ ۽ ڪنوينئر بڻيا پئي هليا.

تحريڪ استقلال جي اصغر خان قومي اتحاد 1977ع واري پٽو سرڪار خلاف هلايل تحريڪ ۾ هڪ عام جلسي ۾ فوج کي اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو سڌ ڏنو هو ۽ اهو ئي اصغر خان هو جنهن چيو ته لاهور جي مينار پاڪستان وٽ پٽي کي سرعام ڦاسي ڏيندا سون. پ پ وارن پٽي جي قاتلن ۽ جمهوريت جي قاتلن سان سياسي اتحاد ڪيو پر مظلوم قومن سان مشورو نه ڪيو...!!! اصغر خان جي پٺ کي سنڌ جو دورو ڪرايو ويو. مولانا نوراني‌ءَ جو هر هنڌ جمهوريت جي چمپئين جي حيثيت ۾ استقبال ڪرايو ويو. جيڪو سنڌي ماڻهن ۾ غير سنڌين خلاف پيدا ٿيندڙ نفرت کي ختم ڪرائڻ لاءِ هڪ مهم تي نڪتو.

جڏهن سنڌين کي بيدرديءَ سان ماريو ٻڌي ويو. بي کفنو ڪري ڪٽنالن ۾ درياهه ۾ لوڙهيو ويو. تڏهن غير سنڌي تماشو ڏسندا رهيا. هينئر جيڪا سنڌين ۾ غيرن خلاف پڙڪو ڪاڏو آهي تہ ان کي ڏڏو ڪرڻ لاءِ نوراني نڪري پيو آهي. غير سنڌين تحريڪ دوران سنڌين جي حمايت تہ ڪاڪ ڪئي ويتر سرڪار جي مخبري ڪندا رهيا. جڏهن تہ هنن کي هٿي رهڻو آهي. سنڌ جو نيمڪ ٿا کائن سنڌ جو وفادار ٿيڻ کپين چو تہ:

هيءَ ڏرتي ناهي ڏوتن جي. هت ڏاريو بنجي رهندو جو
هي ديس انهيءَ کي چڏڻو آ. يا سنڌي بنجي رهڻو آ.

ايم آر ڊي تحريڪ لا شعوري طرح سنڌين جي آزاديءَ جي تحريڪ بڻجي ويئي. هن تحريڪ سنڌين کي اهو شعور ڏنو تہ هر مظلوم ۽ محڪوم قوم کي پنهنجي حقن لاءِ هر ميدان ۾ اڪيلو ئي وڙهڻو پوندو آهي. اهي ماڻهو جيڪي اها دعويٰ ڪندا آهن تہ پنجاب ۾ مظلوم طبقو موجود آهي تہ پوءِ اهو مظلوم طبقو ۽ قوم سنڌين جي تحريڪ مهل ڪاڏي غائب ٿي ويو؟ ڇا هيروئن جو پائوڊر پي سياسي نندڻ ۾ سمهي پيا هئا. هن دور ۾ هر ماڻهوءَ وٽ قومي مفاد سڀ کان وڏيڪ اهميت رکن ٿا. نہ طبقاتي مساد...!! ملتان ۽ پٽ فيڊر ۾ جڏهن مظلوم طبقن تي ظلم ٿيندو آهي تہ هتي جا طبقاتي جيوڙا ٻرن مان ٻوٽ ٻاهر ڪڍي انهن ظالمن کي ننديندا آهن. پر جڏهن هت سنڌي مظلوم سان ظلم ٿيو تہ ڪنهن بہ پنجابي طبقاتي جيوڙي کي کوبہ کهڪاءُ نہ آيو. بلڪل ائين جيئن مظلوم بنگالي پنجابين جي گولين جو شڪار ٿي رهيا هئا. تہ مائوزيتنگ جهڙو انقلابي ليڊر ۽ طبقاتي چيمپيئن نہ رڳو خاموش رهيو پر پاڪستان ۾ پنهنجن مفادن کي ترجيح ڏيندي فوجي آپريشن جي چين طرفان بہ حمايت ڪئي ويئي هئي. هن تحريڪ ۾ پڻ پنجابي طبقاتي جيوڙن جو ساڻيو ڪردار رهيو. پنهنجي وحشي درندن ۽ حيوان صفت خاڪي وردي پوشن جي حمايت ڪيائون.

مونکي ياد ٿو پوي تہ پٽي صاحب جي موت تي هڪ بنگالي شاعر هڪ شعر ۾ چيو هو.

"اي شهيد پتا...!! تون قيامت ڏينهن شهدي ڏجانءِ
تہ تون ۽ مان هڪ ئي هٿيار سان ماريا ويا آهيون
تنهنجو منهنجو قاتل ساڻيو وردي پوش آهي

اي ذوالفقار پٽا! قيامت ڏينهن شاهد هجانءِ
تہ تنهنجو منهنجو قاتل ساڳيو پنجابي آهي."

جيستائين ايم آر ڊي جو اهو موقف آهي تہ انهن پاڪستان بچائڻ جو ٺيڪو کنيو آهي تہ پوءِ پنهنجو ان بابت موقف هي آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن گهر جون ديوارون، قيدخاني جي بائونڊري وال بڻجي وڃي، تڏنهن ان ديوار جو تحفظ ڪرڻ بجاءِ ان جون پاڙون پيڙهہ کان اکيڙڻ ڪپن. پاڪستان پٽي صاحب جو لاش ڏٺو. پاڪستان رزاق ءِ اشوڪ جو خون ڪيو. پاڪستان احسان ميمڻ ءِ نذير عباسي ۽ سميت ڪيترن شهيدن جا لاش تحفي ۾ ڏنا. تہ پوءِ بہ ان گهر کي بچائڻ جي ڳالهہ ڪرڻ ڪيڏي نہ منافقي ءِ مصلحت پسندي آهي، جنهن گهر کي اسان پنهنجو گهر ئي نہ ٿا سمجهون، ان سان اسانجو ڇا؟

پاڪستان هڪ اهڙي هار جيئن آهي، جيڪو درياهہ ڪنڌيءَ ڪڏي رهيو آهي. سو اڄ نہ ڀڙي سياڻي ضرور ٻڌي. نيٺ تہ ٻهندي ڪيسين رهندي دوکي جي ديوار، جنرل بہ ساڳي پاڪستان بچائڻ جي ڳالهہ ٽوڪري، باقي پاڪستاني ليڊرن ءِ جنرلن جو اختلاف شايد اقتدار تي آهي، جنهن تي رساکشي شروع آهي. دراصل چهرن جي تبديلي ڪارگر ناهي، هڪڙو جنرل هٽندو وري ٻيو نازل ٿيندو. سنڌي چوٽيءَ وانگر تہ "ادو مئو ادي ڄائي اسين اهڙا جا اهڙا." جيستائين جمهوري حقن جو سوال آهي تہ پاڪستان جي حدن ۾ جمهوريت جي ڳالهہ ڪنڊ خوابن جي دنيا ۾ رهن ٿا. غير فطري ملڪ ۾ ڪوبہ فطري نظام ناهي هلي سگهندو. اهڙن ماڻهن کي تاريخ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. پاڪستان ۾ جمهوريت جي سج تي سدائين گرهڻ جو ليپو نظر ايندو.

هاڻوڪين سياسي حالتن ۾ جمهوريت جي تحريڪ جي ڪاميابي هڪ تہ ناممڪن آهي ٻيو تہ جمهوريت جي ڪاميابي، ٻي صورت ۾ هڪ قاتل جنرل کي هٽائي، ٻي قاتل جنرل کي ڪرسي ونڊائي ڏيڻي آهي. يعني جنرل ضيا ويو تہ جنرل ٽڪا خان لاءِ راهہ هموار ٿيندي. جنرل ضيا پٽي ءِ ٻين مظلوم سنڌين جو قاتل آهي تہ جنرل ٽڪا جي چهري تي وري پنجهٽ لک بنگالين جي رت جا نشان موجود آهن. اهو ائين جنهن ۾ قومي حق کسيا ويا هجن، قومن کي قيد ڪيو ويو هجي، ان آئين جي لاءِ تحريڪ هلائڻ ڪهڙي دانشمندي آهي، ڪٽي جي سياست آهي. ذوالفقار پٽي سان جيڪي اختلاف هئا، اُهي ان ڏينهن ئي ختم ٿي ويا جڏهن پنجابين کيس قاسي ڏني. اهي قاتل تہ پاڻ ئي پارٽ جي قيد

مان ڇڏايون آيو هو. اکين ان لڄ ۾ نہ ماريو!

1973ع وارو آئين اهو آئين آهي، جنهن ۾ قومن کي قيد ڪري انهن جي جياپي تي زنجير وجهي انهن جي خودمختياري ۽ آزادي ختم ڪئي ويئي آهي. جڏهن آئين جو جوڙيندڙ چوي ٿو ته اهو آئين اڌورو آهي ته پوءِ ڪهڙي مصلحت تحت واويلا مچائي ٿي وڃي؟ حقيقت ۾ آئين جوڙڻ سنڌي قوم سان غداري ڪئي وئي آهي.

جيڪڏهن جيئي سنڌ وارا ايم آر ڊي سان گڏجي جدوجهد سنڌين جي زمين انعام طور ڏني وڃي ٿي. انهن جي انهن ناجائزين خلاف سنڌين آواز اٺاريون ته کين جيل موڪليو ويو ۽ کين گوليون برداشت ڪرڻو پيون.

جڏهن پهرئين مارشل لا سنڌ ۾ لڳي هئي تڏهن سرڪش ماڻهن کي ڪچلڻ لاءِ آبادي کي ٽورائي ۾ آڻڻ لاءِ انگريز سرڪار پنهنجي وفادار ۽ چمچن فوجين لاءِ چيڪن جا چيڪ حوالي ڪيا. هينئر فقط گدبو بٹراج جي ساڄي ڪپ تي پنج لک ايڪڙ زرعي زمين فوجي فائونڊيشن ۽ ڊفينس فورس کي انعام طور ۽ اسلام آباد ۽ منگلا ڊيم جي متاثرين جي نالي ۾ سول نوڪر شاهي ۽ ملٽري وارن کي ڏني وئي آهي.

بدين ۾ ڪورائي ديهه سڄي پنجابين کي ڏني وئي آهي. ايف آءِ آر چڪ ۾ پنجابين جي هر هڪ ڏڳي (سانڍ) لاءِ 15 ايڪڙ زمين پئي آهي. ڊفينس فورس جي بهاني چيو ٿو وڃي ته سرحدي حدن ۾ فوجين کي آباد ڪري ملڪي سالميت کي مضبوط ڪيون جو سراسر سنڌين جي زمين والارڙ لاءِ هڪ ڊونگ آهي. روهڙي، پنو عاقل، گهوٽڪي، ميرپور ماٽيلو اوباوڙي ۽ بين علائقن ۾ زرعي زمين پنجابين جي حوالي ڪئي ٿي وڃي. بدين ۾ سنڌين کي تنگ ڪري پاٽي نہ ڏئي زرعي زمين چڏڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. تازو ڳوناٽن هلچل ۾ پرپور حصو ورتو ته ان تي ناراض ٿي ملٽري وارن کين اڳتي لاءِ سبق سيکارڻ لاءِ سنڌين جي چرپر تي 24 ڪلاڪ نظر رکڻ لاءِ تعلقي پني عاقل ضلعي سکر جي اڳواٽن ٻيلن جيڪي انگريزن جي حڪومت ۾ سنڌي هارين جا هئا. صالحاٽي، سعيدپور هنگورو جي 17 هزار ايڪڙ زمين تي فوجي ڇانوٽي ٿهرائڻ جو منصوبو سڻيو آهي. جڏهن ته اهو منصوبو 2 سال اڳ پنجاب کي سنڌو ديش تحريڪ جو نالو ڏيئي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي. ان مان ظاهر آهي ته اهي سنڌو ديش جي لفظ کان ڪيترو نہ ڊنل ۽ خفا آهن بين لفظن ۾ اهو

ٻ جي ايم سيد جي عظمت جو اعتراف آهي. ڇو ته "سنڌو ديش" جو خيال سڀ کان اول ان جو پيش ڪيل آهي. جن تحريڪ جو محرڪ سراسر سنڌي قوپرستي آهي. جنهن جي ثابتي ان مان ملي ٿي. جيتوڻيڪ پ پ جو ستر سيڪڙو پنجاب صوبي مان هو. ان جي باوجود پنجابين تحريڪ ۾ ڪوبہ بهرو نہ ورتو.

ارغونن کان وٺي سنڌي هيتري عرصي ۾ ائين نہ اڻيا جيئن هاڻي پاڪستاني فوج خلاف اڻي کڙا ٿيا. اهو اديبن، شاعرن فنڪارن ۽ محب وطن قومي ڪارڪنن جي محنت ۽مشقت جو نتيجو آهي. سنڌ ۾ ڪيل ورسين، سيمينارن، سالگرهن ۽ اجتماعن جو اجورو آهي. جيڪي شهيد ٿيا آهن، انهن هنڌن تي يادگار ناهڻ کپن جن کي ايندڙ ويندڙ سلام ڪري. سندن بهادريءَ جي ساراهہ جا ڏيڪ پري. اها پهرين هلچل هئي، جنهن ۾ گذريل ٽن سئو سالن کان پوءِ ڳوناٽن ماڻهن پرپور حصو ورتو. جيڪو وٽن هو سو سِر سوڏو قربان ڪيائون.

تازو لاهور ۾ ٽيل چوٽين سڄي پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس جي موقعي تي سنڌ جا ٻہ مشهور دانشور علي احمد بروهي ۽ نياز همايوني ويا. انهن تي هڪ ريزوليشن پيش ڪيو ويو. جنهن ۾ چيل هو ته "سنڌ ۾ تازو پيدا ٿيل ڏکوئيندڙ خبرن جي باري ۾ ظاهر ٿا ڪريون ۽ سيني کي سنڌ قتل ۽ غارت کي بند ڪرائڻ جي اپيل ٿا ڪريون. سنڌ جي ماڻهن کي تکليفون پنهنجي سرسبز ڌرتيءَ تي ڏارين ماڻهن ڏنيون. کين روزگار ڏيڻ کان انڪار ڪيائون. پاڻ کي سڏارڻ جا موقعا ڳوليائون. پر سڄي طاقت وڙهڻ تي لڳائي فيصلي جو ڪو نہ رستو نہ ڇڏيو ويو. جيئن پوءِ تيئن مظلوم ماڻهن جون ڪيتريون قيمتي جانيون ڇڙيون هٽنديون رهيون.

سنڌين سان هر شعبي ۾ ناانصافيون ٿي رهيون آهن. انڪري روڊن تي نڪري آواز اڀارينداً رهيا. نوڪرين ۾ پنجن هزار پويان سنڌين کي هڪ ٻہ نوڪري نٿي ڏني وڃي. پاڪستان ايئر فورس (پي اي ايف) ۾ 23 هزارن مان سنڌي صرف 3 سئو نوجوان نوڪريءَ ۾ آهن. اهڙين حالتن هوندي جيڪڏهن سنڌي احتجاج ڪري آواز اڀارين تہ انهن کي پاڪستان دشمن، علاقائي تعصب رکندڙ جهڙا لقب ڏئي ماڻ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. جيڪڏهن ماڻ نہ ٿا ڪن تہ انهن کي گولين ۽ ڦٽڪا هڻي هميشہ لاءِ ختم ڪيو ٿو وڃي. ان لاءِ ڪيترن، سياستدانن کي ڊيڄاريو پيو وڃي لالچون ڏنيون

ٿيون وجن زبان بندي ، نظر بندي، فڪربندي ۽ شعور بنديءَ جا ڪاراقانون مڙهيا ٿا وڃن. اهڙيءَ طرح سان پاڪستان قائم ٿيڻ بعد سنڌي گهر ۾ ئي قيد ۽ محڪوم ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ ڪيتري آبادي لائق زمين پاڻيءَ جي گهٽتائي سبب غير آباد آهي. ان کي آباد ڪرائڻ لاءِ سنڌ سرڪار پنهنجي ئي پٽسي مان ٻه نوان بئراج ڪوٽڙي ۽ گدو بئراج کوٽائي لکين ايڪڙ زمين پوک هيٺ آڻڻ جو انتظام ڪيو. جنهن تي اٽڪل 14 ڪروڙ رپيا سنڌ سرڪار جو خرچ آيو. سنڌين کي اميد ٿي ته زراعت پيشه پنجاهه لک بي زمين هارين کي اهي زمينون ڏيئون ويندیون پر ائين نه ڪيو ويو بلڪ انهن بئراجن تي سرڪاري خرچ تي لکين ايڪڙ زمين هموار ڪرائي غير سنڌين ۾ تقسيم ڪئي ويئي. باقي زمين کي نيلام ڪيو ويو. جنهن صورت ۾ نيلام ڪندڙ عملدار اڪثر سنڌي هئا. انڪري هنن اهڙي پاليسي اختيار ڪئي، جو انهيءَ نيلام ڪيل زمين جو گهٽو حصو غير سنڌين جي حوالي ٿيو. هينئر ڪوبه فوجي رٽائر ٿو ٿئي ته ان کي هميشه لاءِ سنڌ جي زمين ڏني وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪو پنجابي ڪشتي يا باڪسنگ ۾ ڪٽي ٿوان کي به ماڇڪي پرسان سٽيو ويو هو پر اتان جي چوڌرين جي مخالفت سبب اهو ڏڇو به سنڌ ۾ ٽي رهيو آهي. علائقي جي سروي ٽي چڪي آهي. ڪو ڪور ڪمانڊرن ۽ ڪرنلن جا دورا معمول بنجي ويا آهن. انهن لاءِ نوان هيلي پيڊ ٺهي چڪا آهن. اتي رهندڙ سنڌي ماڻهن کي تنگ ۽ پريشان ڪري لڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. علائقا خالي ڪرڻ لاءِ آرڊر ڏنا پيا وڃن. جڏهن ته چانوٽيون دنيا جي انهن ملڪن ۽ انهن ايراضين ۾ قائم ڪيون ويندیون آهن ، جيڪي غير آباد هوندیون آهن، پر هتي ڪيئي سرسبز باغ ٽيوب ويل مسجدون، اسڪول، قبرستان ۽ وسنديون موجود آهن، تنهن هوندي به لکين ماڻهن کي بي گهر ڪرڻ لاءِ تياريون ڪيون پيون وڃن.

اهڙو ڪو انڌير جهڙو سرتيون سنڌ سان ڪهڙا هاڃا ٿين بري هن پنهور ۾.

تازو پنجاب ۽ سرحد ۾ نوان بئراج ۽ ڪئنال ناهيان ويا آهن، جنهن سان سنڌ جي پاڻيءَ جو حق کي خيال ڪيو ويو. هن معاملي ۾ سنڌ حڪومت پاران پيش ڪيل تجويزن ۽ حجتن تي وفاقي سرڪار پاران سنڌ کان بدلا وٺڻ شروع ڪيا ويا. اها ڪهڙي ملڪ دوستي چئبي، جڏهن پاڻي پورو نه ملندو پيداوار نه ٿيندي ته پنجاب جا اين ايل سي جا ٽريلر جيڪي سنڌ جي روڊن تي بيدردي ۽ لاپرواهي سان حادثا ڪري ماڻهو ماري رهيا آهن. اهي پنجاب ڏي ڇا

ڊوئيندا؟

هوڏانهن پنجاب جي تربيلا ڊيم تي هڪ لک ڏهه هزار ٽن سيمنٽ جا خرچ ڪيا وڃن ٿا پر سنڌ ۾ هڪڙو ٽيوبويل به قرض تي نٿو هٽڻ ڏنو وڃي.

هينئر سنڌي ماڻهن کي هڪ هڪ ڪري ماريو پيو وڃي. سنڌي نوجوانن کي هڪ طرف کان رسٽيڪيٽ ڪيو پيو وڃي ته ٻئي طرف انهن تي ڪرمنل الزام هٽي تعليمي ادارن کي بدنام ڪيو پيو وڃي. هوڏانهن سنڌي ماڻهن کي ڏاڙيلن جي روپ ۾ پيش ڪري انهن کي گوليون هنيون پيون وڃن. مختلف پارٽين کان ڏاڙيلن جي خاتمي جا مطالبا ڪرايا پيا وڃن. اهي ڪيترا نه سادا ماڻهو آهن. جيڪي چورن ڏاڙيلن جي خاتمي جي اميد خود چورن کان ڪري رهيا آهن ۽ پاڪيزه معاشري جي تعمير ڪرڻ جي توقع آمرن جي جدوجهد ۾ رکن.

تازو سنڌ جي ڪچي جي ڪيترن ئي غريب ڳوٺاڻن جا گهر ساڙيا ويا. انهن تي ڏاڙيلن کي ماني کارائڻ ۽ سجاڻڙ جا الزام هٽي تنگ ڪيو پيو وڃي. انهن ڳوٺن ۾ رمضان لاشاري نئون ڳوٺ جي پرسان. سونا ٻنڊي ٻيلو ۽ ٻيلي ۾ چانڊين جا ڳوٺ. محمد خان پيرزاده ۽ اڪن پيرزادو ڪنيڙاٽي. احمد علي سرگاٽي انهن لڳ ڪلهوڙن جا ڳوٺ آهن. تن جا گهر ۽ فصل ساڙيا ويا. عورتون گرفتار ڪيون ويون. مال ڪاهيو ويو ۽ ڪهي کاڌو ويو. رمضان جا ٻاڻ. گهارو ڳوٺ. سيري ڳوٺ آکيرو ڳوٺ. آنبهه. سهلاٽي. دڙو ڳوٺ ۽ ٻيا شامل آهن. جن کي واري واري سان حرن ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلريءَ وارن گذرگاهه بٽائي تباهه ڪيو آهي. درياهه جون ٻيڙيون بند ڪيون ويون آهن. تازو جمالي پٽڻ لڳ ڳوٺ چڪرو وٽان ٻهراڙيءَ جا ماڻهو مينهن جو سهارو وٺي ترندا پئي آيا ته ڪپ تي ويٺل پوليس متن فائرنگ ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو به مري ويا ته مينهون ۽ درياهه رت سان ڳاڙهو ٿي ويو. پوليس بعد ۾ هٽايو ته انهن کي ڏاڙيل سمجهي ماريو ويو.

سنڌي ماڻهن کي اهڙي طريقي سان هيسائي گهٽو وقت غلام رکي نٿو سگهجي . سنڌي ماڻهو هڪ غيرمعمولي انساني جنس آهن. انهن سان انهن جي مزاج پرسي مطابق سلوڪ روا رکي وفاداريون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. انهن تي خوامخواهه دهمان ڪيو ويو يا تشدد ذريعي زير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته اهي مڇرجي اشتعال ۾ ايندا آهن. انهن جي ظاهري سادگي ته نه

وڃڻ کپي. اهي وڏا بيباڪ آهن. جڏهن وڙهڻ ۾ مرڻ تي لهي ايندا آهن تہ ڪجهہ بہ نہ سوچيندا آهن. موت کي مذاق ۾ رت کي راند سمجهندا آهن. ميائي ۾ ڏهي جي لڙائي ۾ لهي لئين. ڪهاڙين ، ڏاتن، گهوباتن، ڏنڊن، پراٽين تلوارن ۾ هٿين خالي انگريزن جي توبن، بندوقن ۾ سنگينن جي مقابلي ۾ سينا تاڻي آيا هئا ۾ هزارن جي تعداد ۾ شهيد ٿيا. هن شعر وانگر تہ:

هٿين، ڇڪين، ڪاتين وڙهج ويريءَ ساڻ
پهرين مارج پاڻ، تہ سوپ ملئي ستڙي

تازو سرڪار 14 آگسٽ ملهائي، جنهن ۾ هر شهر جي ٽريفڪ سارجنٽن جي معرفت ٽانگن، ڏاتسنن، بسن ۾ ٻين گاڏين تي پاڪستان جو جهنڊو لازمي هڻڻ لاءِ حڪم نادري ڪيو ويو. ماڻهن مجبور ٿي جهنڊا هنيا. مونکي دادوءَ ۾ هڪ ٽانگي واري سولنگيءَ ٻڌايو تہ جيڪڏهن جهنڊو نہ هڻبو تہ چالان ٿي ويندس. ڏاتسنن جي روٽ پرمٽ رد ڪئي ويندي. ماڻهو جهنڊو مجبور ٿي هڻن ٿا. ائين جيئن ڪو جنم قيدي جيل جي سزا ۾ معافي ختم ٿيڻ جي خوف کان ڊجي قيدي ٽلها ڪپڙا پائيندو آهي. جنهن کي پاتل ڪپڙن سان ڪا بہ دلچسپي نہ هوندي، پر مجبور هوندو آهي. ان سلسلي ۾ تازو سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ جي هاسٽل ۾ سنڌي شاگردن کي جوش ڏياري، انهن جي آڏو سنڌين خلاف نعرا هڻي. پاڪستاني جهنڊو ڦڙڪائي انهن کي جواب ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو. جنهن تي ايڊائي سئو شاگرد گرفتار ڪيا ويا آهن. ڪن تي قتل جا ڪيس قائم ڪيا ويا آهن. سنڌي شاگردن تي تشدد ڪيو پيو وڃي. ٻڌڻ ۾ پيو اچي تہ پنجابي غنڊن کي سنڌي شاگردن تي فائرنگ ڪرڻ جي هوشي وفاقي وزير راجا ظفر ڏني هئي. جيڪو انهن ڏينهن ۾ ڪراچي آيل هو. اسان جا سنڌي وزير تہ رهگو ييس مين بڻيا ويٺا آهن. جيڪڏهن جنرل ضيا منجهند ٽاڪ جو هڪ وڳي نهاري چوي تہ او هو آسمان ۾ ڪتي بيٺي آهي تہ وزير سڳورا همنوا ٿي چوندا ها سائين برابر ٽيڙو بہ پرسان بيٺو آٿس. پنجابي وزير سنڌي چوڪرن کي مارائن ٿا ۾ سنڌي وزير پنهنجن کي بچائڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪن. اختيارات مورڳو اٿن ئي ڪونہ. پيا ونگار وهن. اهي پاورليس وزير سرڪاري ڪار بہ سيڪريٽري جي اشاري ڪانسواءِ هلائي نہ ٿا سگهن هرون پرون سادن ماڻهن کي پنهنجي استقبالن جي جلوسن ۾ ڪارن جي اڏامندڙ ڏڏ ۾ بہ ڊوڙندا وتن. انهن جو ڪوبہ ڪم نہ ٿا ڪن. اڳئين سال

هڪڙي سنڌ جي تعليم جي وزير شاهه لطيف جي ميلي تي موڪل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو پر سنڌين ان جي گهاٽي سرنهن ۾ ڏني. لطيف جي ميلي تي موڪل تہ ڪانہ ٿي رهندو ويچاري ڪان تعليم جو شعبو پڻ ڪسيو ويو. هڪ غير سنڌيءَ کي سنڌ جو وزير تعليم مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن کي سنڌي ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي..!!

سنڌ ميڊيڪل ڪاليج جي سنڌي شاگردن کي بيگناهہ گرفتار ڪري. انهن کي تعليم کان محروم ڪيو ٿو وڃي. سنڌي شاگردن جي هٿن مان قلم ۽ ڪتاب کسي هٿ ڪڙي پارائي ٿي وڃي. انهن کي مجبور ڪيو ٿو وڃي تہ اهي ڪراچي ۾ تعليم نہ وٺن. ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا سمجهيو ٿو وڃي. جا غير سنڌين جي سازش آهي. انهن کي سمجهڻ کپي تہ ڪراچيءَ سنڌ جي سسي آهي. اها ڏڙ کان جدا ڪڏهن ب رهي نہ ٿي سگهي. سنڌين کي گرفتار ڪيو ويو آ. پر پنجابي آزاد آهن. سنڌين لاءِ قانون هڪڙو آ. پنجابين لاءِ ٻيو. هڪ سنڌي وزير اعظم کي صرف ارادي خون جي ڏوهہ ۾ تہ قاسي ڏني وئي. پر سنڌين تي سڌو سنئون فائرنگ واري واقعي جي (جنهن ۾ هڪڙو فوت ۽ ڪجهہ زخمي ٿيا) عدالتي تحقيقات ب نٿي ڪرائي وڃي! انگريزن جي هڪ حقيقت پسنديءَ واري پاليسي هئي. انتهائي ڪشمڪش واري دور ۾ سندن سلوڪ جو مثال ٻڏو: خلافت تحريڪ جي زماني ۾ حيدر آباد ضلعي جي مٽياري شهر ۾ حڪومت خلاف جلوس نڪتو جنهن تي هڪ ڏيوٽي مئجسٽريٽ جي حڪم تي پوليس فائرنگ ڪئي ۽ هڪڙو ماڻهو مري ويو.....! ان واقعي تي انگريز ڏکي ويو ۽ ان ازخود فورن تحقيقاتي ڪميشن مقرر ڪئي. ماڻهن جي حوصلہ افزائي ڪئي وئي تہ جيئن اهي بنا ڊپ جي ڪميشن آڏو اچي پنهنجون شاهديون ڏيئي سگهن. ڪميشن آخرڪار ڏيوٽي مئجسٽريٽ کي قصوروار قرار ڏنو. مجرم مئجسٽريٽ کي فورن ڊسمس ڪيو ويو ۽ آفيشل گزيٽ جي هڪ خاص اشاعت ۾ ڪميشن جي رپورٽ شايع ڪئي وئي. حڪومت ظاهر ظهور افسوس جو اظهار ڪيو ۽ خون جي قيمت پري ڏني ويئي. معاملو ٽڏو ٿي ويو. انگريز ڪافر غاصب هو. مگر هو بحيثيت حڪمران ان جي پاليسيءَ ۾ هڪ قسم جي لچڪ ۽ نرمي هئي.

تازو ڪيترائي سنڌي بيگناهہ ماريا ويا. مطالبا ٿيا تہ عدالتي تحقيقات ڪرائي وڃي. پر ڪو ب ڪڙ تيل نہ نڪتو. الٽو مطالبا ڪندڙن کي جيل جي هوا

ونرائي ويئي. انگريز ڪٽا ڪافر هئا. هي مسلمانن ۾ اسلام جا علمدار ۽ پاڪستان جا رکوالا. فرق ضرور رهڻو آهي. بهرحال اهي وسري نٽا سگهن جن قومي غيرت، انسانيت جي عزت ۽ آزاديءَ لاءِ قاسيءَ جي ڏنڊن کي چميو. پنهنجا جسم گهاڻن ۾ پيڙيا. قاتلن جي تلوارن کان ڪنڌ نه ڪيايا. مرڪندي زهر جا پيالا پيتائون. مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ لوهين ديوارن سان ٽڪرايا. جبل جهاڳيائون. زندان ۽ زنجيرن ۾ جڪڑيا ويا. پهاڻن کي پير جي پٽي بڻايائون. ڏونگر ڏوريائون. حقن جي حاصلات لاءِ روڊن تي ڪٽجي مري ويا. پنهجين چاتين تي گوليون جهليائون. شهادت جا جام پيتائون. پنهنجا سر ڪٽائي سنڌ جي عزت رکيائون. تن کي دل جي گهرائين مجهان سلام هجن. هن سنڌي شاعر جي ڪلام وانگر:

سنڌ جا شهيد اوهان تي سئو سئو سلام آ
سنڌ سان اوهان ته پاڙيو آخر انجام آ
سنڌين جي شان سان ٽي اوجي سري ويئي
ڏيهن ۾ سنڌ جو ڪيو اوجتو ته نام آ
سنڌ جا....

دادوءَ جي دل ڏٺي سون موري جي موج مستي
ناٿن شاهين ملهائي آخر ته هوڏ هستي
قربانين جو قوم کي پهتو پيغام آ
سنڌ جا....

باهيون لڳيون بدين ۾ جاڳي پيو نٽو
ڪنڊڪوٽ ۾ گولين جو ڪيڏو آ مينهن اُٽو
ظالم جي زور کي ڏنو جو ڏن لغام آ
سنڌ جا....

لاکاٽ جا جتوئي ويرن سان ائين وڙهيا
اپ ۾ جيئن ستارا، اونده ۾ آهن ڪڙيا
سڪرنڊ جي سورهين اڏيو دشمن لاءِ دام آ
سنڌ جا....

نوشهري جي نرن مرڪي تہ ڪنڌ ڏنو
هالا. شڪارپور ۽ نہ ڪرنل ڪان آ ڏنو
پنجاب لاءِ ميرپور ٽيو ويٺنام آ
سنڌ جا...

ريگن جا پٽيلا بنگال جا نيازي
ڪعبي مٿان هلائي گوليون ٻڌيا تہ غازي
هاڻي نہ دوکو هلندو جاڳيو عوام آ
سنڌ جا....

غلام مصطفيٰ جتوئيءَ تي جناح جي تربت جي بي حرمتي ڪرڻ جو الزام ۽ آهي. سرڪاري بيان ۾ چيو ويو تہ جتوئيءَ کي آرڊيننس 6 ۽ 8 تحت جهليو ويو آهي. بيگم شميم اين ڊي خان فريده خانم نورجهان سومرو ۽ ثريا پٽيل ۽ گرفتار . ڪيترن سياسي پارٽين جي ماڻهن ريگل چوڪ تي گڏ ٿي احتجاج ڪيو.

دادو پوليس ٽاڻي پرسان بم جو ڌماڪو. تاج محل سينيما لڳ ۽ جمالي شاپنگ سينٽر تي پڻ بم اڇليو ويو.

ميرپور ماٿيلو پرسان پنج گاڏيون ساڙيون ويون.

ضيا کي فوج ۽ علمائن جي حمايت حاصل آهي (نيوز ويڪ) ڊسٽرڪ جيل دادوءَ تي حملو 103 قيدي فرار.

شڪارپور ۾ قيدين کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش. ٻن پوليس چوڪين تي حملو.

ايم آر ڊي جي تحريڪ وطن دشمني آهي. لاهور جا اڳواڻ.

قدوس بهاري ايم آر ڊي خلاف تحريڪ هلائيندو.

ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ملڪ دشمن جو قبضو آهي. هنگامن جو سنڌ تائين محدود رهڻ ملڪي سالميت لاءِ خطرو آهي. (آمريڪي ارڪان ڪانگريس جا خدشا)

لنڊن ۾ پاڪستاني سفارتخاني آڏو ٽيل مظاهري ۾ علحدگي پسند ماڻهن جي اڪثريت شامل هئي. بي بي سي

پنجاب. سرحد . بلوچستان ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ ناڪام وئي

(آمريڪي اخبارن جا تجزيا)

ايم آر ڊي تحريڪ تي "سنڌو ديش" جي حامين جو غلبو ٿي ويو آهي. پروفيسر غفور.

سنڌو ديش جي پروپيگنڊه غلط آهي. مرتضيٰ جتوئي

ايم آر ڊي تحريڪ سنڌ کانسواءِ پوريِ ملڪ ۾ نه هلي سگهي. گورنر عباسي.

ايم آر ڊي جي تحريڪ آمريڪي اشاري تي هلائي ويئي: عابد زبيري

ايم آر ڊي تحريڪ جو سنڌوديش سان واسطو ناهي: مولانا امروٽي

عبرت ۽ مهراڻ تي سينسر لڳائي ويئي: مهراڻ جو ايڊيٽر شمشيرالحيدري

سنڌين جي جدوجهد کي نمايان سرخين ۾ لکندو رهيو ڪيس انهيءَ الزام تحت نوڪريءَ تان لاٿو ويو.

قمبر ۾ جيل تي حملو 47 قيدي فرار ڪنڊڪوٽ ۾ به چڪريون.

نواب شاهه جيل ۾ قيدين پنهنجن مسئلن لاءِ احتجاج ڪيو موت ۾ پوليس فائرنگ ڪئي. جنهن ۾ هڪ قيدي غلام نبي سهتو فوت ۽ ڇهه قيدي زخمي. قيدين ۾ جمعو ڪوسو نهال ڪوسو لائق شيخ. غلام مصطفيٰ شر. مدد علي رند ۽ عبدالقادر رند سخت زخمي

ميڊم اندرا جو لاهور ۾ پتلو ساڙيو ويو. ياد رهي ته اندرا گانڌيءَ سنڌين جي قتل عام تي احتجاج ڪيو هو.

لالو ڪيت ٽاٽي تي بم جو ڏماڪو ويهه ڇٽا زخمي.


بلدياتي اليڪشن ۾ بيهندڙ اميدوار جنهن پنهنجو انتخابي نشان شينهن منتخب ڪيو هو سوراٽي باغ ۾ شينهن جي پڃري پرسان بيهي تصوير پيو ڪيرائي ته اوچتو شينهن گجگوڙ ڪئي ته ڪائونسلر بيهوش ٿي ويو.

شاهه لطيف جي ميلي ۾ سنڌي شاگردن هزارن جي تعداد ۾ گڏجي جلوس ڪڍيو ۽ پاڪستان ۽ فوج خلاف نعرا هنيا

ميرپور پٿو شهر جو گهيرو ڪيو ويو.

مشهور وڪيل يوسف لغاريءَ سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلم خلاف احتجاج طور بار ڪائونسل تان استعيفيٰ ڏني.

****



منهنجا جيڪي ڪارڪن ۽ ساٿي اڪيون پوري مون سان گڏ هلن ٿا. پوءِ ڀڏون يا ترون ته گڏ هجون اهڙن مخلص ڪارڪنن مان ميان قمر پٽي به هڪ آهي. جيڪو سياسي ورڪر به آهي ته اديب به. منجهس ڪافي قابليتيون آهن.

سائين جي ايم سيد

قمر پٽي ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. جن مان خاص ڪري سائين جي ايم سيد جي زندگيءَ تي قابل داد آهي. مونکي چگي طرح ياد آهي ته جڏهن اڻون ستين جماعت ۾ پڙهندو هئس. انهيءَ ڏينهن پائو قمر پٽي لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج ۾ جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان سچاتو ويندو هو. اڄ تائين هن سنڌ جي عشق جي منزل ۾ ڪڏهن به پنڌتي پير نه پاتو آهي. هن سورهيه هميشه سچ ۽ حق جو آواز بلند ڪيو آهي. هن وقت تائين ڪيترائي سياسي طوفان آيا آهن مگر هن سيد جي پوئلڳ کي لوڏو به نه آيو آهي. هي پنهنجي مقصد سان انتهائي سچو ۽ وفادار آهي.

بشير خان قريشي

پائو قمر پٽي سنڌ ماتر پومي جو اهو قومي ليکڪ ۽ مرد مجاهد آهي. جنهن جي تقرير ۽ تحرير سنڌ ۾ هڪ نيئن هلچل ۽ سجاڳي پيدا ڪري ڇڏي هئي. پائو هميشه پنهنجي نئين رنگ ڍنگ سان ڪتاب لکيا آهن. ايم آر ڊي تحريڪ ڪتاب سنڌ جي سياسي تاريخ جو اهم دستاويز آهي.

ڊاڪٽر مظهر مغل

پائو قمر پٽي جو ڪتاب ايم آر ڊي تحريڪ، انهيءَ وقت جي ٻرندڙ سنڌ جي ڊاڪيومينٽيشن جو بنيادي ۽ بهترين مثال آهي. ٻين هن ڪان پوءِ تحريڪ بحاليءَ جمهوريت تي لکيو.

ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.